وَسنت وَرکا


بسنت

وَسنت وَرکا
(١)

اي زندگي!
مون تهنجي نگاهن ۾ ڇا ڇا نہ ڏٺو؟
سوريہ، ڪِرڻ، چندر ريکا،
سرُوپ ڪُروپ، انوپ انيڪا
ءِ ڪِرال ڪايا جا بادل!

اي زندگي!
مون تهنجي مکہ مان ڇا ڇا نہ ٻڌو؟
ٻول انوکا، قول انوکا
شيرين شيرين زهر انوکا
ڪن جي ڇٽُ ٿا وياڪل!

قيمت ٣-٠-٠ روپيہ ١٩٥٩ع نيرت ويڙهوءَ ل بسنت



سرڳواسي ڀائي کيمچند واڌومل واسواڻي

Essential ingredients of culture

The Secret of Culture is to learn that a few points steadily reappear, alike in the poverty of the obscurest farm and in the miscellany of Cosmopolitan life and these alone are to be regarded; namely an escape from all false ties, the courage to be what we are, the love of what is simple and beautiful; and independence and cheerful relations. These are the essentials- these and the wish to serve, to add somewhat to the well being of mankind.

Emerson

ڪلچر جا مُول انگ

گمنام گرام جيون جي مفلسيءَ خواهه ناگرڪ جيون جي سروديسڪ ڪچڪول اندر ڪي بار بار نمودار ٿيندڙ جُزوي وصفون ئي هنڊائڻ لائق آهن - پاڻ سان سچو رهڻ ۽ جڙتو لاڳاپن کان پرهيز، خوش خُلق آزاد طبعي ۽ سونهن سادگيءَ لاءِ سنيهه، لوڪ شيوا ۽ منش اپڪار لاءِ چاهه. اِهي ئي گڻ آهن، جن ۾ ڪلچر (سگهڙ جيون) جو رهسيه سمايل آهي.

ايمرسن

ارپڻ پٽر

هي ساهتيڪ گرنٿ (ٻن ڀاڱن ۾) آليمت شرڌا ۽ پريم سان پنهنجي پوڄ پتا سرڳواسي ڀائي ڪيمچند واڌومل واسواڻيءَ جي يادگيريءَ ۾ ارپڻ ٿو ڪريان. جو لڊا آهن وڏا دان جهڙو اُلم دان ڪونهي، سو سنڌي ساهتيه ۽ سنسڪرتيءَ جي پريمين کي وينتي ٿو ڪريان ته هي پستڪ پاڻ پڙهي ٻين کي پڙهڻ لاءِ ڏين، جئن اسان جي ماڻهن ۾ پنهنجي ڀاشا ۽ ساهتيه لاءِ وڌيڪ چاهه اُڀپن ٿئي.

پنهنجي پوڄ پتا جي گڻن جو آءٌ ڪهڙو ورنن ڪريان! هوُ هڪ آدرشي پرش هو، جو گيتا جي سکيا اُنوسار نشڪام ڪرم کي ئي ڌرم سمجهندو هو. گرواڻي ته ڪنٺ هوندي هيس، مگر ننڍي وڏي سان شيل سنتوک ۽ نمرتا ڀاوَ سان ورتڻ جو اَمولڪ گيان پڻ گروُ ڪتيءَ مان ئي پرايو هئائين. سنڌس جهڙو خوش دل ۽ خوش خُلق انسان ٻيو ڪو ڳوليو لڀي. مولڪان ته سنڌس سرهو سنڌر ڪلمک چهرو وسري ئي نه ٿو. ڪيئن نه هوُ منهنجي ڪشور اوستا ۾ مولڪي اپديشٽ سنيهه ۽ پيار سان ويهي سمجهائيندو هو ۽ مهنجا اُڏگل آرا سهندو هو. اهڙي پياري پوڄنيه پتا جو سدا سرهو چهرو اکين اڳيان ٿري اچڻ سان نيڻن مان لڙڪ ڳڙيو پون. ارمان نه سنڌس ديهانت ٻه ڏوُر ديس ۾ اڻمنداٽنو ٿيو. ڪجهه وقت صحت بگڙڻ سبب دوا درمل

فهرست

لاءِ پرديس وڃڻ واجب ڄاڻائين. اسان کي کهڙي ڪل
ته پکي اُڏامي پرواز ڪري ويندو. ليڪن ڀڳونت جو ڀاڻو
مٿو ڪري ڀوڳڻو ئي آهي. هن جڳت ۾ سرجڻهار جيڪي
سرجيو آهي، سو اڄ آهي سڀاڻ ناهي. آد ڪان اهو ڪال
چڪر پيو ڦري ۽ انت تائين ڦرندو ئي رهندو. مگر آءٌ
پنهنجي پياري جنمداتا کي وساري نه ڪين ٿو سگهان.
آشا اٿم ته منهنجا سنڌي ڀائر هي سندر پستڪ پڙهي
منهنجي سرڳواسي پتا کي آسيس ڪندا ته ايشور سندس
آتما کي سکي رکي.

پوڄ پتا جي چرنن ۾

بمبئي	رام چند کيمچند واسواڻي
۲۱ جون ۱۹۵۹	۴۹۹ ڪالبا ديوي روڊ
	بمبئي ۲

٨٦	٥	حالو	هالو
٩١	١٧	گڙدي	گردي
١٠١	٢	سيلهائجي	سيلهائنجي
١١١	١٢	بلغار	يلغار
١١١	٢٣	ٿهڪندڙ	ٽمڪندڙ
١٤٤	١٣	بوربي	ٻُوربي
١٩٠	٢	Spengled	Spangled
١٩٠	١٥	بازي	باري
١٩٤	١٢	من	(ڪيڏي چڙهيو)
٢١٤	٦	پينسيلن	پينيسلن
٢١٤	١٧	ڪوڙ	ڪُور (الڏو)
٢١٨	٥	Conrete	Concrete
٢٢٢	١٥	ائڊيس	ائڊيسن
٢٢٣	٦	ڪري پنيان "ء" ڪيو	
٢٢٥	٢١	ٽربيت	تربيت

باقي ڪي جزوي لفظا ء ڪامائون خود درست ڪريو.

ڀلنامو

صفحو	سٽ	غلطي	صحيح
۳	۱۲	جا	۽
٦	۱۲	وار	ڏل
۷	۲۰	کارد	کاردار
۱۱	۲۳	والگر (کڍي ڇڏبو)	
۱۴	۱٦	آهي (ڀڄاڻا)	نہ ڪڏهن
۱۷	٥	لونيتا	لوهنتا
۱۷	۱۱	ويششتا	وشيشتا
۱۹	۱۷	وستار	دستار
۳۴	۲۲	هکوا	هکوار
۳٦	۱۸	اڏي ڀنيان دم (٠)	
۴۱	٥	مٿي	تي
۴۴	۱	ڏن	فن
٥۱	۱۴	عمارت سازيءَ ڪانپوءِ (،) ڪاما	
٥۳	۹	اِستالن	اِستالن گراڊ
٥۴	۱۸	لنب	لب
٥۴		بيت جو آخرين پد ميرو سمير سي ناچي ترني ندي بجاوي تال.	
٥٥	۲۰	چشيده	ڪشيده
٦۴	۲۲	ڀڄي	مڃي
٦۸	۲	مرامت	مرمت
٦۹	۲	اڪثريت	ڪثرت

خوب ماڻ ۽ مرتبو هجي ها، پر هتي ته ڪس - م - پرسي لڳي پيئي آهي! سندس رچنائون انيڪ، پر ڇپائي ڪير؟ موڙي ڪٿي؟

لاشڪ سنڌي جاتي زنده دل ۽ اُدار چت آهي. دان، وديا ۽ مهمان نوازيءَ ۾ اصل کان نالو اٿس. هندستان ۾ اچڻ بعد، سهسين مشڪلاتن هوندي به گذريل ۱۰ سالن ۾ داني پرشن غريبن جي اُڌار، تعليمي، سماجڪ ۽ ڌرمي ڪمن لاءِ لکها روپيه دان ڏنو آهي. ساهتيه جو به شوق اٿن، پر گهڻو تڻو ڌرمي ڪتابن لاءِ ئي دان پيا ڏين ۽ اُهي ور ور ڪري پيا ڇپجن. ليڪن اِنساني ترقيءَ لاءِ ڌرم کان سواءِ ٻيا به واهڻ وسيلا آهن، جن ۾ اُوچي معيار جو ساهتيه ممتاز جڳهه والاري ٿو. پر ارمان اِهو ته ان طرف اسانجو توجه خير ڪو. ساڳي وقت اسان وٽ جيئرن کان مري وڃڻ جو قدر وڌيڪ ۽ ليڪن

جيئري نه جليون جاءِ ۾، لوبان جون لٽيون
مٿي پڇاڙا مساڻ ۾، چندن سڙيو ته ڇا ٿيو!

ساهتيڪار سنسار ۾ جاڳ شڪتيءَ لاءِ الڏرين اک کولي ٿو ۽ قدرت جي رازن جي اُروڙ ڏئي ٿو؛ ترقيءَ لاءِ چاهنا پيدا ڪري ۽ ٻاڻ سڃاڻڻ جي صحيح واٽ ٻتائي ٿو. سندس هستي مبارڪ آهي. جا قوم پنهنجي شاعرن ۽ ساهتيڪارن جو قدر نٿي ڪري سا ڪم نصيب چئبي. وري به شڪر آهي جو ڀائي راڄچند واسوانيءَ جي سهائتا

پرڪاشڪ پتر

سنڌ ساهتيه پنهنجي مختصر زندگيءَ ۾، سنڌي ساهتيه جي چمن ۾ ڪي نوان ٻوٽا لڳايا ۽ اُن سان گڏ ڪن نامور شاعرن ۽ ليکڪن جون رچنائون ڇپائي پڌريون ڪيون، مثلا: ڪشنچند (بيوس) جو ساموندي سپون، هري دلگير جو ڪوڏ ۽ پروفيسر نارائڻ داس ملڪاڻيءَ جو اُنارداڻا. انهن ڪتابن سنڌي ساهتيه ۾ اعليٰ جڳهه والاري آهي، جن تي ناز ڪري سگهجي ٿو.

اڄ ڪالهه سنڌي ساهتيه ۾ ڪتاب ته اَنيڪ پيا ڇپجن؛ مگر عمدا ڪتاب بلڪل ٿورڙا. اُن ڪري شري تيرٿ بسنت جو هيءُ ڪتاب ڇپائيندي خاص خوشي ٿئي ٿي.

تيرٿ بسنت اٽڪل اٺن سالن کان اجمير جي هڪ گوشائتي هنڌ هڪ ڪٽيا ۾ تن تنها رهيو پيو آهي. هُو يوگي ناهي؛ پر سندس جيون ۾ ايڪانت ۽ ڌُني اوس آهن. ساهتيه ئي سندس شغل ۽ مشغولي آهي، ۽ ان ڪارڻ ئي هُو يوگ جهڙا ڪايا ڪيدي رهيو آهي. سچ ته بسنت هڪ ڌار هستي ناهي، پر اسان جي سنڌي سماج جو هڪ قيمتي ۽ جلويدار جزو. قدرت کيس ساهتيه رچنا جي ڏات ڏني آهي، پر اسان وٽ پرک ٿوري ۽ قدر گهٽ!

ولائت جي ڪنهن مکيه ملڪ ۾ اهڙي ساهتيڪار جو

وسنت وَرکا

١. گرام گشت

سرءُ جي مند هئي. مان ٻڪڻ وڃي رهيو هوس. مد ٺجي اسٽيشن جي ٻاهران ٽانگي وارا مسافرن جي ڳنڍ مان چار ڏوڪڙ وڌيڪ ڇڏائڻ لاءِ رد بدل ڪري رهيا هئا. سامهون ننڍڙو دوڪان هو، جنهن ۾ وهڻ جي جڳهه نه هئڻ سبب، ماڻهن اُڀي لڳين چانهه پي پيتي. مون ڏٺو ته هڪ نوجوان گرم گرم چانهه جي سرڪ ڀري، حسرت ڀري نگاهه سان ٽرونندڙ چانهه ۾ نهاري، پيالي کي ناسن اڳيان جهلي، ڊگهو ساهه کڻي ٻاڦ ٽو ڳهي، ۽ وري وڏي صدق سان سرڪ ٽو ڀري. سندس چمڙيءَ جو رنگ ڪارو آهي، پر ٽونس سبب منهن ۽ اکين ۾ چمڪ اچي ويئي اٿس. هو سمجهي ٽو ته اهو ٽامي جي رنگ جهڙو پاڻياٺو زهر، جو ڪنٽيل ڪٽليءَ ۾ ڏهه ڪلاڪ ڪڙهي ڪڙو ڪسارو ٿي پيو آهي، سو ٽپ لاءِ اَڪسير آهي. انهي مجرب علاج مان فائدو ملندس يا نه، سو رب ڄاڻي. شايد سندس ويساهه ئي شفاياب ڪريس. شل ائين ٿئي. مگر منهنجو

سان ھيءَ ڪتاب ڇپجي پڌرو ٿيو آھي، جنھن لاءِ پائيي صاحب لاشڪ ڏيوار لھڻي.

وَسنت وُرڪا جو قدر ٿه پارکن جي وس آھي. وٽين ٿه ڪوڏيون ڪوٽين، وٽين ٿه رلن. انديشي جو سبب اِھو آھي جو ھيءَ ڪتاب قصو، ڪھاڻي، جيون چرتر يا ڊرمي وارتا ناھي؛ مگر مضمونن جو ڪتاب، جنھن ۾ سندر سوکيم وچار ۽ پالت پالت جا ذاتي آزمودا قلمبند ڪيل آھن، جن لئي عام طور سنڌي ھريل ناھن. اِھو اشارو ڪافي آھي ته موتي سمنڊ جي تري ۾ سپن ۾ لڪيندا آھن ۽ پوريون شيون مٽ لئي لڙنديون آھن. اُن ڪري ھيءَ ڪتاب خيال ۽ خوض سان پڙھبو ۽ اندر اُونھو وڃبو ته لطف سان گڏ حاصلات به چڱي ٿي ٿيندي. ڪتاب اوھان جي ھٿ ۾ آھي ۽ ايمرسن جو وچار اُن جي ڪنجي آھي.

سندر ساھتيه پبلشنگ ھائوس
اجمير

فتح چند واسواڻي

”پوڙهيو! گهر ويٺي ڪهڙا ڪم ڪندا آهيو؟“
ٽانگي واري کي ڪا گهڻي ڳالهه وڻندي نه هئي، سو ڳالهه ڪندي ڪندي ٻاهر وڃي پوڙهيءَ سان سوال جواب ڪرڻ لڳو. ڳالهه ڪندي ٻڌائڻ لڳو ته هو رهندو ڪٿي آهي. مگر ٽانگي جي وچ ۾ ماڻهو ڏسي هن کان ڪو سوال پڇڻ وارو ڪونه هو، سو وڏي ويس ڪري وئي. ”مائي سچ ٻڌاءِ ته اهو ڪم ڪهڙو ڪندا آهيو؟“

”ادا، ڪم تو ڪهڙي ڪر ايندو؟ پيٽ ڀرڻ جي ڳالهه آهي، ايترو ئي ڪم آهي. اڳين ڏينهن جي پوڙهيءَ جو پيري ڀري رکي هيم. گوٺ اڌ کوهه تي آهي. ساهيون پنهنجي آئي، پر قسمت نه پڙهيو. هيئنر سچ لڳي ٿي آهي، پر مائيءَ جو نصيب نه ٿيو آهي. اها رب جي مرضي آهي.“
”مائي، توکي اولاد ڪونهي ڇا؟“
”پٽ اٿم. ملازميءَ ۾ ساري جي ڪارخاني ۾ ڪمائيندو آهي.“

”اهو تنهنجي سار سنڀال نه لهندو آهي ڇا؟“
”ڇو ڪين! ڏاڍي وڏي ڏينهن ڏئيس. ڇوڪر صالح آهي. پر سندس زال پيٽ سان آهي. ويچاري کي ڪمائيءَ مان پورت ڪانه ٿي پوي. مان سندس گهر ڇو کسيان؟ پوڙهيءَ جا ڏينهن ڪاٽي ڇڏيندس. چار سال ٿيا نه سڄڻ سڃيم. ٻڌن اڪيلي مجبور آهيان. سڄو سال پورهيو ڪري اٺ ڏهه رپيا بچائي ڪپڙو گندي ونڊي هئس. تنهن کي به سوسيءَ جي سڄي سڃي ڏيندي هئس. هيئنر نه

مگر چانهه ۽ چانهه فروش کي ڇڏي رهيو آهي. وس ڀڄيم ته ڪتلي هاري، چانهه جون ڀريون ساڙي ڇڏيان.

*　*　*　*　*

ٿورو پريرو هڪ ٻڍڙي گاهه وڪڻڻ جي فڪر ۾ ٽانگي وارن جا منهن ويٺي لڳي. هو پنهنجيءَ ۾ پورا آهن ۽ ڏانهس اک کڻي به نه ٿا نهارن. ڏسن به ڇا؟ پوڙهي سانيڪو کان مٿيري ٽيندي. بت سڪل، اکيون ٻنڌليون، منهن تي لاڙي گهيڙيل ٻهيءَ جيترا گهنج ۽ ليڪا اٿس. چولي ۾ چتيون هڻي، رئي جي ڇيڙن کي ڳنڍيون ڏيئي، گويا گهارن کي اڳتي وڌڻ کان روڪ لاءِ بند ڏيئي ڇڏيا اٿس. سندس آواز به بنهه نستو آهي. جاٽي تي نه ڪيس ڪو ٻڌيئي ڪونه ٿو. تڏهن به ور ور ڏيئي هوڪو ٿي ڏئي. پريان هڪ ٽانگي وارو مسافر چاڙهي گهوڙو ٿو هڪلي ته لغام ڇڪي ٿو پويس. لاچار ٽانگو مائيءَ جي پر ۾ بيهاري، لغام ڳنڍيندي ٿو پڇيس:- ”گاهه گهڻي ڏينديئن؟“

”ڇهين آني.“

”ٻه آنا به ڪونه لهي.“

”تون ڪٽي ڇهه نه گهڻو ڏيندين؟“

”گاهه موڙ لا جو! لوڪا پوکر نه ڪانه پوکي آهي. مفت جا ڏوڪڙ ڪپني!“

”ٻني ڪٿان آڻيان، جو کيڙي کيڙيان؟ مون پوڙهيو کيو آهي.“

ٻہ مرڪ وانگر گذر ڪري وئي هئي. سو ڇيڪر لہ هن مائيءَ ۽ منهنجي نانيءَ وچ ۾ ذرو بہ فرق ناهي. اَنت ڪال مونکي سارينديءَ ساھہ ڏنائين. انوقت آءٌ دور دور ملڪن ۾ پئي رهيو هوس. هينئر مهجي ناني هن پوڙهيءَ جي صورت ۾ اڳيان وئي هئي، ۽ بنا حجاب حال وئي اوريائين. دل پرجي آيم ۽ سندس ڏوهٽي لاءِ ڳڙ چانور ميسر ڪري پاسو ونئي هليو ويس. اِجهو انهيءَ نمولي مون پنهنجي سجاڳہ ٿيندڙ آتما ڪي هٿڙو گهمائي سمهاري ڇڏيو. هينئر چار نہ اٿم تہ اُها پوڙهي جيئري آهي يا مري وئي آهي، ۽ سندس ڏوهٽو ڪٿي آهي؟

* * * *

رستي وينديءَ ٻڌم تہ اُن ڪوهيءَ تي ڳوٺ جا مائهو ليپاوليءَ سبب ڏڙيا پيا آهن. دل ۾ ڇيم تہ ڇوڪين اهو درشيہ بہ ڏسندو وڃان. ڳوٺ ٻنيءَ جي ڍن ۾ آهي. اُن ڍڙن ڪکايون جهوپڙيون ۽ بہ گنب جون لانديون آهن، جنجي پنيان گند جو ڍير آهي، جنهنتي ٻليءَ جو مٽل پونگڙو پيو آهي. لانديون اڳيان ٻہ هيٺان گاين جو ڇيڻو ۽ ڪِنُ پيو آهي، جنهن ۾ ڪينئان پيا سرن. هڪ لانديءَ ۾ ٽي توٽيون آهن ۽ اڳہ ڪليل اٿس، پر ٻيءَ جو اڳہ اُن ڪليل ۽ اُن بند آهي. ڇت ۾ ٻن ڇٽن هنڌ اڱرين جا مُڇا ٽنبيل ڏسجن ٿا، ۽ ڪامن ٽي ڇڙن جا ڏيرا ۽ جهرڪين

ڪپڙو ڇوٽ ڇڙهي ويو آهي. ڪفن لاءِ ليڙ نٿي ملي. مختيارڪار جي هٿيس ۾ ڪلاڪن جا ڪلاڪ اوسيڙو ڪري، گاريون ۽ ڇڙٻون سهي، ماٺهو هٿين خالي موٽيو اچن. آهي مسلمان، پر وڏيءَ بنا ڪنهنجي نٿو ٻڌي. حياءُ ۽ نٿو اچيس. حرام جي هڏيءَ ايمان ڪڍي ڇڏيو اٿس. مان ته مرڻ ڪنديءَ آهيان. پنهنجي جهوري ڪاڻ اٿم. پر ڪالهه ڏوهٽو آيو اٿم. ظاهري ڪارڻ جو دلاسو ڏيئي، وٺي آئي آهيانس. هينئر اڪيون پائي ويٺو هوندو. يتيم آهي. ويچاري مريم مري وئي. سندس مڙس کي ناحق بند ۾ وڌائون. خدا جي لعنت پوندي جعفر تي! زميندار ناهي، پر رعيت لاءِ آزار آهي."

"امي، ماني کائيندينءَ؟ دڪان واري وٽ ٻوڙ ماني جهجهو آهي."

"نه بابا. نانوائي جي هڪ ويلي مان گهر ۾ ٽي ويلا ٽيندا. ٻوڙ کائن تو جهڙا شهزادا. اسان لاءِ ڀوڳ ملڻ محال آهي."

"امي مان شهزادو ناهيان. اڄا ڪپڙا ڏسي ٽي پلجين پر لوکي ٻک ضرور لڳي هوندي."

"ابا، ٻکن تي پيٽ هري ويو آهي. گاهه وڪامي ها ته ٻچڙي لاءِ ڳڙ وٺي وڃان ها. هينئر ڇا کارائيندي مانس؟"

ڏنم ته مائيءَ کي پاڻ کان پنهنجي ڏوهٽي جي وڏڪ اونَ آهي. منهنجي ناني به هرروز شام جو مون لاءِ دري پيلي هوندي هٿي نه اچي ته ٽول ڪارايانس. منهنجي ماءُ

اهڙي نموني اک ٽوڪڻي ۽ چپ جي چيڙي ڪري مٿي ٽو ڪري، جو انسان حرفت پئي بکي. شايد سمجهي ٿو ته نٿهن ڪري ڪٿي جي پيٽي ڏيڻ سان عقل جو ڪم ڪبو اٿس يا ائين آهي ڇا ته اهو ڪٿو ماڻهين قبر ۾ ڪٽي وڃڻ جي مراد اٿس؟ هرحال هي شخص عجيب جانور آهي. چويٿو "ڊاڪٽر صاحب، مونکي اهي اچيون ٽکيون نه کپن. اهڙا تپ ڪئين پيرا لنگهائي چڙهيو آهيان. اچا ته ڏهه ويهه ورهيه لوڏو ئي ڪونه اٿم. مونکي ڪا معجون ڏي. هڙ ۾ ڏر ڪڙ ڪونهي، جو ڪشتو نهرايان. اهڙي ڪا معجون ڪارائينم، جو وڏي وزير جهڙو ڏنو مٿو ٿي پوان. يار ڪو قرب ڪر. مونکي ڪا معجون ڪاراءِ ته جمار پيو دعائون ڪريانءِ."

لانديءَ مان ٻاهر نڪري ڪکاين جهوپڙين ڏي ٿيو وڃان، ته هڪ نوجوان عورت جنهنجي ڪٿوري جيڏين اکين ۾ ڪجل پيل آهي سا ٿي چوي، "ادا ٽوڪي ڏٽيءَ سيڪي ڏنو آهي. ڪو ليڙو، ڪو ٽڪڙو، ڪو ڪپڙو مون مسڪين کي ڏيار، ته پائي دعا ڪريانءِ."

"ادي! چئين ته ڪوٽ لاهي ڏيانءِ، باقي مون ڪپڙو آهيئي ڪونه."

"ڏٽي ٻٽي ڪنداءِ! ڪاردار ڪنداءِ! ڪماٽي ڪنداءِ! ٽو وٽ انبار لڳا پيا آهن. ڪاغذ ٽکر لکي ڏينم، ته ٽاڪيو وٺي اچان."

جا آکيرا آهن. ڏسجي ٿو تہ ٿوڻين ۾ ٻوٽن ٽنگہ ڪري
پاتلاءِ محفوظ مڪان بڻايا آهن. گنبذ جي پٺ ۾ ايترا تہ
سوراخ ۽ گهارا، ڏار ۽ ڦاٽ آهن، جنهن جو اندازو لڳائڻ مشڪل
آهي. انهن مان هرهڪ ۾ ڪرڙين، ڏيڏن، ڪُوئن،
اُڏوهيءَ، ماڪوڙين جون ڪالونيون آهن. خاطري آهي
تہ انهن جي سڪيا ضلع جي مڙني ماڻهن ۽ مرن کان گهڻو
وڌيڪ ٿيندي. لانديءَ جي پٺ ڏي بہ ڏاڏا ۽ هڪ سڙيل
واڻ واري جهول ڪٽ پيئي آهي، باقي ٻيو ڏڏو ڪنڊ ۾
اُڀو ٿيو رکيو آهي. اوڀر واري پٺ طرف ٻہ گنديون،
هڪ چکي ۽ چلهہ آهي، جنهن جي پير ۾ ٻانڌ، دانگي،
ٻہ ڪنا، ماٽي ۽ مانداڻي رکيل آهي. چلهہ کان اوريون ٻار
جي وسٽا پئي آهي، جنهن تي مکيون وار ڪري وينيون
آهن. گهر ڏياڻيءَ کي فرصت ئي ڪانهي، جو اهو گند
ميڙي. هڪ ڏڏي تي ٻہ ٻار سمهيا پيا آهن. مٿان ميري
رلي اٿن. ٻنهي کي هڪ سؤ ٻہ ڊگريون تپ آهي. ڪٽ
تي پيرو مڙس ڊڙيو پيو آهي، هن کي بہ بخار آهي.
مٿان ڪارو ڪٿو پيو اٿس، پر هيٺان واڻ ٻنا کي ڪينهيس،
جنهن ڪري ڪٿي کي اوور ڪوٽ وانگر بت سان لپيٽي
ڇڏيو اٿس. سندس ڇوڪرو آهي تہ اهو ڪٿو سندس زال
کي ڏاج ۾ مليو هو ۽ ارادو اٿس تہ مرڻ پڄاڻا پنهنجي
ننهن کي ڏيئي ويندو. سائنس اهڙو اقرار بہ ڪري ڇڏيو
اٿس، جنهن سبب هوءَ ڏينهن ۾ ٻہ دفعا رب ناهي
پيار يندي اٿس. ڏسانئو تہ اها ڳالهہ ڪندي پيرو مڙس

ڪو ليڙو، ڪو ٽڳڙو، ڪو ڪپڙو، مون پيٽ ڪي ڏيار نه پائي ڏءِ آئون ڪريانءِ“ اڄ تائين ڪن ۾ پيو گونجي، ۽ سنڌ سڀاجهي نردوش صورت اکين اڳيان اچيو وڃي.

* * * *

اسيمبليءَ جي چونڊن جو زمانو آهي. مان به هڪ دم ڪشيءَ جي مرض ۾ مبتلا ٿيل پراڻي موٽر تي سوار ٿي، رات جو اوجاڳو ڪيل، مس مس ننڊ کي ڀڳي اچي پهتو آهيان. پيٽ ۾ بک اٿم ۽ اوجاڳي سبب مٿو ۽ ليلهر پيو لڳان. هتي رات جو ڪا برسات پيئي آهي، سو ڪي پراڻيون پنيون ۽ چنيون ڪري پيون آهن ۽ ڪي ڪرڻ تي آهن. هي ڪلراٺو ملڪ آهي، جنهنڪري پنين جي پاڙ ٽوڙيئي وقت اندر ڪاڄي وڃي ٿي. هونئن به هي شهر ٽاهي پر دلوراءِ جي نگريءَ وانگر کنڊهر آهي. اڌ کان مٿي جڳهيون زبون، پنيون پريل ۽ چنيون ڪريل آهن. باقيات ڪي ٿنڀا ٽوٽيون ڏٺل آهن، جي به اُڏوهي لڳڻ سبب سال ٻن ۾ اچي پٽ پونديون. گهٽين ۾ برسات جي پاڻيءَ جا ڍٻا آهن، جن ۾ گند گوهه جي جهجهي ملاوت سبب ڌپ ٿي اچي. هڪ هنڌ ڪتي جو لاش گپ ۾ پيو آهي. گهٽين جي وچ هنڌ هنڌ تي سروٽا رکيا اٿن، جن تي پٻ رکي ماڻهو هڪ پير کان ٻيءَ پير وڃن ٿا. گهڻن گهرن جون چنيون ڪڪايون آهن، جنهنڪري ٽورو ٽي برسات پوڻ سان ڇت ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڏونڻ لڳي

”مونکي اهڙو اختيار ئي ڪونهي. مان تہ جهڙو پورهيت آهيان.“

”توهين حاڪم آهيو. مڙس وڏو مختيار ڪار وٽ، پر ليڙ ڪانہ جڙيس. ويچارو ڪيتي ڪري، ڪين ڪاردار جي هٿيس ۾ (آفيس) جنبون گسائي؟ ويتر اسانجي ميڙهن بہ ڪاهي ويا آهن. ٽن ڏينهن کان مڙسم قران هٿ ۾ ڪٽي ويو آهي پاتاريدار وٽ تہ ميڙهن موٽائي ڏي. اڳيان هو واگهوءَ وارو وات ڦاڙي ويٺو آهي. چي چار ويهون ڏي تہ ميڙهن موٽائي ڏيانءِ. ايترو پئسو ڪٿان آڻيون، جو هنجو پيٽ ڀرجي. ادا، اسان غريبن جي ڪير ٿو ٻڌي. وري بہ رب رحيم آهي، جو تو جهڙو ملوڪ گهر ويٺي ڏياري مڪو اٿس. هاڻي ميڙهن وٺي ڏي ۽ پيٽ ڪي ڪو ليڙو، ڪو ٽڪڙو پهراءِ تہ دعائون ڪريانءِ.“

”پلا هونءَ دعا ڪانہ ڪنديينءَ؟“

”ڇو ڪين؟ رسول جي رحمت ٿينديءِ.“

”چڱو بہ رپيا وٺ ۽ ڪپڙو پاڻ وڃي خريد ڪر.“

”مان پئسا ڇا ڪنديس. پنان ڪانہ ٿي. ڏٺي سندس ڪمائيءَ ۾ برڪت وجهندو. مان بہ پورهيو ڪري لولو ٽڪي ڏيندي مانس. مولڪي خيرات ڪانہ کپي. ڪاغذ لکي ڏينم تہ ملهہ ڏيئي ڪپڙو وٺي اچان.“

گهڻو ئي سمجهايو مانس تہ منهنجي لکڻ لي ڪپڙو نہ ملندس، مگر هوءَ منهنجو خاڪي لباس ۽ ٽوپلو ڏسي اعتبار ئي نہ پيئي ڪري. مان بہ لاچار هوس. پر ”ادا

آهي. هيئنر نه لين ئي نه ٿا. ڀاڻيءَ ۾ ڀڄي خراب ٿي ويندا، لنهنڪري انهن جي ڳولا ۾ آهيان. پر هيءَ رن چوي ته پاپڙن جو دٻو ڪيڏي ڏي ۽ ڀڳل منجي ڇڪي ٻاهر ڪيد. مولڪي نوت لين نه سڌو پر برهم جي واٽ وٺندس ۽ وري انهيءَ ڏائڻ جو منهن به ڪين ڏسندس." سندس زال جنهنجي نڪ جي هڪ پاسي جو ماس نٿ سبب هڪ اڌ هيٺ لڙي آيو آهي، سا ڏڙهي ڏئي ٿي چويس "مٽي ڪي شرم به نه ٿو اچي. پيريءَ ۾ مت ڪٿي اٿس. ڏارين اڳيان پنهنجي آکه ڪي ڪلڻ هاب ٿو ڪري. مٺو هليو آهي پر برهم جا شغل ڪرڻ! جوڳي ٽيٽو هوءِ ته هي ٻار ڇو ڄڻيءَ؟"

"اهي پرٿا ٿوڪي. مون دعوا ڇڏي."

مائي ڪنڌ لوڏي، منهن ڪسارو ڪري، ڇڄ وانگر هٿ هلائي ٿي چويس:

"دعوا ڇڏي! ڄڻ نه مون ڪو نيڪو ڪنيو آهي. اِها لڏ به پاڻ سان وٺيو وڃ."

ٿوروئي پرڀرو ڪنير جو گهر آهي، جنهن جي ڇپر سخت هوا لڳڻ سبب اڏامي وئي آهي ۽ ڪچي مٽيءَ جا ٿانو برسات ۾ پسي خراب ٿي پيا آهن. سندس زال چلهه جي رکه وينجي ڪوٺي نه ٻاهه دڪانڻ لاءِ ڪا چڻگ نڪري اچي. ونس پئسو نه هي جو ماچيس خريد ڪري. ڪنيار مولڪي ڏسي ٿو چوي "سردار، ڪو ماچيس ڏيار ته ٻاهه دڪايون. گهر ڪينجهر جي ٻني وانگر ٻڙڪي پيو آهي،

ٿي. پريان هڪ جاء جي ڀت ڪري ڇڏي آهي ۽ گهر جا
ڀاتي رستي تي دانهون ڀينا ڪن. زالن نه واڪو واڪاڻ
لڳائي ڏني آهي. جيترو وقت هڪ منجهي ٻا ڪمي ڪيڻ
۾ ٽيون لڳائن، تنهنکان ڇوٽو وقت هڪ ٻئي سان هائؤ
هائؤ ڪرڻ ۾ ضايع ٿيون ڪن. هڪ پري زال مڙس کي
ٿي چوي نه پاڙن جو دٻو ڪيو نه پوڙهو ٿو وراٽيس،
"رن ماٺ ڪر. ڇاجي ٽان ٽان لڳائي اٿئي؟ مونکي پنهنجي
رلي ڪيڻ ڏي. رات جو ڇا وڃهندس؟" اهو هاڪار
ڪنن سان نه پر اکين سان ٻڌجي ٿو. هن گهر ۾ ننڍا وڏا
ڇوڏهن ڀاتي آهن. مڙس مان ڪي ٽلهار، ڪي ٻدين ڪم
۾ لڳل آهن. پنهيان رهيو اهو پوڙهو، زالون ۽ ٻار وچي
ٻچيا آهن. پوڙهو هڪ ننڍي ٻار تي هٿ رکي ٿو چوي
نه "ديوان منهنجي گهر ۾ آهي هي ننڍي ۾ ننڍو پونگڙو،
۽ پونگڙي جي ماءُ ٻلي، جا اڄ منهن تي ڀلاند وڃهي
سامهون ٻيٺي اٿئي. هي ٻيو ٻار جو ڏسين ٿو، سو آهي
ٻليءَ جيڏو ڪتڙو ۽ ڪتڙي جي ماءُ ڪتي، جا منهنجي
زال آهي؛ ۽ پؤن پؤن ڪري مونکي ڏاڙهڻ اچي ٿي.
پر مان اهڙو پوڙهو ڪونه ٿيو آهيان، جو مونکي ڪائي وڃي.
رن منهنجي، جنڊ ڇڏي نه پر برهم جو ليرت ڪري جنم
سڦلو ڪريان. ڀيريءَ ۾ گهي ڳهي هڪ ڏهين ڙوپئين،
ٽي پنجين روپئين ۽ ست ٻي روپئين جا نوٽ گڏ ڪري،
اڱڙيءَ ۾ سوگها ٻڌي، ڀت جي سوراخ ۾ لڪائي رکيم،
نه انهيءَ ڏائڻ کي سڌ نه پوي نه مولوٽ ڪا مڙي ڇولڊي

پر ڪير آهي جو سندس مغز جي ڪوڙڙيءَ واري ٿاڇي پيٽي کي سنئون ڪري، منجهانس مکين قاسائڻ جي عادت ڇڏائي؟

* * * *

هڪ دفعي ڪنڌ ڪوٽ طرف واٽ ويندي ڏٺم ته ڪانير مٿي لسي پري کنيو پيو وڃي. مٿي تي جيترو ڪانين جو بار هوس، تنهن کان وڌيڪ ڪانين وڪڻڻ جو مٿي ۾ فڪر هوس. سوچيائين ٿي ته جيڪڏهن ڇهه آنا مليا ته ٽي آني جو اٽو، ٽڪي جا بصر، پئسي جو لوڻ، پئسي جا ڳاڙها مرچ، ٽڪي جون بيڙيون ۽ ٽڪي جو ماچيس خريد ڪندو. باقي رهيل آني مان واڻئي جي قرض جي قسط نه پيچايائين، ته ٽڪي جا پڪڙا ۽ ڪتل ۽ ٽڪي جون وڌيڪ بيڙيون وٺندو. هو خريدار هٿ ڪرڻ جي چنتا ۾ هو. خاطري نه هيس ته پريءَ لاءِ ڪيترا پئسا ملندس. ڏٺم ته سندس خوشيءَ جو مدار آني اڌ گهٽ يا وڌ ملڻ تي آهي. ڇهه آنا ملندس ته زال خوش، ٻار خوش، پيٽ خوش، ۽ گهر ۾ سوجهرو ۽ بيڙيءَ جي ٻاڙ کان فراغت ملنديس. پر جي مليس ٽي چار آنا، ته زال جي ڪلڪل ۽ گهٻي، واڻئي جي ڪمت پٽ، گهر ۾ اوندهه، بيڙيءَ جي ٻاڙ بيحال ڪري ڇڏيندس. مٿي لسي جيڪا پري هيس تنهنجي سمڪ به ڪانه هيس. رڳو اهائي چوراڪورا هيس ته جيڪڏهن ٻيائي گهٽ ملي ته ڇا وٺندو ۽ ڇا نه وٺندو،

جنهن ۾ ٿڌا واڳهوءَ وانگر ۽ رليون ڪڇونءَ وانگر ٻيون ٽڙيون. ٻپ اٿم ته گنب جي پت نه اچي پٽ نه پوي."

سردار جو خطاب ٻڌي منهن ورن ورن ٿيڻ لڳم ۽ دل ۾ هري آيم:

"وه سردار نهين، جسکا سَر دار نه هو."

(اهو سردار ناهي جنهنجو سر ڦاسيءَ لي نه چڙهيو آهي.)

سچ پڇو ته غريبن جي گهر ۾ ڪا ڪل خوشي ڪانهي. هتي ته رڳو دک ٿي دک ڏسڻ ۾ تو اچي. سندن گهر ۾ ڏيڍو آهي ته ٻيل ڪونهي، ٻيل آهي ته ڏيڍي مان سمي تو وڃي. ڪنهنجا ٻه ور چورائجي ويا آهن، ته ڪنهنجا سيڻي ياتي ٻپاوليءَ سبب ٻڙجي پيا آهن. واٽئي وٽ نه پينگ آهي. ڪنيل ٽين جي ڊبن ۽ ٺڪر جي ٿانون ۾ قسمين قسمين وکر پيو اٿس جنهنجي ڪل قيمت ڇڪي ڇڪي چاليهارو روپيا ٿيندي. ڏيڍ هفتي کان ڏاڙهي ڪانه ڪوڙائي اٿس، لڪي ڏيڍ مهني اندر ڪپڙا ڌئاريا اٿس. ڪيس به زال ۽ ٻار آهن. ننگ شرم جي اون به ٻه رليون سرسَ اٿس. دوڪان ٿي ڪن ڪچر ۾ ويهي، زالن سان ڪوڏيءَ دمڙيءَ تي کچ کچ ڪري، رت سڪي ۽ گوڏا ويهجي ويا اٿس. دوڪان ڪي ٻيلي لڳائي، ٻين وانگر هڏن جو پورهيو ڪري ته ٻت ۾ ساهه پويس. ائين ڪرڻ سان نه رڳو ڏاڙهيل جي ڪهاڙيءَ ۽ خلق جي خواريءَ کان بچي ويندو، پر نيم جان عيوض سگهارو مڙس ٿئجي پوندو.

لنهن لي اڳتين جت وراڻيس:

ڪرها اُٺ ڪيچن جا، پر ميا هوند ٻچن
لئي ڳُرَ گورن لان، رائي منجهه رچن
اُهي اُٺ ٻچن، جن پنهون ليو ن پاڻ سان.

ائين سرندا ٽرندا لوڙائو ۽ ڏوهيڙا ڏيندا ڍڪڻ پهتا، جتي ڪانيرپيري آٽي گراهڪ ٽاڙڻ لڳو ۽ اوتي لئين ديري جو گس ڏئي رمندا رهيا. باغ جي پر ۾ اوتارو هو، جتان ڪن فقيرن جي ڳائڻ جو آواز ڪن پيو. هڪ جٽي بلاشاهه جي ڪافي تي ڳائي ۽ ٻين سر تي وتايس:

آوي سجڻ رنگ لايا ويکا - وَل آيا، رنگ ماهي لايا
عشق دا ڦٽيان ول ڪو ماٽي - جو ٽن لڳڙا سو ٽن جاڻي
اندر جهٽڪي، ٻاهر ٽاٽي - نيهن اڙايا دک پايا
يار سجڻ رنگ لايا ويکا
شهر نگر دي اُلٽي چالي - مٽن جو جاوان ٿيوَن خوشحالي
آڙ گهتي عشق دي جالي - آپي آپ ڦسايا هيءُ
يار سجڻ رنگ لايا هيءُ.

*　　*　　*　　*

ڳوٺاڻا مسلمان توڙي هندو لاوڻيون ڏوهيڙا مورا ڪافيون وغيره عام جام ڳائيندا آهن. ديني ذوق وارا مسلمان مولود ٻه پڙهندا آهن، جي ڪافين وانگر ٻه ٽي چار ٽپا ٿيندا آهن. مولود گهڻا جٽا گڏجي پڙهندا آهن ۽ راڳ جي طرز ايراني ڍنگ جي هوندي آهي:

يا هڪ آنو گهٽ مليو ته خرچ ۾ کهڙي ڪتر وجهندو. سندس اِنهن قرٽن ڪيس ڦٽڪايو ٿي. ليٽ الدر ۾ ڪجهي ڪجهي ويچار وهڪ بدلائڻ لاءِ ڳائڻ جي ڪوشش ڪيائين. ڀهرين ته آواز ئي اٽڪي پيس. پر رفته رفته جئن قدم وڌائيندو ويو، تئن بنا ڄاڻ راڳ جي وهڪري ۾ پڻ وهندو ويو:

”هاريءَ ڪي حرص ٿيو، ڪيتيءَ مٿي خيال
هنجي پاروٽي پڇي پٽي، ٽني پيس مال (لهه)
هاٽي ڏس پلي جا پال - جنهن پوڪ پڄائي ڪٽي راس ڪئي.“

ڪانير جي پنيان اُنن جي قطار پي آئي. شايد بار لاهي موٽيا هئا. ڪانير کي ڳائيندو ٻڌي، جت جي دل ۾ ڳائڻ تي سرڪي، سو ڪن تي هٿ رکي لوڙائو ڏنائين:

اُنن مٿن ڏيرن ڏاگهن، مونسان جيڪي ڪيو جٽن
ٽنگن ٻگها، وچن سگها، پيرن ڪٽڪو ڪن
هٿن جاٽنا، جهلين بانٽا، اِهو عيب اُنن
ويچاريءَ جو وسنءَ مون ونيو وڙ وچن
بغدي بلوچن ڪٽي ڏاڙي ڪالر ڏاريا.

تنهن تي ٻئي اوٺيءَ وراٽيس:

بغدي اُٺ بلوچن جا، ميا هوند مرن
لڳي گُرَ گورن کي، راٺي منجهه رڙن
اُهي اُٺ مرن، جن پنهون نيون پاڻ سان.

اجايو تـا هٽن ڏاڙون، ٻيڙيءَ لاءِ ڪائن ٻاڙون
لماڪوءَ لئي جهلن ٽاڙون، سندن گهر ۾ بصر ڪونهي.

اڄڪلهه، گرامو فون ڏنارن سنيما جي راڳن جو ڦهلاءُ تي رهيو آهـــي. اهي راڳ ڪي لاوا ڪونهن. منجهن نوڻيتا آهي. سنڌي راڳ ۽ شعر جي موٽ ڏيڻ ۾ ولوڙ جي ضرورت هئي. ماڻهو جهونا پراڻا گيت ڳائي ۽ سر آلاپي ٿڪجي پيا هئا. منجهن لطف ۽ تازگي نه رهي هئي. اهي آلاپ مثل زماني جا داستان هئا. سنيما سنڌي ڪونا ٽوڙي ڳائن ڪلا ۾ انقلاب آندو آهي. البت لازمي آهي ته جهونا پراڻا نمونا پڻ محفوظ رکيا وڃن ۽ تنهن رنگ ڍنگ ۾ سنڌي وشيشتا قائم رهي. سنڌي شعر ۽ راڳ ۾ ڪي خوبيون آهن، جي شايد سنڌ جي ئي سوغات آهن. اهي سلامت رهڻ گهرجن. پر موڻ ٽرائن نمونن جي ٿي ڳالهه ڪئي. مثلاً مذاقي شعر جنهن مان ڳوٺاڻن جي ولوڏي سڀاو جي جاڻ ٿي پوي:

جنهن گهر ۾ ڏکي زال، تنهن گهر جو ڇگو حال
ڏکيين منجهان ونجهه ٿيندا ٻيڙين جو سينگار،
جنهن گهر ۾ بندري زال تنهن گهر جو ڇگو حال
بندرين منجهان مهريون ٿينديون اکرين جو سينگار،
جنهن گهر ۾ سنهي زال تنهن گهر جو ڇگو حال
سنهين منجهان ڪانا ٿيندا، ڳاين جـو آهار،
جنهن گهر ۾ ٿلهي زال تنهن گهر جو ڇگو حال
ٿلهين منجهان ٿنڀ ٿيندا، جاين جــو آڌار.

ڪري سينگار اڄ آيو - عجب اسرار بسم الله
سر ڪري سيج سينگار ٿيو، عطر عنبر چٽڪار ٿيو
ڇٽا چندن هيرا هار ٿيو، عطر هٻڪار بسم الله

ڪافين جا نمونا نه گهٽيئي آهن، جن ۾ ڪٿي ڪو ڪوي پنهنجي محبوب سان ملڻ لي خوشيءَ جو اظهار ٿو ڪري:

اڄ ڪري سينگار سڄڻ يار آيو آهه
هار هسيون پائي، ناهه مڙئي ناهي
گهنگهرو گهٽڪائي، ڇمڪار آيو آهه
حسن صورت ٻلي، لنهنجو تاب ڪير جهلي
مشڪ عطر ملي، هٻڪار آيو آهه

گرچ سنڌي ڪافين ۾ اڪثر سوز گداز، وفا جفا، حسن حيرت جو ذڪر هوندو آهي ۽ شاعر معشوق جي متلون مزاج جو چٽر چٽي، "ڪڏهن عاشق سدا سهڻو. ڪڏهن معشوق من موهڻو. ڪڏهن قائل ڪڏهن ڪهڻو" آزي نيزاري ڪندو آهي، "چڏ رسڻ جي ريت جاني. ڪنڊ اکيون ۽ ڪل وري" يا "منوهر مهن ٻرين پهنجو ڏيکاريندين ته چا تيندو." پر ڪافيون ڪي هرو ڀرو عاشقانه نوع جون نه تينديون آهن. ڏسو ته جمال شاهه اجوڪي ٻاريءَ بابت ڇا ٿو چوي:

اجوڪي يار ٻاريءَ ۾ اُلفت جو اکر ڪونهي.
ڪوڙو ناتو پيا لائن، ڪميڻن ۾ قدر ڪونهي.

جو ڏيندڙن جي مراد هوندي آهي ته ٻڌندڙ کي بنا ڏکوئڻ نيڪ صلاح ڏجي : مثلاً

مردن ۾ ٺاهه ڀلو، طعامن ۾ پلاهه ڀلو
زالن ۾ حياءُ ڀلو، شاهن ۾ نياءُ ڀلو
راجا کان آهي ڀلو مدن مسخرو
شڪل جنهن ملوڪ جي اوندهه ۾ سوجهرو.

سنڌ ۾ مدن مسخرو مشهور آهي. شيڪسپيئر جي مسخرن وانگر سندس وجود ۾ ڏاهپ جو مقدار جهجهو سمايل آهي، جا بلڪل سياويڪ سادي ۽ وڻندڙ نموني نڪري نروار ٿيئي :

پيٽ کان ويساهه ڀلو، ڇاڙهيءَ کان لاهه ڀلو
گرميءَ کان واءُ ڀلو، سرديءَ کان تاءُ ڀلو
راجا کان آهي ڀلو مدن مسخرو
شڪل جنهن ملوڪ جي اوندهه ۾ سوجهرو.

يا

بازار ڏنگي ته واپار ڏنگو
دستار ڏنگي ته يار ڏنگو
تلوار ڏنگي ته سوار ڏنگو
سرڪار ڏنگي ته ڪمڪار ڏنگو
تي ڏنگو جي ڏيهه ۾ مدن مسخرو
اوندهه سوکري ڇڏي جتي سوجهرو.

*　　*　　*　　*　　*

اهي لکون ٻي معنيٰ هوندي به مزيدار آهن. اهڙو ٻي معنيٰ شعر به جهجهوئي آهي. انگريزي ساهتيه ۾ بي معنيٰ شعر ٻڻ ساهتيه جو عمدو جزو تصور ڪيو ويندو آهي ۽ ڪن اهو ڳڻ ڪري سنگرهه رچيا آهن. درحقيقت برڪ شاعرن جي شعر ۾ به انجو چڱو ئي مقدار ملي ٿو. اسان وٽ الهيءَ بي معنيٰ خوش مزاجيءَ ۾ به روحاني اسرار ڦولهڻ جي ڪوشش ڪندا آهن، جا هڪ قسم جي ماليخوليا آهي. ان جو بنيادي ڪارڻ آهي صوفين جو ڪلام جنهن ۾ واقعي ڳجهون معنائون سمايل آهن. پر پيراٽي ينيري جي خوش مزاجيءَ ۾ روحانيت جا راز پسڻ واقعي بوسيده دماغ جي علامت آهي. ڏسو نه هي ملوڪ ڇا ٿو چوي:

جت مٺي به ڇٽا چڙهيا اُت وڃن
ڦلا اسانجي پاند ۾، صلاح اُهي نه ڪن
چوي پيراٽو ينيرو، وڏا بي ايمان ٿا ڏسجن.

يا

دهل دارون نه پئي، وڃي نه لنگهو
چوي پيراٽو ينيرو ڏونڪو ڦاٽي پيو.

هن نموني جو بي معنيٰ ذوق واقعي وڻندڙ آهي جنهن سان دور دراز معنائون لاڳو ڪرڻ بي ذوقيءَ جو ڦهلاءُ ۽ ادبي گناهه سمجهڻ گهرجي. ٻهراڙيءَ ۾ ڪل ڇرچي سان ڳڻ سباٽپ ملائڻ جا به گهڻيئي نمونا ملن ٿا. اهڙيون لکون

ٻلٽڻ هوڙ ٻائي. ٻهراڙيءَ ۾ واندڪائيءَ سبب پرائي پچار
۽ گهٽي ٿيندي آهي، جنهن سبب ڪيترن گهرن ۾ ٽوشي
وڌي ويندي آهي. تنهنڪري هوُ هدايت ٿو ڪرين ته
اهڙي پچار تي ڪن نه ڏين. پڻ ڪرڻ لاءِ هدايت ڪرڻ
۽ صحت جي عمدن اُصولن ۾ داخل آهي.

ڳوٺاڻا اڪثر سڌو سنواٽو ڳالهائيندا آهن. گول مول
ڳالهائڻ جي عادت تعليم يافته ۽ واپاري طبقي جو نرلو آهي.
سڌو ڳالهائڻ زوردار ۽ اثرائتو ٿو ٿئي، جيئن

اندو هاٿي لشڪر جو زيان، جت ملوڪ گلم جو زيان،
بي تالي ڳائڻي ڏڪڙ جو زيان.

پر ٽوڪ بازي ڪرڻي هوندن ته چوندا:

آئي رت بسنت جي قوالريا سب بند
مرد مڙئي مري ويا، باقي رهيا لنڊ.
يـــا
رب چا چاٽي راڳ مان، جنهنجي ٻولي ٻي
سر منڊل جي ساز مان سالب و چا سمجهي،
جـــو تـــانگهـــي ۾ تـــاقوڙا هڻـــي
تنهن ســان تـــار کهـــڙو تـــرجـــي،
جـــو ســـڌي سمجهـــي ڪينڪـــي
تنهـــن ســـان هنـــدي ڇـــا هلجـــي
اهڙي ابريل نادان کان راهه وٺي رمجي.

انهيءَ سڌي ارڻ سڌي وچ جو فرق آهي، سو هيٺين
سٽن پڙهڻ مان معلوم ٿيندو.

ڳوناڻا ڪي پسنڪ واڇي نہ جاڻن. عالمن جو علم ۽ فيلسوفن جو فلسفو ڪائنات ڏيهان ڏور ملڪان ٻري آهي. هو جيڪي پڙائن تا سو آسپاس جي ٻني ٻاري، ٻ ليڊ ٻوري، ٻسون ٻڪيءَ مان. انهيءَ علم ۾ کهڙي نہ طبعي عمدگي آهي. ڏسو تہ ڪرتار جي ڪرٽيءَ جي ٻاري ۾ هي دهاڻي چاتو چوي:-

ٻگهہ ڪي صورت سهٽي ڏنائين، ڪوئل ڪيائين ڪاري
نازنين ڪي والجهہ رکيائين، ٻدشڪل ٻارن واري
مٺو ٻاٽي رکيائين ٻ ليڊ ۾، سمنڊ جي هڙ ئي ڪاري
وئشيا ڪي ڏنائين پٽ پٽيهر، ستيءَ نهي نہ ساڙهي
سهٽا ليڙ ڏنائين مرگهہ ڪي، جو ٻن ۾ ڦري آهاري
مورک راجا ٻل عيش اُڏائي، پنڊت ڦري ٻکاري.

ساڻن ڳالهيون ڪندي اها ساڌارڻ سمجهہ، جا حياتيءَ جي تجربي جو نتيجو آهي، نڪري نروار ٿئي ٿي:-

ڌن هجيئي ٻڌاء تورو- عقل هجيئي ڳالهاء تورو
وڏيڪ هجيئي وڃاء تورو- ٻل هجيئي آزماء تورو.
سواريءَ ڪان ٻند ڪرڻ تورو ڀلو آهي
پرائي ٻچار ٻڌڻ ڪان ٻوڙو ڀلو آهي.

هنن تورين ستن ۾ ڪيڏو نہ عقل سمايل آهي. مولکي سعديءَ جو اهڙو پند نہ سجهي، جنهن ۾ عقل جو ايڏو ذخيرو اهڙي مختصر نمولي جمع ڪيل هجي. ديهات ۾ جتي ملڪيت جي سلامتي ناهي، اُتي ڌن لڪائڻ جي ضرورت آهي ۽ ڪم عقل حاڪم اڳيان دانش جو درياهہ

پاڻي ملندس يا نه، نه ڪڏهن انهيءَ چنتا ۾ غرق ٿي ٻنيءَ
۾ ايترو ان ٿيندس ئي ڪونه، جو ٻه سال جي ڪٽ پيٽ پڇائي
ڏي. اها آئنده مانڊ ڪيس گهڻو ستائي ٿي. لاچار واهه نه
ڏسي، انهيءَ جهوريءَ ڪي د ٻائڻ لاءِ پاڻکي آتت ٿو ڏي.

جي ليلائي ۾ لهين تان پڻ ليلائج
آسرو ۾ لاهيج، سڄڻ ٻاجهيند ڳهڻو.

اڄهو انهيءَ نموني اهو شخص جو سخت محنت ڪندي
به سدائين نادار آهي، جو دنيا جو پيٽ ڀريندي به ڪڏهن
پيٽ ڀري نٿو ڪائي ۽ ارٻابن لاءِ ٻوڙ پلاءُ ميسر ڪندي
به ڏوڏي ۽ بصر جي ڳنڍ لئي ٿو لڳي ۽ جنهن ڪي جم
کان موت تائين گار گند ۽ تڪ ٻجو نصيب ۾ آهي، سو
فقط آس ۽ ايمان تي پيو ٽڪي. جاڻ اٿس ته اهي وڏا ماڻهو
سندس رت جو آخرين ڦڙو به چوسي وٺندا، تنهن هوندي
به لاچار ٻپ وچان سندن ساراهه ۽ چاپلوسي ٿو ڪري،
ٻاڪ ڪين خوش ڪرڻ لاءِ پنهنجي مسڪين ڀائرن خلاف
چغليون هڻي، حاڪمن جي طرف ڪٽڻ جو قبيح ڪم ٿو
ڪري. نه ٿو ڄاڻي ته پاڻ خواهه سندس همڪار هڪ
اليائڪاري سرشتي جا سنايل آهن، ۽ اُهي شخص جي اهو
سرشتو هلائن ٿا، تنکي خوش ڪرڻ سان هن ڪهڙي مرض
جو علاج ٿي نه ٿو سگهي. هوُ فقط ايترو ٿو ڄاڻي ته هوُ
سردار ۽ خان آهن، ۽ پاڻ آهي مسڪين ٻورهيت. اها
موٽي حقيقت اکين سان ڏسي ٿو، ۽ سمجهي ٿو ته لکيءَ
جي ڀهاڙ وانگر اها به قدرت جي جوڙ آهي. سندس خيال

سڏو:—

پلا پار پروچ، تو هيٺيءَ سان هيڏيون ڪرين
ڪي تان سڄڻ سوچ، ته سڪندن سيني چا وهي.

اڻ سڏو:—

اڪ لڳي پارو جڏهن کان پار سان اڪ لڳي
دل پڳي پارو دنيا کان، پار ڏانهن سا دل پڳي.

الهن ٻنهي شخصن جي قلب ۾ حب آهي. ٻه هڪڙو ڦوهاري والگر اُپرڪي تو اُٿي، ٻيو ڪين جهڙي ڪسيءَ والگر ريڙهيون پيو پائي.

ويچارا سنڌي پور هيت مصيبت جا ماريل ۽ سورن جا ستايل آهن. زميندارن ۽ ڪامورن هيسائي ڇڏيو اٿن، جنهن ڪري اُٻڙي نه ٿا سگهن. زماني جي گردش به ساڻن وٺل وهايا آهن. صديون مفلس ۽ مظلوم هئڻ سبب هنئون جهڄيل اٿن. تنهن هوندي به سندن سڪل جسم مان گاهي گاهي زندگيءَ جو جهرڻو اُپرڪي تو لڪري. سندن طبيعت بي ذوق ناهي. ويچارو هاري، جو سڄو ڏينهن اُس ۾ هر ڪاهي، شام جو ڏڳن جي جوڙي سان واپس وري تو، سو به ڪن لي هٿ رکي تو ڳائي:—

مرکريول پلو، ناتو نماٽيءَ سين،
ڪولهي ڪميٽيءَ جو بگر لو هلو،
تنهنجو نانءُ للو، وتيو ويني آهيان.

ائين ڳائيندي بکئي ٻيٺ ۽ ٿڪل ٻت سان آهسته آهسته پنڌ پوروڪندي، سندس دماغ ۾ پانت پانت جا ويچار اُڀن ٿين ٿا. ڪڏهن خيال تو اچيس ته ٻنيءَ لاءِ پورو

آهن. هڪ دفعي اڪيلو ئي اڪيلو پنڌ ڪيون ڪاهيندي
ڪاهيندي هڪ سر سبز ڪيٽ وٽان اچي لانگهائو ٿيس. ٻنهيءَ
۾ ڏاٽا ۽ ڦودنو پوکيل هئا، جنهنجي سرهاڻ هوا لي ڪجهي ٿي
آئي. دل ٿيم ته ساوَن ڏاٽن جي نفيس ٻوٽن ۾ سرهاڻ سان
مغز ڀري ڪريان. انهن ڪومل ۽ سيتل پنن جو ڳلن لي لڳڻ،
۽ ناسن اندر سڳنڌ جو گهڙڻ، ۽ اکين ۾ سبز رنگ جو داخل
ٿيڻ واقعي وڻندڙ آهي. خواهش ٿيم ته پاڻ ڪلاڪ انهيءَ
ساوڪ ۾ پيئجي رهان، ته پريان هوا جي لهرن ۾ آواز ڪجهي
آيو. خرگوش وانگر سندم ڪن ڪڙا ٿي ويا. آواز زنانو
هو، پر پوڪه ۾ ڪا شڪل ڏسڻ ۾ نٿي آئي. مان ٻنهيءَ مان
اُٿي، پريرو ٻير هيٺ ٻهي، راڳ جا لفظ جهٽڻ لڳس.
پر مائي اڏ لڪ چنهي ڪم ڪي لڳي ٿي وئي. ”او گاڏيءَ
گاڏا ٿيه - اَلا راٽل لالا ڏينهن - آءٌ ته مورو ويٺي ڏيان.“

پينو سر نداين ۽ ڪوهستاني تنبورائن جي والان اڳ
اهي مورا انيڪ دفعا ٻڌا اٿم، مگر هڪ اڪيلي نوجوان
۽ ڪي قدر حسين عورت کي ٻنهيءَ ۾ ائين مورو ڏيندو
ٻڌي دل ٿپ ڏيڻ لڳي. سندس آواز نفيس هو، پر
اُن ڪان وڌيڪ سندس دل اندر ساڃن لاءِ سپاويڪ چڪ
نهايت موهيندڙ هئي. 'هٿ ڪار ۾ دل يار ڏي' جو هي
زنده مثال ڏسي، مان هن ڀيڻ کي پائڻ لڳس. ڀلا انساني
اُمنگ جو اظهار ڪشش ڪيئن نه ڪندو؟

* * * *

موجب اهي ارباب انادي جڳادي آهن ۽ سدائين ارباب ئي ٿي رهندا. مگر ڀاڻ به هڪ انادي هاري هوندي نه ٿو ڄاڻي، نه ٻئي ڏينهن سندس حال ڪهڙو هوندو؟ سڀاڻي ڪاڏو ملندس يا نه؟ ڏڳا ڏڪ ۾ نه ڪاهي ڪين ويندس؟ پوليس وارو ناحق ڪنهن ڪوڙو ڪيس ۾ اڙڪائي نه نه ڇڏيندس، يا ٺيڪيدار ڪلڪٽر جي رسائي لاءِ گهلي نه ڪين ويندس، ۽ سندس ٻني ٻاڻيءَ ڏيڻ ٻنا رهجي ويندي؟ ڪيس واقعي ڄاڻ نه آهي نه سڀاڻي

ڪيا بنسي باب نماڻي دي!

نهر لڪي تيرها هيٺا، پند پيو وچ پاڻي دي
نا ڪوئي ڪشتي، نا ڪوئي مهاڻا، آکر پار لنگهائيندين.

ائين ٻيا ٻيڙيءَ سنسار ساگر ۾ ڇڙهيون هڻندي ۽ ٻڏڻ کان بچڻ لاءِ لڙ ڦندي، ڪڏهن سندس سيني مان آهه نڪريو وڃي:

صاحب ليڪا منگسي ايوين
سره پوي وچ گهاٽي دي.

اهڙي ريت جهرندي جهرندي ۽ ٿاٻڙندي ٿاٻڙندي، هوءَ پنهنجي حياليءَ جو مشڪل سفر ٻاٻرن ڪنڊن جي وچ مان پار ڪري ٿو.

تنهن هوندي به انهيءَ اندڪار وچ جوت جو پرڪاش ضرور آهي. ائين نه هجي نه اهي ڳوناٺا ڳائي ڪين سگهن. هيڏي دکه هوندي اسان جا پور هيت ڳائڻا آهن، جا هڪ وڏي نعمت آهي. هنن جا نه فقط مرد پر زالون به ڳائيون

سر ٿي ٽرالو ٽيون آلاپن. ڇي ”لڙي لاڙي، اومن سالو صبا جو گل وري اچي. مکراني گل وري اچي.“

اِهو آلاپ ٻڌي مڙسارن مان هڪڙو ٻي جو ٻوٽ لڪي ڪلي ٿو چوي:

”توبه، نوذ بالله! الله پناهه ڏي!! اهو چگهيل ٻوٽ ڏسي ٽپ ٽريو وڃن، سو ٽيو صبا جو گل! سنڌي گل سهڻا سڳنڌي ٿيندا آهن، پر مکرالي گل ٻوٽ سڪل منهن چگهيل، اکيون چپيل!“ ٻيو ٿو چوي.

”پيلي توهان ويچاري صالوءَ (صالح) کي ڇو اچي ور ٿو آهي؟ مکراني ٿيو ته ڪا اربع خطا ڪانه ڪيائين.“ ٽئين چيو.

”هن نماز ياعمر ڪانه پڙهي، سو رڳي اربع (ٻڌر) خطا ڪرڻ جو سوال ڪٿان ٿو اُٿي؟“ چوٿين چيو.

”تون نه وڏو ذاهد عابد آهين نـه؟ نمازون ۽ فالحون پڙهي پڙهي لڪ جي لوڪ قتل چيڙ جهڙي ٿي وئي اٿئي.“ صالوءَ وراڻيو.

”اڙي يار خميسي وانگر تون نه ڪٽي نڪ ۾ نرڙ تي دز لڳائي ڇڏ، نه عيد لـي سيوُن سرس ملندءَ.“ ٽئين صالوءَ جي پنيرائي ڪئي.

”ڳالهه خاصي ڪئي اٿئي. نماز پڙهه نه پڙهه. پر نڪ ۽ نرڙ لي مٽي ضرور لڳاءِ، جئن هر ڪو ڏسي چوي ته تون واقعي وڏو نمازي آهين.“ صالوءَ چيو.

”خميسو ڪولهي جو گوشمال ڪريئي.“

هنان ٻه ڪوهيءَ تي ڪنڀار جو مقبرو آهي. مريم سکا باسي هئي ته جيڪڏهن سندس پٽڙو بيماريءَ مان چاڪ ٿي اُٿيو، ته قبر تي حلوائڻ جو ٿڙ وجهندي ۽ طاهريءَ جي ديگ چاڙهي ماڻهن جو وات مٺو ڪرائيندي. مريم ڪڏهن پنهنجي اکين سان ڪنڀار ڏٺو ڪو نه هو. پر جنهن سرديءَ کان لاءِ پلو، تنهن پير کان ويساهه پلو؛ سو ڪنڀار جون ڪرامتون ٻڌي سٺي ڳنڍ ٻڌي ڇڏيون اٿس. البت زالن جي ڳنڍ ڇڙندي آهي مشڪل، تنهن ڪري هينئر جڏهن ڪنڀار جي قبر ۾ ڪا هڏي ٻه سلامت نه بچي آهي؛ ۽ مريم خود ڄاڻي ٿي ته قبو قائم آهي پر ڪنڀار قائم ڪونهي؛ تنهن هوندي ٻه هوءَ نهايت شرڌا سان پٽڙو گود ۾ ڪنيو، دفن ٿيل پير جا تورا ڇپيندي، گڻ ڳائيندي ۽ دعائون ڪندي پئي وڃي. ساڻس گڏ اڌ درجن ٻيل گاڏين ۾ اڍائي درجن زالون ۽ ٻار ٻه آهن، جي ٿڪا ۽ ڳاڙها ڪپڙا پائي ٻمڪ ٻمڪ ڪندا، جهوٻا کائيندا، ڏيمي ڏيمي سرندا چرندا رڙهندا پيا وڃن. گهڻين زالن جا منهن کليل آهن، پر ايڪڙ ٻيڪڙ جو پلاند لڙ کان هيٺ پيرو وريل آهي. ڏيڻ جي ٻوٽ تي ڳاڙها ڳانا ٻڌا اٿن. مڙسن مان ڪي گاڏين هڪلڻ ۾ رڌل آهن، ته ڪي ٻاڻ ۾ چرچا ڀوڳ ڪندا پيرين پنڌ پيا وڃن. مريم ڳائيندي ٿي وڃي "اڙي آءٌ پير تي ٿي وڃان،" ته ٻيون سر ٽيون وٺائنس. مگر پڇاڙيءَ واري گاڏيءَ ۾ آهن ٻه سنڌياڻيون، جن جي مڪرانين سان شادي ٿيل آهي. اهي ٻئي جهٽيون

۽ ٻيل ڇانورن جا گهوڙها پوري ٻاڻ ۾ ڪائن ٿيون ۽ ٻارن کي ٻه ڪارائن ٿيون.

انهيءَ ۾ پرڀان هڪ شخص اچي ٿو. قد وچولو، بت سگهو، وار اڇا ڪارا گڏيل اٿس. ڳاڙهي جي سيرب ٿيل اٿس؛ ۽ منهن ۾ شوخي ۽ اکين ۾ سرخي اٿس. سندس پير اُگهاڙا آهن ۽ بت تي فقط هڪ ڊگهو چولو اٿس، جو گوڏن تائين ٿو لٽڪيس. سندس روشن ۽ رت-ورني رنگ مان معلوم ٿو ٿئي ته ڪنهن وقت هي شخص حسين هو. اچڻ شرط هو سڌو زالن جي ٻر ۾ ٻهي ڪين گهوري ٿو نهاري، جڻ ته ڪنهن وڃايل شيءِ جي تلاش ڪري رهيو آهي. پرڀان مرد هڪ اوپري کي ائين ڪندو ڏسي ڪيس گهوري ٿا نهارن، ۽ هڪڙو هڪل ڪرڻ تي اٿس ته ٻيو هن جي ڪرائي جهلي، چپن تي هٿ رکي خاموش ٿو ڪرائيس ۽ پٽڪي ۾ ٿو چويس هي درويش آهي. مست فقير آهي. متان ڪو گفتو ڪڍيو اٿئي. هو ڏانهن درويش زالون ڏسي، ساڄي هٿ جي آڱر ائين ٿو هلائي جڻ ته يڪتارو ٿو وڄائي يا ٽيليگراف مشين تي ٽڪ ٽڪ ٿو ڪري. پوءِ ٿهڪ ڏئي ٿو کلي ۽ ڳائي "ملوڪان پوپري ري- لوکي ڪير ماري- لوکي ڪير ماري؟" ڳائيندي ساڄو هٿ منهن تي لڳائي، اکيون شرميليون ڪري ائين ٿو نهاري، جڻ ته ڪا لوورني پنهنجي پريتم ڏي

"آءُ سندس ڏيڄڪر آهيان ڪيئن؟" صالوءَ وراڻيو.
"مُلي وقت سڀ گروي آهن. شاهوڪار وٽان ڪٽون ڪٽڻ؛ پر مُلي وقت رکون ڏراوت، جا مٽي پچاٽا گهڻ بڌيو وهنداسون؛ ۽ الله اڳيان رکي ڇونداسون ته الهيءَ بلي هيٺرين سنڌياڻيون ڏي." ڏنو تو ڇوي جو به مڪراڻي آهـــي.

"هنکي ڪا بهتر جنس سڃهيئي ڪانه ٿي. مٽي پچاٽا به سنڌياڻي ڪپيس."

"ڏنو آهي اهڙو سياڻو جهڙو ڪانگ. جاڻي ٿو ته الله وقت مڪراڻين جـــي ڪمي آهي، سو اڻ هوند ڪـــان سنڌياڻي پلي."

ائين ڇرچا پوڻ ڪندا، پنڌ جهاڳيندا، ڪنڀار پهچن ٿا ۽ ڪبڙ جـــي ڇانو هيٺ زالون وهاري، ڪانيون ڳڏ ڪرڻ ۽ دونهين دڪائڻ ۾ لڳي وڃن ٿا. ٻڙ ڇانور گيهه پاڻ سان آندو اٿن. باقي رڳو طاهري رڌڻ جي اون اٿن، جا به ليٽ رڃهي تيار ٿئي ٿي. ڇوڪر جي ماءُ ڪڃهه ڏوڪڙ ڳنڍ ٻڌي، حلواڻ جو ڪپڙو ۽ طاهريءَ جي وڏي ٿالهي کڻي مجاور وٽ ٿـــي وڃي، جو قبر تي ڪپڙو وجهي دعا پڙهي ٿو ڇو پس ته مدت کان هتي هڪ درويش رهندو آهي، جنهن لاءِ ڪي ڪٿا کٽي اچين ته پلو. مرير جهٽ وڃي پي ٿالهي ڇانورن جي کٽي اچي ٿي. پوءِ سيئي گڏجي ٿالهه مان طاهري کائڻ لڳن ٿا، ۽ زالون پلاند

امام رضا ... يا شهيدان شهيد ... مرتضيٰ مولا ... چور چور جو پٽ! نمڪ ڪائي دشمني ڪيائين. اڙي ڪيئنئان ٻولدءِ پيٽ ۾ ... ٻانهن جيڏا ... اروڙ جيڏا ... ٻاندر جي ... لنگور جي پڇ جيڏا ڪيئنئان! ٻڪ ٽڪ ٽڪ ...... آنڊا ڪسائينس ... ميڄالو ڇٽينس ... ديُوٺ ... ٻوهه ڪيائين قرآن تي قسم ڪٽي. ڪلام الله ... مار ڪا پيٽي ٽي ڪانهي. ٻر مانڪون سواءِ ريل ٺـي ڪانه هلندي. ڇـوُ ڇـوُ ڇـوُ. ڪلهوڙي آءٌ. پوپري ڪا ڇهڙي ٿهڙي ڪانهي. خدا جي مار پوين."

صديق ڪان رهيو نه ٿو ٿي، سو درويش جي ٻانهن جهلي پاڻ وٽ وٺي ٿو وهاريس.

"پر آءٌ ٿوکي ٿو چوان هوءِ ڪوئنه نه ويندي. شملهه نه ويندي. يا الله غريبان ڪا گناهه معاف ڪرو. چپ ڪر. (سيني تي آڱر رکي ٽڪ ٽڪ ٿو ڪري) تار ٿو منجانس. هلي آءٌ پوپري، هلي آءٌ. يعقوب ٿو چوئي هلي آءٌ. ڇهڙو سرلهن جو ڳل. قيامت تائين منهن ڪارو اٿن. قبر ۾ مدگر سان چٽيندس. يا رسول الله."

"درويش تـون الله جو پيارو آهين. شاهن جو شاهه آهين. ڪا دعا ڪر!"

"مان ... مان ٻاد ... شاهه آهيان. رمضان شاهه. چائي شاهه. پوپري راڻي آهي راڻي. ڪلهوڙي آهي. ڪمذات ڪانهي. هلي آءٌ ٻادل ... هلي آءٌ ... او اها پوپري پڻي اچي. (آسمان ڏي ٿو نهاري) ڪبوتر وانگيان اڏامندي

حجاب وچان ڏسندي هجي. ڀوءِ وري ساڳي ٽڪ ٽڪي لڳي ٿو وڃي.

"درويش وڏي آءٌ اهڙي لـ طاهري ڪارائانءِ."
عثمان ٿو چوي.

"ڪميڻو ڪنهن جاءِ جو!" درويش ڪاوڙ مان ٿو چويس "بيهه ته ڪڪائين باهه تي سڃهائي ڪباب وانگر پچائي، عرق وانگر ڪاڙهي، اڙي او جڻ پلو ريتي تي رکي اُس ۾ پچائبو آهي، لڳن دم پخت ٿو ڪريانءِ. اڙي لـولاءِ جهنم ۾ جـاءِ ڪانهي. الله ڪي لـو جهڙي حبيبت لاءِ لڳون دوزخ اڏڻو پولدو."

درويش جي بيهودي وقلط مان پڌرو آهي، ته سندس مغز جي ڪل ٽڙ ڪي وئي آهي. هو سمجهي ٿو ته بازاري چوڪرن وانگر عثمان بـ کيس پِسرائي ٿو، جنهنڪري متس چوهه ٿو چنبڙي. ۽ جهت ۾ سُن چڙهي ٿي وڃيس ۽ آڱر سان ٽڪ ٽڪ ڪرڻ ٿو لڳي. مٿان آسمان تي پشم جهڙا اڇا بادل ڏڻ وانگر هڪبئي پٺيان اڇا ڳ جهاڳيندا پيا وڃن ۽ هوا ڪجهه ملائم ٿيڻ لڳي آهي. ڙالون طاهري کـائي ڪپڙو چنڊي، پاسيرو ڪنهن گوشي ۾ ٽانئيڪي ٿيڻ لاءِ آليون آهن، ته درويش بيهر اُڦر ڪڻ ٿو لڳي:

"هلي آءٌ بادل، هلي آءٌ! منهنجي پوپري تي چوئي هلي آءٌ! اڌو ڪريم تـو چوئي هلي آءٌ! آءٌ ٿو چوانءِ هلي آءٌ! ...... اڙي چاڪ ڪيو سونس. نوبنو ڪيو سونس اهڙو ...... اهڙو جهڙو عباسي گل ...... يا امام عباس ...

جنهنجو بدگمان مڙس شڪ جو شڪار ٿي ڪيس مار ڪٽ ڪندو ٿو اچي. ڪنهن جو ٻار بيمار آهي ته ڪنهن جو پٽ ٽيهه ڪاڻي رهيو آهي. لنهن هوندي به هو ڪم ۾ مشغول آهن، ۽ ڪليل آسمان هيٺ ڪير جهڙين سفيد سفيد ڦٽين ۽ ڦڪن گلن ۽ ساون پنن ۽ ڳاڙهين اجرڪن ۽ شلوارن ۾ ڪا ڪا لڪ وهائي ٿيون ڇڏين. منجهن ڪي نووريون ۽ ڪنواريون به آهن، جي لڄ سبب ڳائن نه ٿيون، مگر خاطريءَ سان ٻڌي سگهجي ٿو ته سندن قلب ۾ هڪ ئي تار پئي وڄي. ور نه هن نوجوان گُجر جو هٿ ڪم ڪندي اوچتو بهي ڇو ٿو وڃي ۽ سندس خمار ڀل اک پٽ ۾ ڇو ٿي ڪپي؟ لاشڪ سندس قلب ۾ محبت جي مکري ڦٽڻ لڳي آهي:-

عضوي عضوي کي لڙ ڦائي - ڦاٿو جوش جواني
ليڻ سکيا ڳالهائڻ - ٿي وئي ظاهر بند زباني
لڄ ڪان لالي ڳل ۾ آئي - دلڙي ٿي ديواني
سرت وڃائي ٿي سرليءَ جو
دل ڪيو آدر پياءَ - منهنجا پرلتم پيارا آءَ.

شايد ڪو وقت ايندو جڏهن اهو غنچو ووڻ جي گل جهڙو زرد ٿي ويندو. پر حال في الحال ڪيڏي نه اُڪير ۽ الله مالڪ تو اُلهن ڪري. رڳ رڳ ۾ جڻ ڪا تار پئي وڄي ۽ دماغ برقي چلڪاٽ سان شعله زن ٿيو پوي. زندگي خود هڪ راز آهي. پر محبت آهي هڪ بوقلموني

ٿي اچي." ڪلي تــو ۽ ٺهڪ ڏيندي اکين مان زار زار لڙڪ ٿا وهنس.

هي ٻار هن درويش جو دکہ نہ فقط اکين سان ڏسن ٿا پر ڪنن سان ٻڌن بہ ٿا. هن شخص جي پوڙهيءَ سان الفت ۽ همدردي نيڪ سيرت ۾ ايمان دل پگهاريندڙ آهن. لاشڪ اهو درويش اسٽيج لــي اچي اهــي بــول بولي، تہ ناظرين ڪي رئاري ڇڏيندو.

سج لهڻ لي آهي ۽ فضا ۾ گلابي ڇٽ سڀ سيني جا مهالدا ٻهڪن ٿــا. مڙس ٻئل جوئي زالن ٻارن ڪي گاڏين ۾ وهاري پويان پير ٿا ڪن. رستي لي رمضان تو عثمان کان پڇي ادا ڪر خبر، انهيءَ درويش ڪي ڪتان اها چپيت لڳي، جو ڪفني پايو ولي ٺڪ ٺڪ ڪندو؟

"ٻار ڪهڙيون تــو ڳالهيون پڇين. ميان رحيم بخش سندس زال پڄائي ڪيس بــي گناهہ ٽيپ ڏياري، جنهن ڪري مڙس جي ڪل ٽڙڪي وئي آهــي. باقي اهڙا ڪم تہ هرروز ٿيين پيا."

"شل الله پناهہ ڏي ۽ پت سان رهجي اچــي." رمضان وراڻيو.

* * * *

قتين جي چوڻ جي مند آهي. مڙس سان زالون بہ چوڻ ۾ مشغول آهن. سيني جا ڪپڙا ميرا ۽ قاتل آهن. ڪا اهڙي آهي جنهنجو مڙس بدچال آهي، ۽ ڪا اهڙي

ٻاليون ۽ لاليون پيون ٽڙڪن، جي ٽوري ڦوڪ ڏيڻ
سان نڪري نروار ٿيون ٿين. هونئن به آفتاب اڱر اڀرڻ
ويل سرخ خون جون صراحيون اوتي فضا کي گل گلاب
ٿو بڻائي، ته پوياڙيءَ ويل به سنڌس عنايت ڪا گهٽ
اسرار خيز ناهي. قدرت تماشا ڪي نرالي نموني جي سيتل
سوڀيا عطا ڪئي آهي، جا اينديڙ انڌڪار جي اوڏڙي
هئڻ سبب ٻاڻ وڌيڪ دلپذير ٿي لڳي.

سنڌي زالن جي محبت مشهور آهي. شاهه سنڌي
زالن کي سرخرو ڪيو آهي، نه مردن کي. سنڌڻ اها
محبت ٻالڪ جوان ٻڍي، سگهي اگهي، لائق اڻ لائق
کي نوازيندي رهي ٿي. سچ پچ ته اها محبت ئي آهي
جا ايڪ ڏکن ڏوجهرن هوندي به کين خوشحال رکي
ٿي. هڪ نوورلي ڪنوار، جا ڏير ڏيراڻين ۽ سس سهري
جي گهڙي ۽ کلکل سبب شايد آپگهات ڪري، سا به
ور سان سنهه سبب پل پل جا طعنا ۽ عذاب سٺا ڪيو
پئي پوڳي. ڀاڙيءَ ۾ اڻ هوند عام آهي. شاهوڪارن
وٽ پئسو آهي، پر گهر ۾ ڪو سهنج ڪونهي. ڪيترا
ڪٽنب ته تنديون جڳهين ۾ گاهٽ ٿيا پيا آهن. باقي پيا
ته آهن ئي مفلس. انهيءَ مفلسيءَ جو بار گهڻي قدر زالن
تي ٿو پوي. هو پيٽ کي پٽي ٻڌي به ٻارن جي پالنا
پيون ڪن. زال ويلو لنگهڻ ڪيندي، ٻاڙي مان پٽي
پورائي ڪندي، ٽِڪ گروي رکندي ۽ جنب ڪاهي يا
پرت پري، چار ڏوڪڙ پيدا ڪندي، پر مڙس ۽ ٻارن کي

اسرار، جوان کي اول کان آخر تائين هڪ نهايت نفيس اَفسون ۾ لپيٽي ٿو ڇڏي.

پر هون زرد گل جي ڳالهه ٿي ڪئي. دنيا ۾ ڦڪا ۽ ڪومايل گل انيڪ آهن. گهڻا ته ڪمهلا ڪومائجي وڃن ٿا. باقي ٻيا به گهڻو عرصو جٽاءُ لتا ڪن. البت انهن ڪومايل گلن ۾ ڪي لڪل رنگ ۽ خوشبوئون ضرور آهن، جي ياد ٿيون ڏيارن اُهو زرين زمانو، جڏهن جوڀن جو شراب انهن ٻوٽن ۾ ڇلڪي رهيو هو. و وڻن جي ٻوڪ ۾ زالن خواهه مردن جي شڪل ۾ جتائي نهارڻ سان اهي قديم آثار ڇتا پيا ٻکن. سندن اک جي نهار ۽ آواز جي لرزش، منهن جي ريکا ۽ چپ جي مرڪ مان سندن جيون واچي سگهجي ٿو. هينئر به انهن ڪين ڇڏيو ته جيون جوالا خاموش ٿي وئي اٿن. اها جوالا جا خود جيون آهي، انت تائين خاموش نٿي ٿي. فرق فقط هي آهي ته هوءَ ڪڏهن لڪي ڪڏهن مانـي، ڪڏهن ڪليل ڪڏهن دونهانبل ۽ ڊڪيل ٿئي ٿي. جڏهن ڪاٺي ٻري رکه ٿي وڃي ٿي، تڏهن ان جي ڊير هيٺان به ٽانڊي وانگر ٽمڪندي رهي ٿي. اهوئي ڪارڻ آهي جو هوءَ ٻيرسن زال جا ڳاراٽي ۽ سور سبب سڙي ڪنڌا ٿي وئي آهي ۽ جنهنجي زندگيءَ جو سفر سياري جي ڏکهي رات جيان ٿڪائيندڙ ۽ ٻرڪندڙ پيو ڀاسي، سا به جڏهن ٻاڻ کان ٻوڙهي مڙس جو سڏڙو ٿي سڻي ته هڪوا سندس سڪل شرير ۾ ٻاٽي اچي ٿو وڃي. شايد سندس چت ۾ ڪي

”ڳاءِ نہ ياد ايندءِ.“

”مان ڳائيندي سُس ڪولہ.“

”ٻڙي ڪٽي ڳائي ٻڌائينس.“

”مت ڪٿي اتي. ڏاريـن اڳيان ڪيئن ڳـائيندي. گهونس ٽڙيءَ لي لهن ڏئي پورو ڪري ڇڏيس.“ ٻي جٽيءَ پڻ ڪ ڏنو.

”سندس گهوٽ لـہ اُماٽيو اٿس نـي! ڪهڙو عيب آهي. رڳهوءَ وانگر هي بہ پنهنجو پاءُ آهي. قد بت بہ اهڙوئي اٿس“ پهرينءَ منهنجي پنيرائي ڪئي.

”بلڪل صحيح! ويسهہ نـہ اچيئي لـہ ڪٽي رڪڙي ٻڌيم.“ مون سر ونايس.

”پائو چگو هاٽي ٻڌ.“ ٻاتڙيءَ چيو.

مان ڪن سر لا ڪري، قلم پني لي جهلي، هن ٻاتڙيءَ جي گلي مان گائن گنگا جي وهڪري ۾ وهڻ لاءِ تيار ٿو ٿيان، نہ هوءَ وري بہ هڪ لڪ ڳائي روڪجي ٿي وڃي، ۽ اُها ور ور ڏئي چوڻ ڪان پوءِ ٻي اڏ لڪ ٿي چوي. مان آسائنيون اکيون وجهي ويٺو آهيان نہ اڄهو ٿو سڪل ڪوهہ سيمو ڪري. پر ”هاڻ اينروئي اس اٿي. مونکي نہ زاد (ياد) لٿو اچي،“ چئي آس اُجهائي ٿي ڇڏي. الهيءَ ۾ شڪ ناهي نہ هوءَ پاڻ هڪ لغمو آهي. اهار جي هير جهڙو نهايت نفيس ٽازو لوالو لغمو. سندس معصوميت ئي ڪافي دلڪش آهي. پر مان جو

هت ۾ ڪٽي جام گدائي، پائي قلندري وہس

اٽيو ڪي سٽيو لولو تقي ضرور ڪارائيندي. سندس قرباني واقعي حيرت انگيز آهي، جنهنجو بنياد آهي محبت، جا سدائين پاڻ پالهو ڪري ٻين کي پري ٿي ۽ ائين ڪندي پنهنجو جيون سڦلو ڪري ٿي.

ڳوٺاڻن زالن لاءِ پورهيو گهڻو، پر ولدر بلڪل گهٽ آهي. خوشيءَ جو موقعو به ڪو ورلو ئي ملين. وڏا ڏينهن به هڻ پچاڙ ۾ ٿيون گذارن. خود شاديءَ جي موقعي لي به گهوٽ ماءُ کي مٿي ڪنهڻ جي فرصت نه ملندي آهي. ۽ ويچاري ڪنوار نه لڄ جي ماريل ۽ اڻ ڏٺي آئنده ۾ غرق ٿيل ڏسبي آهي. باقي ٻيون ڏاجي ڏيوڻ چرچي گهٻي ۾ مشغول هونديون آهن. فرصت ملندي اٿن نه لاڏا به ڳائينديون آهن. ڪي لاڏا ٻي معنيٰ آهن، پر ڪن مان گهوٽ ماءُ جي امنگن جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. مون ڏٺو آهي نه ٻهراڙيءَ جي زالن کي سڄو راڳ چوڻ ئي نٿو اچي. شهري ڇوڪريون نه سريراگ ۽ ڏنا سريون هڪ ٻئي پٺيان ڦهڪايو ڏين ۽ سنيما جي سورمين سان برميچي جاڻن. ڪي نه نرت ڪلا ۾ به ماهر آهن، پر ٻهراڙيءَ جون عورتون ڪن جزوي راڳن جي لڪ اڏ مس چئي جاڻن. اتفاق سان ڪنهن کي ڪو سڄو راڳ اچي نه لڪائڻ نه اچيس. اڏ لڪ چئي روڪجي ويهدي ۽ پريائڻ سان ساڳي لڪ ٻيهر چئي پڇندي؟ ”پلا اهو لکيم؟“

”هائو لکيم.“

”هاڻي ٻي لڪ نه اچيم ئي ڪانه ٿي.“

ٻوٽن جي بانس تي اچي، نہ ڪٽي لاش تي ڳجهون
اچي ڳڙ ٿيون آهن. جگر کپي جو انهن پليگي اُڏن جي
ڀرتال ڪجي. ڳوٺن ۾ اُس ۽ هوا نہ هجي ۽ ڳوٺاڻا هوند
برسات ۾ ماڪوڙين جيان ڍڙجي پون. سندن ڪاڏي ۾ ٻ
ڪا قوت نہ رهي آهي. وٽن پاڄي پڪو آهي ئي ڪونہ
۽ پٽسي جي لوڀ سبب مکڻ ۽ ميوو شهرن ۾ ٿو وڪامي.
تنهن هوندي بہ ديس جو آذار آهن ڳوٺ. جيسين اُهي
آسودا نہ ٿيا آهن، تيسين ملڪ ترقي نہ ڪندو.

* * * *

اَڌ رات جو جڏهن پراٽي نندرا ديويءَ جي گود ۾
آرامي آهن ۽ شريو وشو جا اَلڪا ترنگ ۽ ڌرتيءَ جي
دل جا امنگہ جذب ٿــو ڪري، جڏهن تارڪا منڊل
هيري جي ڪڻ سان چمڪڻ لڳي ٿو ۽ هير گلن ڦلن جي
سيتل سرهاڻ فضا ۾ ڦهلائي، لہر ۽ پپل جـي لامن سان
جهمريون پائي، الــوڪا گيت آلاپي ٿي؛ تڏهن الهيءَ
ايڪانت ۾ ادرشت آتمائون ڪي مالداڻ معبدن ٿيون،
جي هڪوار ڪوڏسي نہ هوند لنڊ تجي بسترو ڇڏي،
جهنگہ منهن ڪري، وشال گگن جـي گنبد هيٺ اچي
ڏيرو اڏي؛ هتي غيب پنهنجي صورت تان نقاب هٽائي
بي حجاب حسن جو ديدار ٿو ڪرائي ۽ ڪائنات جا اسرار
قلب سان همراز ٿين ٿا. هيءَ سرشت سڄيو آهي ۽ انتر
درشت انسان اڳيان هڪ کليل ڪتاب، جنهن جا ورق سڄاڳہ

پياسي ھجي گيت جو، گھمان پيو ھي ديس
سو چت سان چوالس تو نہ پيرڻ!
اَن لڏو مان ونان نٿو، لکي ڏن سان اتم چاھہ
پڌائيندم کو گيت اھو، جنھنم ھجي آھہ.
پر منھنجو لايو سجايو نہ ٿو ٿي.

ڳوٺن جو ٻاھريون ڏيک سھڻو آھي. چئوطرف ساوڪ آھي. رڍن ۽ ٻڪرين جا ڌڻ ٻہ، کي گھٽ سھڻا ناھن. چيلا ۽ ٻرا نہ لنڊن ٻالڪن والگر ''ھولگڙيون ڏين، پيرڙا ڪٽن، سڀ جڳہ جا ٻارڙا ائين ئي ڪن.'' گاين ٻہ ماٺاپڻو وڌيڪ آھي. سڄو وقت پيون ٻڇن کي چٽ چٽ ڪنديون. پر ٻہ ڀي ھنڙو گھمائين نہ پيار پريون اکيون ڪڍي نھارينديون ۽ جيئ سان چرڻ لڳنديون. مائي مرادان جي گانءِ، جنھنجو کير پيئندو ھوس سا منھنجا ھٿ چرڻ مان راضي نہ ٿي، ڳل چرڻ جي ڪوشش ڪندي ھئي. جيئن ٻالڪ ھرڪا شيءِ وات ۾ وجھي چکندو آھي، ليئن گايون بہ سنگھڻ ۽ چکڻ سان شيون پرکن ٿيون. پکين جون لاليون، نار جو رنگيت، پيھاري جي لنوار بہ لائي ڪانھي. لنھن ھوندي بہ ڳوٺ جھڙو ٻاھران سھڻا آھن، نھڙو ئي اندر لڙکي اٿن. ھر جاءِ ڪن ڪچرو، دز ڌوڙ ٿي ڏسجي ۽ گند گوبر جي ڏپ نک سازي ٿي چڙھي. پريل ۽ چنل چنيون، ميريون رليون ۽ اگھڙيون ٽنگڙيون ڏسي ڪرنگھي مان سيسرات نکريو وڃي. ڪٿي پيلن جون لوڪ ڪنيون آھن، جن جي آسپاس آلي چم مان

مون کيس ڪيڪاريو. ڏسڻ ۾ پيرسن ٿي لڳو. سندس سونهاريءَ ۾ سفيد وار ۽ پيشانيءَ تي گهنج هئا. هن ۾ نهايت قرب سان "جيئين سداءِ جڙيو هجين" ڪئي. سندس عقابي اک ۾ جهلڪ ۽ آواز ۾ ٽرلر هو. انهن ٿي پاليم ته سندس ٻول قلبي ڪور مان مٺي لڪنا ۽ منجهائن سائي گاهه جي تازگي، ٻرپٽ جي آزادگي ۽ ٻڌي جي حرارت پي بکي. پوشاڪ اهڙي سادي هيس، جو ان مان مفلسيءَ صاف ليا پي پائا، ليڪن ڀرارڻ جي ڪشادي آويز ۽ پڳ جي ورن خواهه شلوار جي گهنجن مان آڳاٽي آسودگي عيان هئي، جڏهن دليون فراخ، همت ڪليل، قلب ڪوسا، جسم جالنا، مهانڊا ملوڪ هئا. تڏهن رفتار گفتار ۾ پڻ مردانگي ۽ زنده دلي هئي. مون ڏٺو ته هن شخص جو آڪار آبرودار ۽ قد لنبوس هو، ۽ هاٿي ساڳه جي ڪاٺ جهڙي پڪي هيس. سيٺين ۽ جاگيردارن جيان سٺپ جا چڪا ڪونه چاڙهيا هئائين؛ نڪي پيريءَ ماس لڙڪڻو ڪري ڇڏيو هوس. البت مٿي تي مچ اڀري هيس، جو هڪ اڏ ڪٽ الي الحساب مڙهي وڃجي. هي آدمي حضرت موسيٰ جي ايام جو ٿي ڏٺو ۽ لاشڪ ريڍار ۽ شتربان جي تهذيب ياد ٿي ڏياريائين. ڇا به هجي، مگر هو ويهين صديءَ جي پيداش نه هو. شايد الهيءَ ڪارڻ ئي سندس روح هلندڙ حال مان ٻرٿي، پريت جيان هن اوجهڙ ۾ پي پٽڪيو.

هن شخص جي قرهدار روش ۽ سلوڻي گفتار مونکي

جيو آلما واڄي سگهي ٿي. انهيءَ ڪارڻ اي دوست، جي چاهين ٿو تہ اناهت شبد سڻي گپت گيان پراپت ڪرين يا پرڪرتيءَ جي پربل مايا جي چنچل چت ۾ جهاتي پائي دئيوي شڪتين جي اٽل هٺل جو منش جيون تي اثر محسوس ڪرين، تہ اُتءِ اچي گهڙي ڪن لاءِ اَشانت ليلا جي هن شانت ساگر ۾ ٽٻي هڻ.

آءٌ ديول جي ديوار پرسان بينچ تي ويٺو هوس. پرٿويءَ تي کير جهڙي اڇي روشنيءَ جي چادر پيل هئي. آڳاٽي غوراب مثل چندرما آڪاشي اُجهاڳ اُڪرندو ٿي ويو ۽ منجهس جو پيرمرد ڪاڏيءَ تي هٿ رکي ويٺو هو، سو ڪنهن اونهي فڪر ۾ غرق ٿي ڏٺو. انهيءَ خيالي انسان جي هستيءَ اڪيلائيءَ ۾ ڪا عجيب مستي موجزن ٿي ڪئي ۽ دماغ اندر بي باڪ لهرن جي جنبش خيال جي پرندي کي پرواز عطا ٿي ڪيو. مونکي پنهنجي جاڻ نہ هئي، نڪي ٻي ڪنهنجي. فقط اڇل وهڪري جي چوهہ ۾ ڏڪبو پي ويس؛ ايتري قدر جو خود ڏک ڏکان جي سمڪ ئي نہ ٿي پئي. ڪيئن چئجي تہ ڪهڙي هئي اُها اوسنا؟ انجو وستار تہ ڏئي نٿو سگهجي.

خير. آءٌ انهيءَ وِسرت سُرت جي ويهڪ ۾ غلطان هوس، تہ ناگاهہ ڪنهن همجنس جي موجودگي محسوس ڪيم ۽ چلولو چت اُڌير ٿي اومان دوڙائڻ لڳو تہ هو ڪير آهي ۽ هتي ڇو آيو آهي؟

نہ هوس. انهن هوندي بہ، هنجي وجود ۾ ذاتي فهم، طبعي علم ۽ لاثاني همدرديءَ جو ذخيرو موجود هو، جو ظاهري چٽيل ڏکيل ۽ مصنوعي زندگيءَ لي هر پل ماڻهن ۾ ناهي. شايد اُهي شخص، جي پرورش جي گود ۾ پلجن ٿا، تن لي انهيءَ ديا وان ماتا جي مهر ٿڌي ٿي؛ جنهنڪري سندن تن من دل درست رهن ٿا. باقي جيڪي انهي صحت آميز اثر کان وانجهجي جڙتو جيون جي مهاجار ۾ اٽڪن ٿا، سي جسماني خواهہ روحاني طور دائمر-المريض آهن.

هي ماڻهو سڪٽو بہ پيرو جانور نہ هو. اهڙا جانور اکيچار آهن، جن جا مٺا پيا هٿ آسانيءَ سان ڳٽي سگهجن ٿا. ليڪن آهي ڪو جو هن جهڙي ڪلاونت جي هردي ۾ اُپرڪندڙ ابلاڪائن ۽ سندس مستڪ ۾ برقي ريکائن جي ڪٿ ڪري سگهي؟ سڄي ڄمار خفت خوض ۽ ڪلا جي تات ۾ گذاري اُچا آندا هئائين. جڏهن بيا نرم بستري لي آرامي هئا تہ هن اوجاڳا ڪڍي پنهنجو پريتم پوڄيو ۽ دنيا جون نعمتون ليکي ۾ نہ آڻي پاڻ سان سچو رهيو هو. اهڙي سچائي ورلي ڪنهن بشر کي ٿي پڙپي ۽ انجو قدر ڪرڻ وارا بہ ڪي گهٽا ڪين آهن. ڪو زمانو هو جو ڪي لوڪ هنجي مٺيا جو قدر ڪندا هئا ۽ اُکير مان سندس ساز ۽ آواز جو رس وٺندا هئا. هو سندن ٿنل هيانءَ کي سيتل ۽ سيٺل هردي کي سرهو ڪندو هو. هو واقعي ملڪ جو ناز، دلين جو آواز هو، چاڪاڻ تہ دلين جي رڳن مان رباب ناهي، اکہ مان لڙڪ، چپ مان مرڪ آڻڻ جو

راغب ڪيو، ۽ شايد آڌي رات جي چاندوڪيءَ ۾ اڪيلائيءَ پڻ پنهنجو اثر ڄمايو. شايد ۽ شايد. هي من آهي پير، جو ڪڏهن نه اوجهڙ ۾ اجنبي سان رهاڻ ڪندي پرسن ٿيو وڃي ۽ اڪيلائيءَ ۾ سڄي جهان جو پاڻ کي دادلو پيو سمجهي، نه ڪڏهن محفل ۾ موڳو پيو لڳي ۽ عزيز خويش مان بيزار. ڪيئن چئجي نه ڪيڏي مهل ڇا ٿيءَ پوندس؟ ڇا به هجي، اُن وقت موالي هي شخص وٺي ويو ۽ شايد آءٌ به ڪيس وٺي ويس. انهيءَ ڪارڻ ڏکيءَ ۽ ڏولڳر پاڻ ۾ ويهي رهاڻ ڪئي، نه ڪهڙو عجب!

هولئن به شڪسته ساز جي ٽٽل تار ۾ جو سوز آهي، تنهنڪي سازڻ لاءِ دردمند دل ۽ نفيس همٿ جي ضرورت آهي. قدرت جڏهن قلب ۾ ٽڙڪيل بلور جهڙا گهاوَ وجهندي آهي ۽ جندڙي جلي جلي جلڻ ڪي جلائي ڇڏيندي آهي، تڏهن ئي وجود جي ڪنهن اڄاتل آسڻ مان ٽئين جوت جي ڪرڻ نڪرڻ لڳندي آهي، جنهن مان آئنده جي گرڀ جا آثار ڇٽا بکندا آهن.

ڇا به هجي! هي شخص پنل دل ۽ قربدار قلب جو خاوند هو، جا خاصيت هن ٻي دل دنيا ۾ غنيمت ئي شمار پي. هن نه ڪا اسڪولي تعليم پرائي هئي، نه اهڙي سنگت پنگت ۾ اٿيو ويٺو هو جتي مرڪ ۽ لڙڪ ۾ سنڌو ڪونهي، ۽ مخمل جهڙو لسو پول ڪارپهر جي زهر جهڙو قاتل ٿي سگهيٿو. هي جهنگ جو ماٺهو ڇل ڪپٽ مان اڻ واقف هو ۽ نهايت مفلس هوندي به ڪنهن سان حسد

ٿئي، سو واقعي آهي ٿنهنجو روح ۽ منهنجو روح، بشرطيڪ اسان ۾ اهڙي شناس هجي. ڏسو ته انهيءَ روح ۾ ڪيڏي نه صداقت ۽ سچائي آهي، ڪيڏي نه منجهس برق ۽ ٻاھ آهي. اٿئي ڪا سمڪ ته منجهس اها لڪل مٺيا آهي، جا ۾ ڪاشت تيرڻ سان جڳ جيئاريندي؟ ڪجهائي ڇڏي اندر جو چنگ چور ته آڪاس واٽي ٻڌڻ!

ڇاڇو سرلدائي ماٺهو ناهي. هو بت ناهي، مگر روح آهي. اهو روح هن ديس جو روح آهي جو وياڪل ۽ دکي آهي، ڇاڪاڻ ته اسان انکي بلڪل وساري ڇڏيو آهي. عجب ته اسين جي ٻاڻ کي سگهڙ ۽ سڀيه سمجهون ٿا ۽ بنا سوچ ڏاريون رسمون ۽ ويچار ڏارائون دهرايون ٿا، ٿن انهيءَ ڳالهه تي پورو غور ئي نه ڪيو آهي ته اسان لاءِ ڇا لاڀدائڪ آهي ۽ ڇا هاڃيڪار. لاشڪ هن وقت جي بدليل حالتن ۾ اسان لاءِ سڪيٽي سنائن ورتي ۽ پرمپرا بي معنيٰ بڻجي پيون آهن ۽ ڏارين جو نقل پڻ گهٽي قدر اڻ ٿهڪندڙ پيو لڳي. ازانسواءِ آجيوڪا جا مسئلا اهڙا ڏکيا ٿي ويا آهن ۽ هرڪنهن کي ايڏي هڻ پچاڙ ڪرڻي ٿي پوي، جو ورلو ڪو سپنا ۽ سنسڪرتي سان تعلق رکندڙ مسئلن تي مٿي ماري ٿو ڪري. ليڪن اها به حقيقت آهي، ته ڪا به قوم انهن مسئلن کي حل ڪرڻ بنا اُسري نٿي سگهي.

ممڪن آهي ته اسانکي موجوده آرڪيسٽري موسيق، جو فلمي سنگيت ڪارن جي ڪلا جي نهايت عمدي رچنا

عجيب ڏن ڀرايو هئائين.

ليڪن هن زماني ۾ ناهي ڪو بندو، لکي آهي ڪو بندهء نواز. موجوده سرشتي هيٺ شاهه جو نه هجڻ سمجهي سگهجي ٿو، مگر شاهاڻين خصلتن کي حياتيءَ مان خارج ڪري ڇڏڻ حماقت ئي ڇئبي. شايد اهوئي ڪارڻ آهي جو لوڪشاهيءَ ڪان اڳ جا پوُڪشاهي براجمان ٿئي ٿي، سا پنهنجي اڀ لکي ۽ بدلميز رفتار ۾ ڪئين سندر ۽ لاڀدائڪ رتون رهڻ ڇڏيئي. وچتر مهما آهي هن جڳت جي، جو هن جهڙي هردلعزيز عطائيءَ کي پڻ ٻبوس ۽ بي جس بڻائي، ٽڙڪو ڦڙڪو سياسي ڏهورڙين ۽ بدچال صنعت ڪارن کي بي واجبي برلري بخشي اٿس. ورنه سرندائي صحيح معنيٰ ۾ هڪ سناتن سنستا آهي ۽ سرندو سنڌ ۽ پشچمي هند جو خاص موسيقي ساز آهي، جنهن مان اساڻي روح جي سڪ ۽ چڪ، رڃ ۽ رونق، رس ۽ جس نهايت اثرائتي نموني نکري نروار ٿين ٿا. سرندي جو آلاپ ٿر بر جي ويراني جو ورلاپ آهي ۽ الي جي شعلهءزن آفتاب جي جر ان مان محسوس ٿي ڪجي. ڏسجي ٿو ته جڏهن هن ملڪ جي رڃ ۽ سڃ آسمان ڏي الينت پياسي نگاهه ڪئي، پنهنجي درد جو داستان الله سان اوريو ته فرشتن جي نيڻن مان لڙڪ وهي پيا ۽ ستارن ۽ سيارن ان جو تاب نه سهي، انکي سرندي جي آلاپ ۾ وانس وراڻيو. دوست! الهيءَ برتر بيابان، گنجي نکر ۽ لنگي ٻربت جو روح، جو سرندي جي ڇيندڙ آلاپ مان نروار ٿو

شايد ڪنهن وقت ڪا ڇپيت لڳي هجيم. مگر اُن وقت آءٌ ڪنهن ٻئي اثر تي فدا نه هوس. اُنهن هوندي به جئن مٿيون ڪلام ڳائيندو ٿي ويس ۽ لهري ۾ "ٻرين آءٌ نه اصل ڪان آهيان، گولو غلام تهنجو" ملائيندو ٿي ويس، تئن اُسريل ڪنواريءَ ڇوڪريءَ وانگر اندر ۾ اَجهل اُڪير محسوس ٿي ڪيم، جنهن اندر ۾ وڌندڙ اُداسي اُڀڻ ٿي ڪئي. ائين آهي ڇا ته ماڳهين ٻاڻ ٿي عاشق ٿي پيو هوس؟ اهڙي سوال جو جواب ڏيڻ مشڪل آهي. شايد آءٌ جڳت ٿي عاشق هوس ۽ جڳت...... خير ڇا به هجي! مون ۾ اهو عشق ڪنهن جاڳايو؟ ڪنهن اهو ٻيل جذبو، سُتل سُور جاڳايو؟ سرندي ۽ سچل جي ڪافيءَ.

آهي سو پسند ٿو پوي، ۽ فلمي سورمين جا راڳ جي ديسي وديسي سرن جي ملاوت آهن سي پاءِ ٽا پون. لاشڪ ڪابہ ڪلا ڦرلڊ ۾ حالتن انوسار بدلبي رهي ٿي ۽ بدلجڻ گهرجي.

ليڪن انهيءَ جو مطلب لاهي تہ اسين آڳاٽا ساز آواز وساري ڇڏيون. انهن سازن کي پنهنجي اِلهاسڪ اهميت آهي ۽ منجهائن گاني جي بهتري وڪاس جو اُهڃاڻ پوي ٿو.

آءٌ ڀن ڀن ويچارن جي لڪ لور ۾ منجهندو پئي ويس، تہ چاچي منهنجي ويچار وهڪ بدلائڻ لاءِ چيو "جي چت چيو ڪريئي تہ ڪٽي کا ڪافڙي ٻڌاءِ. آءٌ سرندو وڄائيندس."

"چاچا، راڳ سان چاهہ اٿم. اتفاقا روح کي ريجهائڻ لاءِ سر بہ آلاپيندو آهيان، مگر پوري سکيا نہ ملڻ سبب، شايد ساز سان آواز نہ بہ ٺهڪي، بهتر تہ تون ئي ڪٽي کو ڪلام ٻڌاءِ."

چاچي سرندو ڪٽي سر ملايو. جڏهن سندس ساز مان چيندڙ آواز نڪرڻ لڳا، تڏهن آءٌ پڻ بي اختيار ساڻس گڏجي ڳائڻ لڳس:

هي خوني لينڻ خمار پيا - تو ڪنهن ڏاڍي خاطر ڏاريا
تو ملڪ ماڻهن سان ماريا - آهي سچل ڪلام تهنجو.

اُهين هوچا تہ منهنجو ڪنهن سان نينهن اڙيو هو؟ البت هر اِنسان جي سيني ۾ دل آهي ۽ دل ۾ محبت.

خيال آهي ته زندگيءَ جي مشڪل منزل جو ڇيهه اعليٰ ۽ عمدو آهي؛ ۽ ڪن جو ته الٽ ۾ آهي سؤليو. سرجڻهار انسان کي اهڙي اک عطا نه ڪئي آهي جو آد ۽ الٽ ڏسي سگهي، نڪي اهڙا پر، جو اُسير جون سيمائون لتاڙي وڃي. اسان کي آهن ڪنيڙائيون - سير ۽ سالم - جن ڏٺاران اُڏامي سگهون ٿا؛ ۽ اُنهيءَ اُڏام کي ئي جيون سمجهون ٿا. انهيءَ ڪارڻ سير جي معنيٰ آهي اهڙو رٿن، جو خود سير مان ئي سري اچي. اهو گشت هر ڪهنکي پنهنجي پيرن لي ڪرڻو آهي، ڇاڪاڻ ته اسين ڏڻ جي ري هوندي به، بلڪل نرالا ۽ يگانا آهيون.

مان انهن کي سئلاني نٿو سمجهان، جي سنڌو رکين وانگر ڪم سانگي ولايتون واسن ٿا يا ليڊرن وانگر هوائي جهاز ۾ اچ وڃ ڪن ٿا. اهڙا شخص اڪثر پنهنجيءَ ۾ ئي پورا آهن. هو ڏسندي به ڏسن نه ٿا ۽ ٻڌندي به ٻڌن نه ٿا. سچو سئلاني ڪنهن خاص خفت يا ڏنڌي جي اُڻ تڻ کان آجو آهي. سندس قلب ۾ اهائي تانگهه آهي ته هيءَ عجيب دنيا جنهن ۾ رنگيءَ عجائب رنگ رچيا آهن تنهنجو ديدار ڪري؛ ۽ سندس نس نس انهيءَ وچتر سرشت جي رونق سان اهڙو واسجي وڃي، جهڙو پوپٽ گلن ٻوٽن جي خوشنما رنگن سان چنجي ويندو آهي. جيڪي شخص پنهنجو خسيس آپو ۽ پنهنجي ماحول جو تنگ دائرو سدائين پاڻ سان کڻي ٿا گهمن ۽ پنهنجي ڪامڻ سان ڪائنات کي ٻڌ ذيب ٿا ٻڌائن، سي سئلاني بنجڻ جا لائق ئي ناهن.

٢. سير سفر

"ساجن سفر ڪرڻ لئه آيو
نانءُ رکي اِنسان ميان."

هيءَ دُنيا آهي دَرم شالا ۽ اسين آهيون ياتري. زندگيءَ جو ڪافلو، جنهنجو ناهي منڍ نه پڇ، سو اَيامن کان اَجهاڳهه جهاڳيندو هتان لانگهائو ٿو ٿئي، ۽ پاڻ ڪلاڪ منزل هڻي ساهي پٽي، اڳتي وڌندو ٿو وڃي. اُنجو لنگهه ڪٿ هن رڃ سڃ مان آهي، نه ڪٿ هن سبز کيتن ۽ چراگاهن مان. تون ۽ آءٌ انهيءَ ڪافلي جي ڪڙي آهيون. البت اسان مان ڪن جي ٻور هلڪي آهي، نه ڪن جي ڳري. ڪي هاس هيڃ سان وکه ٿا وڌائين نه ڪي ڪرڪي ڪنجهي گهليا گهيندا ڙبا ٿا وڃن. ليڪن اسين آهيون سڀ پانڌي، ۽ جيون آهي پنڌ- هڪ نهايت عجيب ۽ پيچ پيچ پنڌ!

توهين پڇندا اهو پنڌ ڇا لاءِ؟ مونکي ڄاڻ ناهي. شايد گرنٿن لي امباد پوءِ جو درشن ٿئي يا ڪيلاش لي شنڪر ڀڳوان براجمان هجي. ڪيئن چئجي؟ ڪن جو اِهو خوش گوار

جي جيون واچڻ بنا چتوڙ جي قلعي جو معائنو. جپان ۾ "دائـي بُتسوُ" (مها ٻـڌ) ۽ "آشيڪون" (شـرڌا) ۽ "هو- شو" (سداچار) خواهه "ڪئانون" (ديا) جا پتلا، ۽ جاوا ۾ ٻڌ جيون جو برابدور جي پٿرن د ٺارن وستار ۽ اَنگڪور وات جي شلپ ڪلا، رنگون ۾ شُئي ڊاگون وهار ۽ دکن ۾ مدورا جو مندر، روم ۾ سنت پيٽر جي ديول ۽ لنڊن ۾ سنت پال جي ڪئٿيڊرل ڪي سڪٽي گيج ۽ پٿر جا يادگار ناهن، مگر انهن جو بنياد انهن ڌرمي ڀاونائن تي ٻڌل آهي، جن آڳاٺن لوڪن کي اهڙن آستانن اڏڻ لاءِ مجبور ڪيو. لاشڪ لوڪشاهيءَ جي زماني ۾ اسانکي شاهن جي جنگين خواهه جاهه جلال جي يادگارن ۾ ڪا خاص دلچسپي ناهي. ليڪن يونان ۽ جپان جي شلپ ڪلا، چين ۽ اٽليءَ جي چتر ڪلا، مغلن ۽ صفوين جي عمارت سازي هنر ۽ ڪاريگريءَ ۾ فوقيت حاصل ڪرڻ سبب انسان ذات جي تاريخ جو هڪ اهم باب آهن، جو نظر انداز ڪري نه ٿو سگهجي.

ارمان نه اسانجي ديس ۾ ڪي اهڙا اِتهاسڪار ٿيائي ڪونه، جنهجي احوال مان پراچين سمي جو پتو پوي. توهان هيوئن- سان بابت ٻڌو هوندو نه. ڪيئن نه هن ڀارت ورش جو ورنن ڪري، هتيجي وهارن ۽ وديالن، سنستائن ۽ سماجڪ رواجن جو وچور وار ورنن ڪيو آهـي. لاشڪ اسانجي ديس مان به ڪئين ڀڪشوُ ٻوڌي مت جي پرچار

ٻهنجو پاڻ وساري، وشوَ جي اُپار ليلا جو انگ بڻجڻ ئي سڱاليءَ جي وشيشتا آهي، جنهن بنا ڏيهہ ڏورڻ ۾ ڪا ڏاهپ ناهي.

البت انين آهي تہ دنيا جا ڪي مکيہ آستان ڏسڻ کان اڳ انهن جي اهاس جي ڄاڻ ضروري آهي. ورنہ هزارين ميل جي ڊوڙ مان جهن آڳاٽي سڀيتا جا اُهڃاڻ ملن ٿا، تنهنجو پتو نہ پوندو. لاشڪ مصر جا احرام (Pyramids) ۽ اَبوُالهول (Sphinx) خواهہ بابل ۽ تخت جمشيد ڏسڻ لائق آهن، مگر انهن مان فرعوني اقتدار ۽ ساساني جلال جو اندازو لڳائي نہ سگهبو. جهن شخص کي منچوُ ۽ ميجي خاندان جي ڪارنامن جي ڄاڻ ناهي، تهن چين جي لنبي ديوار يا اوساڪا جي قلعي جا سنگين پٿر جهڙا ڏنا تهڙا نہ ڏٺا. انهن پنيان جو ڪبلائي خان ۽ هلاڪو وغيره جي حملن خواهہ شوگوُن ۽ سامُورائي جو حيرت انگيز داستان آهي، سو سڪطي نگاهہ ڦٽڪڻ سان نروار نہ ٿيندو. ساڳي ريت آگري اصفهان بغداد جي مسجدن مقبرن ۾ جو مذهبي جذبو خواهہ شاهاڻو شان سمايل آهي، سو منار ۽ گنبذ جي ٿولهہ ۽ اوچائيءَ مان معلوم نہ ٿيندو. استنبول ۾ صوفيا مسجد يا پارٿينان ۽ اڪرا پولس يا اَلحمرا جي محلن ۽ ماسڪو جي ديولين جي تہ ۾ جو اهاس آهي، سو پڙهڻ ضروري آهي. پرٿوي راج ۽ دارا شڪوهہ جي شڪست جي احوال ڄاڻڻ کان سواءِ تارا ڳڙهہ جون زبون ديوارون ڏسڻ اجائو ئي بي سود شغل آهي، جهڙو راڻا پرتاپ ۽ ميرا

خير! جو شخص دنيا جي تاريخ مان پوريءَ ريت واقف ٿيڻ گهري ٿو، تهنکي هلنڊ ۽ حال ۾ جا سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ ترقي ڪئي آهي، تهنجي پڻ ڄاڻ هئڻ گهرجي. جي ڪو شخص تاشقند ۾ تيمور جي تربت يا طوس ۾ فردوسيءَ جي قبر جو طواف ڪندي مرڪزي ايشيا جا وڏا کيت (Collective farms) نظر انداز ڪري، يا ڪريملن جو دورو ڪندي وولگا نهر ۽ ماسکو وشو وديالي تي اک پور ڪري، يا نيپرو پيٽروسڪ، باڪو، استالن وغيره خيال ۾ نه آڻي، سو نه سالم دماغ نه ليکبو. ارمان نه اهڙا سگهڙ جهڄها آهن جي تاج محل جي چاندوڻي سو پيا تي شيدا آهن، مگر جمشيدپور ۽ چترنجن بکرا ۽ ننگل ليکي ۾ نه ٿا آڻن. ليکن اسانکي ڄاڻڻ گهرجي نه پلائي ۽ سندري ورنمان سمي جا اهڙائي يادگار آهن، جهڙو لعل قلعو ۽ جامع مسجد مغلن جي دور جا. سچ نه اسان لاءِ کڙڪ واسلا جي اڪادمي ۽ پوسا جي ليبارٽري بدرينات ۽ راميشورم کان وڌ اهميت رکن ٿيون. واقعي پراچين آستانن ۽ کنڊهرن کي ارجن جي گانڊيو ۽ ڀيم جي گدا کان وڌ اهميت ناهي، ڇاڪاڻ نه اسپوٽنڪ ۽ هئڊروجن بم جي زماني ۾ اهي هٿيار ٻالڪن جي رانديڪن مثل آهن. عجب نه ٿنهن هولدي نه پوراڻڪ ڪتابن ۽ پراڻن آستانن تي ورو ورق ڏئي ورق پيا چڙهن، گرچ هرڪو ڄاڻي ٿو نه چوسيل گني کي دوباره چوسڻ سان رس جو قطرو ملڻ نه محال آهي.

لاءِ چين ۽ مرڪزي ايشيا ۾ ويا، مگر هُو مارڪوپولو جهڙا ڀاڳري نه هئا جو انهيءَ جو احوال قلمبند ڪن. اهڙي ريت عباسي خليفن جي زماني ۾ هندن ڪي پنڊت بغداد ويا، مگر هنن ابن حوقل جيان انهيءَ ماڻهن جي آداب اخلاق بابت ڪجهه به نه لکيو. ائين ناهي ته هن وشال ديس ۾ ڀاڳري تياڳي ناهن. آيامن ڪان ڪئلاش ڪان ڪنيا ڪماري ۽ خيبر کان ڪاسي ڀهاڙن تائين هن پوتر ڀومي جي چپي چپي تي جي تيرٿ آستان آهن اُنهن جي درشن ڪرڻ لاءِ سال بسال ڪروڙين ڀاڳرين بي اچ وڃ ڪئي آهي؛ ۽ هن ملڪ جي ندين ۽ جبلن جا وڻوروار وستار پي لکيا آهن. اسان جا وير ڪاويه ۽ پراڻ خواهه ڪاليداس جو "ميگهه دوت" انجي ساک ڏين ٿا. ليڪن ارمان ته اسان جي ديس ڪو البيروني يا برنيئر پيدا نه ڪيو، جنهن ڌارين ملڪن جو رٽن ڪري، انجي علم ۽ هنر جو پيرائتو احوال ڏنو هجي. عجب ته خود ويهين صديءَ ۾ مولڪي هڪ به هندواسي نه سجهي، جنهن پنهنجي سر ڪوجنا ڪري پال برنٽن جي "گپت ڀارت" جهڙو پستڪ رچيو هجي. انهيءَ مان ٿي ثابت آهي ته اسين رڳو پنهنجيءَ ۾ ٿي پورا آهيون؛ ۽ دنيا اندر جيڪي وهي واپري ٿو سو اکيون کولي نه ٿا ڏسون. شايد اها اسان جي قومي وڏ آهي، جو اسان آلدس هڪسلي جهڙو رولشي ڪوڏيو سياح به پيدا نه ڪيو آهي، جو اسان جي رهڻي ڪهڻي ۽ آچار وچار جا بدبدا ولودي ٿوڪڻي سان ونيڙڻ ۾ ماهر هجي.

کٿ نرناري ڏنيءُ سدا سي ڪرئي سانجھه سويري!
ڀارت ورش ڪي يگ يگ سي تو ڪنٺ ۾ هٿ جل مالا،
پياسي ڌرتي ڪي هريالي شيتل پٽيه نرنگين!

نارد ڪيرتن سي هو نندت هري ڪروٽا ڀھ آئي
برهم ڪمنڊل جهل نهين پايا ڌوُر جٽي جٽا ٻڙائي
دليپ جيوت ڪي انبر سي سوُڌارا ڪجري رالسي
چرڻ هماچل سي جل ڀن ڦر ملي تو ساگر سنگي!

ڪلنت جگت ڪي دک سک سي هو انت ڪيل جو ميرا
تٽنن نديا برسالا هو، ڪان ۾ ڪل ڪل نيرا
برسي شنڪت پراڻ ۾ شانتي، برسي امرت انگين
مان ڀاگيرٿي! جاهنوي! سرڌني! ڪلڪلو لين گنگي!

دليپ ڪمار جي مک مان اِها اُستتي ٻڌڻ سان پنڊت مدن موهن مالويه جي اکين ۾ آنسو اچي ويندا هئا.

اهڙي ريت "وولگا بوٽ مئنس سانگ" وولگا نديءَ جي اُپريل اُرهه لي ٻڌجي ته بهتر. عمر خيام جو "ابر آمد سر سبز گريست - بي باده گلرنگ نمي بايد زيست" وسنت ورکا سمي نشاپوري مطرب جي مک مان ٻڌڻ ۾ جو لطف آهي، سو رباعيات جي پين پين نقلن پڙهڻ مان نه ملندو. امڪان آهي ته شيراز جي زبون قبرستان ۾ "چه رنج و الم چشيده ام که مپرس - زهر هجر چشيده ام که مپرس" ٻڌڻ سان حافظ جي قلبي ڪيفيت

البت جهن روس جا سائڪلوٽرون ۽ فولاد جا ڪارخانا، اڪاڊميون ۽ اسٽيٽ فارم ڏٺا، مگر ليمن ۽ اسٽالن يا چيخاو ۽ پشڪن، ٽالسٽاءِ ۽ دوستووسڪي، گورڪي ۽ ترگينيو جا مڪان ۽ ماڻهن سان رلڻ ملڻ جا آستان نه ڏٺا، تهنجو سفر به سڪيارٿو نه ليکبو. ياتريءَ ۾ شناس هئڻ گهرجي ته شيڪسپيئر ۽ برنارڊشا راڻي ايلزبيٿ کان گهٽ وڌ مهان هستيون آهن، ۽ گئٽي، بسمارڪ ۽ هٽلر کان وڌ اهميت ٿو رکي. اهڙيءَ ريت ايمرسن جهڙي مهرشيءَ اڳيان ايزنهائوير ڪا چيز ناهي. اسين ڄاڻون ٿا ته اهي پرڌان ۽ بادشاهه اڄ آهن سڀاڻ ناهن، مگر ساهتيڪار ۽ مهاپرش سدائين دائم قائم آهن. انهيءَ ڪارڻ سڄاڻ ياتريءَ ۾ اينتري شناس ضرور هئڻ گهرجي ته ڪلڪتي ۾ وڪٽوريا ميموريل ۽ ڪلائيو اسٽريٽ يا دهليءَ ۾ سيڪريٽيريٽ ۽ ڪناٽ پليس ڏسندي سيواگرام ۽ سابرمتي، اڏيار ۽ بنارس هندو يونيورسٽي وساري نه ڇڏي.

مهنجو شخصي رايو آهي ته- گنگا جي سير لئي وهندي

"اُن ٽرن سي رنجت ڌرلي
لنبي لوچن هئن لال"

يا گنگا جي ڪنڌي لي "پتت اڌارن گنگي" ڳائڻ گهرجي!

هري يري لت اُنڪ سي ناچي چنچل نيري اُمنگين!

ڪتهي لگري لہرت هو گئي جرڻ چُم، مان نيري!

پوءِ پهنجي ڪن کي سنڌ ن سازن جي آلاپ يا آرڪيسٽري سنگيت لي هيرائجي، ڇاڪاڻ ته انهن سازن جو سنگيت اڪثر اڻ ڄاڻن کي ٻه رسيلو لڳندو آهي. هينئر ته ريڊيو ذريعي ساري دنيا جا ساز آواز ٻڌي سگهجن ٿا. مگر جپان جي هڪ ننڍي ريسٽوران ۾ گيشا جو گانو ٻڌڻ يا پارڪ ۾ نرليه ۽ سنگيت جي جشن ۾ شريڪ ٿيڻ سان جا فرحت ۽ طراوت ٿي ملي، سا ريڊيو مان نه ملندي. جيڪڏهن صحرا جي ڊب لي عرب گاني ٻڌڻ جو موقعو نه ملي ته دجله جي ڪنٽي لي ڪنهن نرليه شالا (Casino) ۾ عربي ناچ ۽ گانو ٻڌي سگهجن ٿا. ايران ۽ پوايچ سمنڊ جي آسپاس وارن ملڪن جي اها خوبي آهي جو اتي جا ڪيترا ريسٽوران کليل آسمان هيٺ گلن ٻوٽن جي وچ ۾ آهن، جتي آئيس ڪريم کائيندي يا ڪافيءَ جي ڪوپ مان سرڪ پيئندي ناچ گانو، ناٽڪ يا فلم ڏسي سگهجن ٿا. ارمان ته انهن ملڪن جي اها سستي وندر هنيجا مهانگا ريسٽوران ٻه ميسر نه ٿا ڪن.

مهنجو رايو آهي ته قدرت جا نظارا اڪيلو ڏسجن ته بهتر. اهڙن موقعن لي فطرت جي صحبت ئي ڪافي آهي. البت وقت جي شناس هئڻ گهرجي. مثلا دارجيلنگ مان هماليه جا شکر ۽ پوکوهاما هاربر مان فيوجي ياما جو مستڪ روشن روز لي صبح ويل ڏسڻ گهرجن. ڪي جبل صبح جو سهڻا لڳندا آهن، ته ڪي شام جو. اُهو ڏسڻ واري هنڌ لي منحصر آهي. ڪو ٻه جبل ويجهڙائيءَ مان

جي وڌيڪ جاڻ پوي، يا سعديءَ جي مقبري وٽ
بادامي گل ڇهڙين خوشنماليئنگرين جي زر اَفشاني ڪن ٿي
پولدي ڪريما جي مصنف جا پند بي اثر پاسن. لاشڪ
شيراز جي ڪنهن نوبڪلي باغ ۾ بريات ويل ”مرغ سحر
ناله زر خوان - باغ مرا تازه تر ڪن“ ٻڌڻ، يا البرز جي پب
وٽ وهندڙ نهر جي آغوش ۾ ”بيا بيا صنما دلم شڪستي،
تو ڪه خود پرستي“ ٻڌڻ سان ايراني شاعرن جي دلپذير
ماحول جو چٽ دل تي چٽو چٽجي ويندو. البت ڪنهن
ٻه ملڪ جي راڳ جو رس وٺڻ لاءِ ڪن جي تربيت کپي.
ورنه بيٿوون جي سمفنين (Symphonies) ۽ واگنر جي
آرنيڪن (Preludes) ۽ ريل ڇيل پوازن (Fugues) مان
مزو نه ايندو. ويردي ۽ موزارت انهن کي رسيلا لڳندا،
جن هنن جو پاءُ گرهڻ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.
باقي ٻين لاءِ ته باخ ۽ براهم، اِسٽراس ۽ روسيني ٻه مٿي
جو سور آهن. انهيءَ تي عجب ڪائڻ نه گهرجي، ڇاڪاڻ
ته خود اسانجي گوين جو راڳ نواٽوي سيڪڙو ماڻهن کي
نه وڻندو آهي، بلڪ ڪيترن سڄاڻن کي به اها ڄاڻ ناهي
ته ڪلياڻ روزاني ڪارڪرت کان فارغ ٿي سنڌيا ويل
ايشور جا ٿورا مڃڻ (Thanks giving) لاءِ موزون آهي،
۽ مالڪوَس ٻي ٻجي رات جو وشو جي شانتي ميه
وايومنڊل سان لين ٿيڻ ۾ واهر ڪريمو. ڌارين ملڪن جي
برکه گوين جي انوکي ڪلا جو لطف وٺڻ کان اڳ بهتر آهي
ته پهرين سڌن راڳ جي پاڙ جو ڪجهه ابياس ڪجي ۽

اچن. هنن جو عقيدو آهي ته اهو رامزد اها جوالا آسمان مان آندي، جهڙي اِنهيءَ امرجوت جي پوڄا ڪندا اچن. اسان جي ديس ۾ پڻ ڪيترا پهاڙ اسان جي ساهتيه ۽ ڌرم سان ڳنڍيا پيا آهن، جهڙي هزارين ياتري هر سال اُتي تيرٿ ڪرڻ ويندا آهن. ڪيترا ٻوڌي آستان پڻ اوچن شڪرن تي اڏيل آهن. مثلا لاسا ۾ دلائي لاما جو آستان ۽ ڪوبي جو شنتو وهار.

جبلن جا ٻه گهڻيئي قسم آهن. ڪي پرٿويءَ جي پيٽ ۾ بدهاظمي سبب اوڪار جي نڪتا آهن ته ڪي سمنڊ جي تري ۾ جڙي راس ٿيا آهن. ڪن جي هاٿي لوهه جهڙي سخت آهي ته ڪي اهڙا پرڪٽا آهن، جو پير رکڻ سان مٽيءَ جو ڍڳو اوف جي چپ جيان هيٺ ڪسڪڻ لڳندو آهي. ازانسواءِ ڪي نمرود ۽ قفقاز، سليمان ۽ پامر جيان بلڪل ننگا، گنجا، هڏن جا پڃرا آهن، ته ڪي هريا ڀريا، تلها متارا. ليڪن هرهڪ پهاڙ کي پهنجي شخصيت آهي. مثلا گيلان ۽ مازندران جا جبل سملي ۽ سولن جي پهاڙن جهڙائي سرسبز آهن، ليڪن بحر خضر جي نزديڪيءَ سبب اليجو نظارو نرالو آهي ۽ لهرن خواهه ڍنڍن جو پاڻي لڙائيل.

پهاڙن جيان سمنڊ ۽ صحرا کي به پهنجي خصوصيت آهي. جيپان ۾ شمونوسيڪيءَ جي آسپاس يا ڪارين ۾ ساموليءِ سير ڪندي، آسمان ۾ غبار سبب جي رنگين پردا ڏسبا آهن، سي قيام وسرڻ جا ڪين آهن. مون گهڻي هند اُفق ۾ سحرالگيري خواهه شفق جي زرافشاني

ڏسبو ته اُنجو نقش چٽو نه ٿيندو. مثلاً مون ارارات اوير
طرفان وٽ جهڙائيءَ مان، ڏٺو ته ڪو خاص آڪار ڏسي نه
سگهيس. اهڙي ريت البرز جي به ڪا خاص صورت
ناهي. مگر سال ۾ اٽڪل نوَ مهنا سندس سفيد سِرُ طهران
جي رستن تان ائين ڏسڻ ۾ ايندو هو، ڄڻ ڪو پير مرد
شفقت جي نگاهه سان ٻارڙن کي ويٺو ڏسي. اهو خيال
اچڻ سان آءٌ پنهنجي دل ۾ ڪشش محسوس ڪندو هوس،
۽ سياري ۾ برف سان ڍڪيل رستو خرام خرام لتاڙي وڃي
سندس آغوش ڀيڙو ٿيندو هوس. پهاڙن جو رنگ ڪرڻ ۾
ٻٽو لطف آهي. هڪ ته هيٺان مٿي نهارڻ سان نيلگون
فضا ۾ پربت جو ڏيل چٽو ٿو ڏسجي، ٻيو پهاڙ تان هيٺ
نظر ڦٽڪڻ سان نهرون ۽ ٻيلدون، ڏونگريون ۽ ماڙيون
نهايت رونق دار ٿيون لڳن. جن ڪسوليءَ مان ڪالڪا يا
منصوريءَ مان ديرادون يا آبوءَ مان اوير واري پٽ تي
نظر ٻوڙائي هوندي، سي انهيءَ جي تصديق ڪندا ته
اهڙين اُتاهين تان سڄي سڪڪي زمين به سهڻي ڀاسندي
آهي. اوچن پهاڙن جي چوٽي تي ٻيرين ٻنڌ ٻهڇڻ لاءِ
تين سنگهه جهڙا جبرا مڙس گهرجن. ٻيو ته دماوند ۽ فيوجي
ياما جهڙا جبل آڳاٽا جوالامک آهن، جنهن ڪري سندن
چوٽي تي برگهه مان گندرف جي بوُ ايندي آهي. ليڪن
ٻين ڪيترن پهاڙن جيان دماوند پوتر پربت آهي، جنهنجي
آگ جوالامک جي اُجهامڻ کان پوءِ به پارسي اڄ تائين سانڍيندا

بدلجي ويندو آهي ۽ اندر ۾ اُجالو ڀِسبو آهي. اهڙي وقت ڪو جانور پڻ ۾ بيٺو هوندو ته توهان جي دل انهيءَ گنگي پراڻيءَ ڏانهن اهڙو ڇڪجي ويندي، جڻ ورهين پڇاڻا ڪو وڇڙيل يار مليو اٿو. توهين پڪ ڄاڻو ته گلن جي ساراهه ڪرڻ سان چمپا چنبيلي ڪي وڌيڪ خوشبودار نه ٿيون ٿين، نڪي نهر جي ڳڙڳڙاهٽ ڪا وڌيڪ سريلي ٿي پوي ٿي. انهن جي باري ۾ ٻڪ ٻڪ ڪندي اسين انهن جي سڳند ۽ مڌر آلاپ کان وانجهجي ٿا وڃون. مگر ٻڪ ٻڪين کان دور دور ۽ پڇ پڇين کان پري انهن جي پڙ ۾ ڀڻڻ سان وجود ۾ نوان ترنگ پيدا ٿيندا آهن ۽ جسم ۾ نئين جان اچي ويندي آهي. ماحول جو پراڻي مالڪ جي ڇرتر تي گهاٽو اثر آهي. ٺهڪري ڪو وقت وڻن ٻوٽن، پکين پسن، ندين نهرن سان ڄڳري ناتو جوڙڻ سان پاڻ کي صحت مند ۽ روشن دماغ بڻائي سگهجي ٿو.

ليڪن اڪثر سدائين ڏسي ٿي جهڙڪري سمرليءَ جي فلم تي ورلو ڪو چٽ ڇٽو ٿو ڇڏجي. رستي تان لنگهندي ڪئين مهاندا ٿا ڏسجن، مگر اڪثر ٻوٽ ۾ ئي ميسارجي ٿا وڃن. اتفاق سان ڪا صورت منڍيءَ تي ٽڪ جيان من ۾ کپي ٿي وڃي ۽ وساريندي نه ٿي وسري. مثلا ڪشور اوستا ۾ مون هڪ خوبصورت نوجوان ٻروچ کي قاسيءَ تي چڙهندو ڏٺو ۽ اڄ به اها صورت اکين اوڏو پئي ڦري. انهيءَ موقعي تي پهرين ته آءٌ بيهوش ٿي ويو هوس ۽ پوءِ رات جو چيخون ڪري اٿندو هوس. ٻي دفعي طهران

ڏني آهي، مگر اهي لٿاءِ چڙهان جي ساموندي فضا جي رنگ رليءَ سان برميچي نه سگهندا. ڪن منڊن ۾ ڪنهن خاص هنڌ جي هوا به اهڙي ٿئي ٿي، جو انهي سڪٽي سمرٽي دل بهار ڪيو ڇڏي. اهڙيءَ ريت بيابان جي بي انتها سج کي پنهنجو روپ رنگ، آب تاب آهي. اهي بيابان اڪثر سمنڊ جي سطح جهڙا ڏسڻ ۾ ايندا آهن ليڪن هو، نڪي سمنڊ جهڙا سليٽي يا ڪارسرا آهن، نڪي اهڙا بي قرار. باقي برف ۽ ريتيءَ جي بيابان ۾ گهڻو سنڌو ناهي. هوا لڳڻ سان برف جا ذرا به ريتيءَ جهڙا گول ٿي پون ٿا ۽ اکين خواهه ڪيمسن ۾ گهڙي وڃن ٿا. البت برف ڪير جهڙي اڇي ٿئي ٿي ۽ ريتي ڦڪاڻ تي مائل يا خاڪي. مون گهڻيئي برف ۽ ريگ جا ميدان لتاڙيا آهن ۽ انهي جهڪي جسماني سختيون سٺيون اٿم، سي هوند جانن کي به ليلهر هٽائي ڇڏن. ليڪن اهڙن پڙيانگن جو سير پڻ حياتيءَ جو هڪ املڪ تجربو آهي.

مون ڇيو ته پرڪرتيءَ جو پسار ۽ رمڻيڪ درشيه ايڪ منو تي اڪيلو ڏسڻ گهرجن، ڇاڪاڻ ته اڪيلائيءَ ۾ ماڻهو سوچڻ سمجهڻ لڳندو آهي؛ ۽ پسگردائيءَ جا آواز ۽ بوليون اڪ ڪن لڪ ۾ اهڙي جاذبيت پيدا ڪندا آهن، جو خاموشي خود بازبان ۽ پر آواز ٿي پوندي آهي. ڪڏهن ته لانگهائو ڪڪر جي ڪنار، ٻُور جي سرهاڻ، پنن جي ڦر ڦر اچانڪ دماغ ۾ داخل ٿي بت ۾ چستي ۽ حواسن ۾ تيزي آڻيندي آهي. اوڏي مهل خيال جو وهڪرو پڻ

دماغ ۾ مدار نہ ٿا رکن. هڪ دفعي مهنجي هڪ معتبر دوست ڇهرڪن جي سئنسيٽو ريلم ۾ ڪبوتر جي سير تي وهائي ۽ آءٌ ڪبوتر هٿن ۾ جهلي بيٺو هوس، تہ ان جون اچرج ڀريون اکيون ڏسي سيني ۾ اهڙو گهاءُ محسوس ڪيم، جو ٻيهر اهڙو ڪم نہ ڪيو اٿم. مٿان ڀانيو تہ آءٌ بزدل آهيان. ليڪن اِها حقيقت آهي تہ ڪنهن پراڻيءَ جي پيڙا ڏسي نہ سگهندو آهيان.

مون ڪي اهڙا مهانڊا بہ ڏٺا آهن جي ڏسڻ لائق ناهن، مگر ڪوشش ڪندي بہ وسرن نہ ٿا. مثلاً شانگهائي ۾ يئنگٽزي ڪيانگ پار اُڪرندي جڏهن ناکٽي ڪشتي وچ سير ۾ بهاري، اسانکان پئسا وٺڻ ڪچڏائڻ ۾ ناڪامياب ٿيڻ سبب اسان کي ذري گهٽ سرن درياهہ تي ڪيو، تہ اوڏي مهل سندس زال جي ٿان ٿان سبب هڪ نشي ۾ ٿمتار تيل پانڪيءَ جي حالت خواهہ مائيءَ جو مهانڊو وسرڻ جا ناهن. هتي بہ هڪ شخص جهن ارڙهن سال اڏيري لال جا مت پريا هئا سو جڏهن مائي آئي لاءِ ايندو هو، تہ مونکي وڪٽرهيوگو جو ڪبو (Quasi mode) اکين اڳيان ٽري ايندو هو، جهنجو ذڪر ”نوٽرڊام جو ڪبو“ (Humch back of Notrie Dam) ۾ ڪيل آهي. البت ائين ناهي تہ بڇان يا ڪراهت يا ڪاوڙ ڏيارڻيندڙ شڪليون ئي مشڪل وسرنديون آهن. هڪ دفعي شبلي پهاڙ (لبريز ڪان چوويهہ ميل ڏکڻ ۾ پهاڙ جو نالو) جي چوٽ تي مونٽر مان لهندي مهنجي اکہ هڪ سترورهين جي

جي ميدان ۾ ٻوپهاڻ وقت هڪ ڏوهيءَ کي ڦاسيءَ تي لٽڪندو ڏٺم. انهيءَ شخص ٻيهارو ڀيرائن جو خون ڪيو هو ۽ عوام جو رايو هو ته هنکي سنگسار ڪجي. ڇونکي انهي غول جي ڪرتوتن لاءِ سخت نفرت هئي، جهنکري چاهيم ته اکين سان انکي لٽڪندو ڏسان. جنوريءَ جو مهنو هو ۽ رستا برف سان ڍڪيا پيا هئا. تڏهن هوندي به هزارين زالون مرد الي اچي ڳاهٽ ٿيا هئا. آءٌ ٻه بٽ تي چيسٽر ۽ ٻيرن ۾ گالوش پائي لالهزار پارڪ جي لوهي لوڙهي وٽ اچي بيٺس. نظميه جي سامهون لنبو پول زمين ۾ کوڙيو هئائون، جهنمان رسي پئي لڙڪي. پوليس مجرم کي موٽر ۾ وٺي آئي ۽ خلق تي ضابطو رکڻ لاءِ فوجين جا دستا بهي ويا. ڏوهيءَ جا هٿ پٺيان ٻڌل هئا، ليکن هنجي منهن مان هراس يا خوف ڏسڻ ۾ نٿي آيو. ڇونکي خاطري آهي ته حشام ۾ ڪو اهڙو به پيرو نه هو جهنکي مجرم تي قياس ايندو هجي. ليکن جڏهن هنجي ڳچيءَ ۾ سرڪڻ وجهي مٿي ڇڪيائونس ته ڪن جي وات مان رڙ نڪري وئي ۽ ڪي بيهوش ٿي ويا. مهنجي اکين اڳيان به اوندهه ڇانئجي وئي ۽ بت پگهرجي ويو. پر واري لوڙهي جي سيخ جهلي ويهي نه رهان ها ته شايد ڪري پوان ها. ليکن عجب ته اهڙي حالت هوندي به مهنجي اک ازخود انهيءَ مجرم جي لرزان ٽنگن طرف ڇڪجي ٿي وئي، جن مان آهسته آهسته جان نڪري رهي هئي. واقعي شرير کي ڪي پهنجا سنسڪار آهن، جي اساجي دل ۽

نه ورلو ڪو جواني ٿو ماڻي. هتي جي جواني جنهنجي بهار جهڙي ئي مختصر آهي؛ ٻالڪپڻجي کٽي نه ورلي ڪنهن جوان ۾ جوڀن جو ٻُور ۽ هٻڪاءُ آهي. جيئن جو هر هولڊو ئي ڪونه، نه جواني ٻه جلدي ٿي پوندي. هتي جي آب هوا ۽ ڪاڄ ئي اهڙو آهي، جو جوڀن کي اُسرڻ ئي نه ٿو ڏئي. ورنه تندرست ۽ سگهي جسم ۾ جا ڪشش آهي سا هر جا ساڳي آهي.

منهنجي پيرمرد جي صورت ڏسڻ پڄاڻا مون هتي هڪ ٻاهتر ورهين جي پيرسن عورت ڏٺي، جنهنکي مون پنهنجي ماءُ ڪيو آهي. هينئر ته هوءَ منهنجا جائي آهي، گرچ ڪجهه وقت کان صحت بگڙڻ سبب خوش نه ٿي گذاري. ليڪن سندس پير ۾ ٻهڻ سان اندر ۾ اهوئي اُپرڪو ايندو اٿم، جو وڏي اماڪي پاڪي پائڻ سان ايندو هوم. لاشڪ هوءَ ٻه مونکي گهڻو پائيندي آهي. مگر آءٌ جو ازخود ڏانهس ڪينچجي ويس، انجو اوائلي ڪارڻ سندس نهايت نفيس ريشم جهڙي ٻت جي بناوت ۽ شڪل جي سونهن هئي. حسن حسن آهي ۽ هر جا موجود آهي. مثلا مونکان هڪ ترڪ ڇوڪريءَ جون پاٽيانيون اکيون ۽ بيضوي مهانڊو وسرن ئي نه ٿا. اهڙي ريت هڪ جرمن عورت ٻه اڄ ڏائين چت ۾ پئي چٽڪي. مون ڪن پنجابين جا ٻه مهانڊا ڏٺا آهن، جي نهايت سهڻا ئي ليکبا. البت سونهن کا سڪٽي اُچاڻ يا خدخال ۾ نه آهي، جئن ڪيترا اجاڻ سمجهندا آهن. سونهن آهي صحت ۽ گرم سرخ خون جي

پير مرد لي وڃي پيئي. هؤ بورڊو (فرالس) جو رهاکو
هو ۽ جلفا مان ريل رستي تفلس وڃي رهيو هو. موٽر جي
سرائي (axle) ڀڄڻ سبب آءُ سڄي رات برف مان لنگهندي
ساٺو تي پيو هوس، ليکن هن بريواد جي صورت ڏسڻ
شرط پٽر جي بت جيان ٻڌ ۾ کپ کوڙي بيهي رهيس.
واقعي هؤ اهڙو حسين هو، جو هوند فيدياز جهڙي سنگتراش
کي به اهڙي شڪل جو مجسمو ناهڻ لي لاز ٿئي. مون
گهٽيئي سهڻا پيرسن ڏٺا آهن. توهان به فلسطين جا
درازريش ريدار با تصوير بائبل ۾ ڏٺا هوندا. کرست جون
کي تصويرون، جنجو نقل کندي کي هندي چترکار
گولم بد ۽ گرونانڪ کي به اهڙ يائي بيهڪ ڏيڻ جي وٽرت
کوشش کندا آهن، سي نه جڳه جي حسن پرستن جي
من جو تار ۽ قلب جو قرار آهن. مگر کرست جوان هو.
گرچ سندس تصويرن ۾ ايشوره (Hobines) پولسرتا ۽
پکتي وڌيک بکنديون آهن. انسان ذات کي هن لاءِ ايڏو
نه سنمان آهي، جو مريم جي گود ۾ بالک يشودا جي بالک
کان ٻنهه ٽرالو تو لڳي، خير. اهو خيال غلط آهي نه بيدابو
سهڻو نه ٿيندو آهي. خزان کا بهار کان گهٽ شوينڪ
ناهي. جن سرد ملڪن ۾ کير جهڙي برف سان ڍڪيل
زمين ڏٺي آهي، سي تصديق کندا نه اهو درشيه کهڙي
نه ساوڪ کان گهٽ سندر ناهي. چوندا آهن شراب جيئن
پڇڻي ٿئن وڌ مزيدار ٿئي. لهڙي ريت رسيدگيءَ ۾ جو
رس آهي، سو کچي ميوي ۾ ناهي. اسان جي ديس ۾

۽ سالنيڪا، نرم ۽ نفيس آهن. باقي کهرا ۽ ڦِڪا، ڏُکها ۽ ٽِڪل آواز ته اڪثر ٻڌجن ٿي پيا. مولکي کي پارسي ۽ عربي، فرنگي ۽ هندي ڳانا وٽندا آهن. والٽز ۽ سيرينيڊ، ڪئَرول ۽ فاڪس ٽراٽ ته هرڪنهن ٻڌا آهن. هيئنئر هندي ڳائڻ ۾ يورپي طرزن جي ملاوت جا تازگي ۽ نئين جان آندي آهي، تهنجي هرڪنهن کي ڄاڻ آهي. بهتر ته جيئن مغل زماني ۾ عرب ۽ ايراني، ۽ موجوده زماني ۾ يورپي طرزون جذب ڪيون اٿون، تئين ڪي چيني جپاني سُر ملائڻ جو به ڪر ٻرايون. البت اهڙي اٿاڳي ڪار ۾ لاءِ ڪشلتا کپي. باقي رڳو جاز ۽ شيدين وارا گهمسان نقل ڪنداسين ته سڏاري عيوض بگاڙو ايندو.

ارمان ته اسانجي زال ذات جا نرگهت ڪي سُريلا ناهن. سندن ڪنٺ ۾ اها ڪوملتا ۽ سرلتا ناهي، جا فرانس ۽ ايران جي نارين جي ٻاٽيباني ڳلي ۾ آهي. اسين پهنجي ٻارن جا ڪنٺ سنوارڻ لاءِ ڪو يتن ئي نه ٿا ڪريون. البت هرڪا نار ڪا ڪنن بالايا جيڪا نه ٿيندي. مگر تربيت ڏيڻ سان اِها قومي وڏ سڏاري سگهجي ٿي. اسان کي ياد رکڻ گهرجي ته هر قوم جي آواز ۾ ڪا وشيشتا ٿئي ٿي. مثلا يورپيا اڪثر آواز عربن وانگر نرگهت مان ڪيڻ تا ۽ يالڪي نڪ مان. پنجابي بول ترڪ بول جهڙو ڪڙڪ آهي ۽ جرمن لوڪن جو ڳالهائڻ ٻڌي سنسڪرت جي شلوڪن جا اُچار هري ايندا آهن. باقي سنڌي آواز نه آهي ٿي بي رس ۽ بي چس. مون اِجا ڪنهن سنڌي ۽

ڪرامت. مون ڇپوله کي شڪليون ڇڙ ڏياريندڙ ٿينديون آهن، ته ڪي وري کل ڏياريندڙ به ٿين ٿيون. مثلاً شالگهائيءَ جي بزار ۾ رلندي هڪ ٻچي ڏٺو هوم، جنهنجو مهانڊو ڏري اچڻ سان پاڻهي کل اچي ويندي اٿم. اهڙي ريت ڪي جانور پکي ٻوٽا ٻڻ نهايت دلڪش ٿين ٿا، جنهنجي يادگيري اچڻ شرط اها مهل ۽ موقعو، ملڪ ۽ ماحول اکين اڳيان ڦري ايندا آهن.

ليڪن سونهن رڳو شڪل ۾ ناهي. عمدا آواز به اهڙا دلڪش ٿين ٿا، جو ورهين پڄاڻا هري اچڻ سان به اُڪير اُڇل ڏيندي. هڪ دفعي مشهد ۾ امام رضا جي روضي جي پر ۾ رات جو هوٽل ۾ ستو پيو هوس ته اٽڪل چئين ٻجي اهڙو رقت انگيز ۽ سيسرامت پيدا ڪندڙ آلاپ ٻڌم، جو نهايت سريلو ۽ دلپذير هوندي به بيحد اَلم ناڪ هو. عجب ته هينئر به اندر جي ڪنهن اونهي غفا ۾ يا اچيت جي اجائل ٿهه خاني ۾ اهو آواز گونجندو محسوس ڪندو آهيان. شايد هن ارمانن واري دنيا مان لڏي ويل دکي پريت آتمائن جا ارمان ان ۾ ٿي سمايل هئا، جو آڪاش انهن کي جذب ڪرڻ جي طاقت پاڻ ۾ نه سهاري، وري هن پرٿويءَ ڏي موٽائي ٿي موڪليا. واقعي ڪي آواز اهڙا قاتل ٿا ٿين جو نشتر جيان سيني ۾ چڀو وجهن، ۽ ڪي وري اهڙا به آهن جي ڪٽ والگر ڪن ۾ ٻڙُن ٻڙُن پيا ڪن. ڪي به به آواز هڪ جهڙا ناهن. ڪن ۾ ڇوهه ۽ تندي، برق ۽ بيباڪي آهي، ته ڪي هيم جهڙا سيتل

ڀانت ڀانت جا آهن، ڇاڪاڻ تہ ڀراڻي خواهہ پدارٿ هڪ ٻئي کان نرالا آهن. انهيءَ اڪثريت ۽ نرالپ کي ئي تہ جگت ٿو چئجي. انهيءَ ڪارڻ اچو تہ دل ۽ دماغ جا در کولي قدرت جي ڪتاب جا ورق ورايون ۽ انهن کندي ڀاڻ لاءِ جٽادار سکيا ۽ خوشحال زندگيءَ جو اسباب ميسر ڪريون. اهوئي آهي سير ۽ اهائي آهي سياحت جي مراد.

جو آواز ڪنور جي آلاپ جهڙو نه ٻڌو آهي. باقي ٻين ڳائڻن ڪي ته نڪ ۽ ڪلين ۽ نرگهٽ جي مرامت ڪرائڻ گهرجي.

اِنساني آواز جيان هرملڪ جون ٻُوٽون ۽ ذائقا به ڪي قدر نرالا آهن. ڪي ٻوٽون رنگن سان مليل ٿينديون آهن. مثلا جپان جي گيلاس (Cherry blossom) ۽ آذربائيجان جي بادام، هند جي سرش ۽ ٿم جو ٻُور. اڪثر زالن مردن جي جسم مان به ڪنهن قسم جي ٻُو ايندي آهي، جا سندن شرير جو هڳاءُ آهي. اڳيه ٻد ٻُو دٻائڻ لاءِ ڪي سرهاڻ (عطر) استعمال ڪندا هئا ۽ هينئر هلڪي سرهاڻ (Scent) ڪم ٿي اچي. ليڪن سرهاڻيون استعمال ڪرڻ سان نڪ نود ٿيو پوي ۽ منجهائنس سوڪيم سڳند جي پرکه جي ڪلا گم ٿيو وڃي. ازانسواءِ هرهنڌ جا چشڪا ۽ ذائقا ۽ نرالا آهن، جي سڄاڻيءَ ڪي ضرور چکڻ گهرجن. هتي ديس ديسانتر جي ڪاڏي پيتي جو ورنن ڪبو، ته ڪئين ورق ڪارا ٿي ويندا. لاشڪ حياتيءَ جي ذوق ۾ اضافو آڻڻ لاءِ جيب خاص اهميت ٿي رکي.

جهن شخص جا حس حواس ڪافي چست ناهن، سو سير مان اهو لطف ماڻي نه سگهندو جو نفيس نڪ ۽ ڪن، اک ۽ جيب ڌارن ٿي پرايت ٿي سگهي ٿو. البت مغز ۾ به ڪافي مواد موجود هئڻ جڳائي ۽ چت ۾ اُها نُوس نُوس جا سدائين ڪومت ڪندي وڃي. باقي سياحت جو لطف آهي ٿي ٻاهريان اثر جذب ڪرڻ لي. اهي اثر

پڇاٽا مس سليڊ انھيءَ ڪٽنبا جي ڀر ۾ پنھنجي رھڻ لاءِ لانڍي جوڙائي ۽ اُنجي ڀتين تي پنھنجي ھٿ سان ڪجيءَ جي وڻ جا چتر چٽيا. انھيءَ لانڍيءَ جي ڇت تي ڏئليس آھن ۽ ھوا روشنيءَ لاءِ در دريون. ٽن پاسن کان ورانڊو بہ اٿس، جھڙي سياري ٽوڙي اونھاري ۾ سھنج ڀري آھي. مگر ميرا ڀيڻ (مس سليڊ) جو سياءُ آھي خانہ بدوش، جھڙي ور ور ڏئي ھڪ آکيري مان پکيھ پلاٽي ٻي ھنڌ وڃي لنگر ھڻندي آھي. اُنھيءَ ڪارڻ جڏھن اِھا مائي اِھو آشيانو ڇڏي وئي، تہ سنڌس لانڍيءَ کي ٽن ڀاڱن ۾ ورھي مھاتما جي رھڻ لاءِ ڪوٺي ۽ سنڌس ٻن سيڪريٽرين لاءِ آفيس جو پربند ڪيائون. مھاتما وچين طبقي ۾ رھندو ھو، جنھن ۾ اٽ ڏھ ملاقي مس ويھي سگھندا ھئا. لانڍيءَ ۾ ٽڏن کان سواءِ ٻيو فرنيچر ھوئي ڪون. البت مھاتما پاڻ پيرسن ھو، جھڙي سنڌس وھڪ لاءِ پٽڙي وڇايل ھوندي ھئي، جنھن تي بہ طول رکيل ھوندا ھئا. ڪڏھن پٽ کي ٽيڪ ڏيڻ لاءِ ڪاٺ جو ٽختو بہ ڪم آڻيندو ھو ۽ لکڻ لاءِ ڪاغذ جي ھيٺان پٽي رکندو ھو. ھوءُ ٿورين شين مان گھڻو ڪم ٽپائڻ جو عادي ھو، جھڙي ھرڪا شيءِ ترتيب انوسار ٺاھي رکندو ھو، جنھن ضرورت وقت ٽاچني لفافي پاڻي وغيرہ تي پنھنجو پاڻھي ھٿ وجھي پوءِس.

ورڌا ۾ اچڻ کان اڳ مھاتما افريڪا ۾ فينڪس ۽ ٽالسٽاءِ فارم جو پايو وڌو ھو ۽ گجرات ۾ سابرمتي آشرم جو. ھن

٣. سيواگرام آشرم

"منش ڀنن جيون کان نرالو ناهي. جيڪڏهن ماڻهو پورڻتا جو ڪانڪي آهي ته پراڻي ماتر سان پيار ڪري ۽ جڳت کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪري. سمورو جيوَن هڪ آهي. لوڪ شيوا تپسيا آهي." مهاڀارت.

١٩٣٦ع ۾ مهاتما ڪانگريس سان اسهڪار جو اعلان ڪري، پنهنجو سمورو وقت تعميري ڪارين ۾ لڳائڻ جي مراد سان گوشه نشيني اختيار ڪئي؛ ۽ وردا اسٽيشن کان ساڍا پنج ميل پري هڪ نهايت پست بستيءَ جي ڀر ۾ ڪکي جهوپڙي اڏي وڃي ويٺو. انهيءَ هنڌ کي هاڻي "سيواگرام" نالي سڏيو وڃي ٿو. مگر اوائل ۾ اُتي گرام يعني ڳوٺ هوئي ڪونه. البت سيٺ جمنالال بجاج جي اٽڪل هڪ سؤ ايڪڙ زمين ۽ باغيچو موجود هئا، جي هن مهاتما کي دان ڪيا، ۽ سندس اچا پنالدڙ بانس جي لڪڙين ۽ لٽن مان نهيل ڪٽيا سندس وسرام لاءِ ٺهرائي. ڪٽيا جي ڇت تي لڏا وڇايل هوندا هئا ۽ مينهن اُس کان بچاءَ لاءِ وڻ جي ڇايا ڇت جو ڪم ڏيندي هئي. ڪجهه مدت

غير واجب ناهي، ڇاڪاڻ ته آءٌ جتي به وڃان ٿو ته اُتي
جا سودائي چرٻٽ چريا مون ڏانهن ڇڪجي اچن ٿا.”
هريجن نومبر ١٩٣٣

مهاديو ديسائيءَ انهن عجيب غريب شخصن جو مزيدار عڪس چٽيو آهي. ڇي هي آشرم ناهي پر وٿاڻ آهي، جتي بنا ترتيب ٽڙيل پکڙيل لانڍين ۾ پانت پانت جا ٻه پيرا جانور اچي ڪٺا ٿيا آهن. انهن مان هڪڙو آهي پانسلي، جو ڪنهن وقت گجرات وديا پيٺ ۾ پروفيسر هو ۽ اسهيوگ آندولن جي دؤران ۾ ايڪ ٻار ٽرنگ ليرف ڪري آيو آهي. هن ٻار کي ڪو ريڇڪ آيو ته ٻنواسي ٿجي، سو اوچتو جهنگ منهن ڏئي ويو ۽ ڪي سال ساندهه اُلف جيان اُگهاڙو ٻن ۾ ڀٽڪندو رهيو. ڪي سال ته مؤن ڏارڻ ڪيائين ۽ ڇپن ۾ ٽنگ ڪري پٽل جو چلو وجهي ڇڏيائين، جنهن ٻوٽ مان ٻڙڪ ٻاقي لـ سگهي. سندس گذران ڪٽڪ جي کچي اٽي ۽ لم جي پنن تي هوندو هو ۽ ڪڏهن ته ڪي هفتا ساندهه اُپواس رکندو هو. هڪ دفعي اتفاق سان مهاتما جي ور چڙهي ويو، جنهن اڻينت پريم سان پرگهور لهي ماٺهڙي ۾ آندس. انهيءَ عجيب انسان کي ڪم لاءِ ٻچان هوندي هئي. چوندو هو ته اهائي غلاميءَ جي جڙ آهي. نه ڪانئبو، نه ڳهبو. ليڪن مهاتما جي هنڙي گهمائڻ ڪانپوءِ اُهو ساڳيو پانسلي ڏينهن ۾ سترهن ڪلاڪ خوشيءَ سان ڳهڻ لڳو. آشرم ۾ ست ڪلاڪ پاڙهيندو ۽ ڏهه ڪلاڪ کپهه پڃندو ۽ ڪتيندو هو.

دفعي آشرم اڏڻ جي مراد ٿي ڪانه هيس. مگر هتي به ساڻس اهائي ڪار ٿي، جا هڪ سنياسيءَ سان ٿي گذري هئي. ڇو ن ته اُنهيءَ سنياسيءَ جي اتفاق سان ٻلِيءَ جي ٻولڙي ٿي دل سرڪي وئي، سو انکي کير پيارڻ لاءِ ڳانءِ وٺي آيو ۽ ڳانءِ جي پالنا لاءِ ڌنار جي ضرورت محسوس ڪيائين. پوءِ ته قصو ويو وڌندو. مهاتما جي مرضي هئي ته اڪيلو رهي. ڪستوربائي کي به پاڻ سان رهائڻ کان ٻي ڪيباياڻين. مگر غور ڪريو ته مهاتما جي لاچار وارو ماڻهو اڪيلو ڪيئن ٿي رهي سگهيو؟ هُو شنڪر ڀڳوان وانگر ڪئلاش جي ٽڪ تي پلٿي ماري ويهي ها يا صحرا جي خانه بدوشن جيان رڻپٽيءَ جي ڊٻ تي خيمو کوڙي ها، نه ديس پرديس جا سڏڙيا ٺوس ٺوس ڪري ڳولي لهنس ها. سندس شهرت جو آفتاب آفاق ۾ جهلڪي رهيو هو، جهڙڪري شخصي گوشه گيري اِشاعت جي عقابي اک کان بچائي نه ٿي سگهيس. انهيءَ ڪارڻ هو اُنهيءَ لاڏيءَ ۾ ٽانئيڪو مس ٽيو ته ديس پرديس جا مولائي شيدائي سرڻ وانگر مٿانس لامارا ڏيڻ لڳا، ۽ ڪي سچاڻ اچاڻ، ڇرپت ڇريا، سگها اَگها وٽس ڪمپ کوڙي اچي ويٺا. انهن مان گهڻا ته سندس جهونا رفيق هئا، جي ڳاٻي وانگر ازخود ڳانءِ ڏي ڇڪجي ويا. مهاتما به سياويڪ ڪين پائيندو هو. پاڻ ٿو لکي ته

"ڪئين شخص مونکي سودائي، ڇرپت، ڇريو سمجهندا آهن. لاشڪ اها شهرت جا ٻڙيي الم سا ڪا

سهڪار ڪري انهيءَ ماڻهن کي سڃاڻپ ٻڌائي. انهيءَ ٻڪشوءَ جو "اهنسا پرمو ڌرم" ۾ پڪو نشچو هو، ۽ رهڻي ڪهڻي اهڙي نرمل هيس، جو خود مهاتما کي به شهه ڏني ٿي ويو. ڪن جو رايو هو ته اهو شخص جپان مان جاسوسيءَ لاءِ موڪليو ويو آهي، ليڪن آشرم واسين- مهاتما سميت- انهيءَ تهمت کي وزن نه ٿي ڏنو، ڇاڪاڻ ته روزاني لهه وچڙ مان خاطري ٿي هئين ته هو بنهه اشراف ۽ اميل هو.

آشرم ۾ مارس فريڊمن نالي هڪ پول پڻ رهندو هو. پولنڊ ۾ هو مڪئنيڪل انجنيئريءَ ۾ رڌل هو ۽ ڪوجنا ڪري نئين نموني جون ڪي مشينون پڻ ٺاهيون هئائين. هو وطن پرست ٿي ڏنو، مگر جنگ ۾ پولنڊ جي هار پڄاڻا موٽي پنهنجي ملڪ وڃڻ نٿي چاهيائين. پهرين ته ڪجهه وقت ٻين مهاجرين وانگر در بدر هو، مگر پوءِ ميسور رياست ۾ نوڪري ملي ويس. ٻڌجي ٿو ته انهيءَ نوڪريءَ جي عرصي ۾ مهرشي رامڻ سان سنگ ٿي ويس، جنهن سنياس جو گيڙو رنگ اوڇڻ پهرائي، مٿس ڀارت آنند نالو ڌري، اؤنڌ ۾ پرچار ڪرڻ لاءِ موڪليس. پوءِ هو مهاتما گانڌيءَ جي اثر هيٺ آيو ۽ مڃڻ لڳو ته نئين دنيا جي سيپنا ۽ آرٿڪ استٿيءَ جي بيڙهه هٿ جي پورهئي ۽ اهنسڪ آچار وچار تي اڏڻ گهرجي.

مهاتما جي لانڊيءَ جي ڀر ۾ هڪ ڪوڙهئي جي جهوپڙي هئي، جنهنکي جيل جي سزا ڪاٽيندي اهو منحوس مرض وڪوڙي ويو هو. ليڪن اهو شخص

چين کان پٽل جو ڇلو ۽ لاهي ڇڏيو هئائين ۽ وڏا نهڪ ڏئي آشرميين کي وڏرائيندو هو. البت ڇيله ۾ اُهوئي ڇولڙو هوندو هوس ۽ پيرين اُگهاڙو گهمندو هو. آشرم ۾ وڇون ۽ نانگ گهڻا هئا، پر هوُ اُنهن جي پرواهه نه ڪندو هو. سنسار جي پدارٿن لاءِ رليءَ مانڊ به چاهنا نه هيس. اتفاق سان بدواس جي ڇڪ تيندي هيس ته ڊوڙي وڃي مهاتما کي ڇوندو هو ۽ کيس اجازت ڏي ته ٽنگون مٿي سر هيٺ ڪري پاٺ کي ڪوهه ۾ لٽڪائي ڇڏي. سچ ته پانسلي جي دماغ ۾ پراچين يوگين جي اگهور تپسيا جا وچار ڏرڙو ماري وينا هئا. جيڪڏهن باپوءَ جي هن اڌ مغزيءَ تي پوري چوڪسي نه هجي ها، ته اُلاجي پاڻ تي ڪهڙا وٺل وهائي ها.

آشرم ۾ هڪ جپاني سادو به هو. هنجي رهڻي ڀڪشوءَ جهڙي هئي، مگر ڏهندو ديکي وانگر هو. آشرم جو ڏڪئي ۾ ڏکيو ڪم هوُ پاڻ ڪندو هو. ائين ناهي ته مٿس ڪم ڪرڻ جو ڪو بندن پيل هو. ليڪن پورهيت ورليءَ سبب سمورو وقت رڌل رهندو هو. پهرين ته پراڻه ڪال جو اُٿي ڍولڪ وڄائي ”اوم نميو هوم، رينگي ڪيوم“ جو منتر اچاريندو هو، ۽ سنڌيا جو به ساڳي ڍولڪ تي ساڳيو منتر اُچاري آشرم جو وايو منڊل پوتر ڪندو هو. هوُ ڪٽر ديش ڀڳت هو، ۽ ”مها ايشيا سنگرام“ (War for greater Asia) جي فايدي ۾ دليل ڏئي ذهن نشين ڪندو هو، ته جپان جي مراد آهي ته چين سان

اڻ ٿڪندڙ پيت ناهي. چرخي ڏئاران سؤراج هٿ ڪرڻ هڪ پاگل دماغ جي ايجاد ناهي، ته ٻيو ڇاهي؟ ليڪن اها ٻ خوش قسمت ڇٽبي جو ڇرين کي پنهنجي چريائيءَ جي ڄاڻ ناهي. شايد اهوئي سبب آهي جو آءٌ پاڻ کي سنئون ٻيو سمجهان."

مهاتما جي موجودگيءَ ۾ سيواگرام آشرم جي روزاني ڪاروبار چئين ٻجي صبح جو گهنڊ وڄڻ سان شروع ٿيندي هئي. اِها گهڻ ٻڌي، هرڪو ڪرموڙي اُٿندو هو، ۽ هٿ منهن ڌوئي پرارٿنا ڪرڻ لاءِ مهاتما وٽ اچي پٽ تي پلٿي ماري ويهندو هو. پهرين گيتا مان شلوڪ اُچاريندا هئا ۽ پوءِ اڌ ڪلاڪ ڪن سريلي آواز ۾ ڀڄن ڳائيندا هئا. مهاتما راڳ جي سر تي خاص ڌيان ڏيندو هو. چوندو هو ته، "جيڪڏهن ديس جي آزاديءَ خاطر ستياگره جي پرتگيا نه ڪريان ها، ته ڇمار ڀڄن ڳائيندو وتان ها. هينئر فرصت ئي ڪانهي، جو راڳ ڳايان." هتي لوهاڻجي وندر ۽ سکيا لاءِ هڪ عمدو ۽ سليس گيت ٿو ڏيان:

ٽُل - اُٿ جاڳ مسافر ڀوُر ڀئي

اب رئن ڪهان جو سووت هئه

جو سووت هئه وه کووت هئه

جو جاگت هئه وه پاوت هئه.

۱. ٽڪ نيند سي اکيان کول ذرا

او غافل، رب سي ڌيان لگا

سنسڪرت ڀاشا جو ڄاڻو هو ۽ زور ڪري سيني سان انهيءَ ٻوليءَ ۾ ئي ڳالهائيندو هو. هن کي انهيءَ پراچين ڀاشا جي اتري نه ڄاڻ هئي، جو ٻڌندڙ سندس واڪيه ورڪا ڏسي وسميه ۾ پئجي ويندا هئا. جون ته اهو "شاستري" ٻڻ بنا اڇهي اوچڻ پيو پڙڪندو هو ۽ ڀاڻ کي انهيءَ بيماريءَ مان ڇٽائڻ لاءِ اُپواس رکندو هو. هڪ ڏينهن ڀڄائون ڪندي اچي سيواگرام سهڙيو ۽ مهاتما کي وينتي ڪيائين "مونکي اڄهو ڪپي، جتي حياتيءَ جا پويان ڏم ڪاٽي، ڀڄون هڏيون دفن ڪريان، توهين مون کي لوڌي ڪيندا ته ٻه ڪونه ويندس." مهاتما هن جي افسوسناڪ حالت ڏسي ڀاڻ وٽ رهايس، ۽ جيسين هوُ جيئرو هو تيسين هرروز هڪ ڪلاڪ وٽس وڃي رهاڻ ڪندو هو.

انهيءَ نمولي مهاتما جي مرضيءَ خلاف سيواگرام بنا ترتيب ويو وڌندو. اُنهيءَ باري ۾ ڀاڻ هيئن لکيو اٿس:

مهنجي مرضيءَ خلاف هيءَ جڳهه بنا ڪنهن ليم ۽ بندن جي آشرم بڻجي پيئي آهي. روز بروز ليون لانديون پيون ٺهن ۽ آبادي پئي وڌي. هيئنر ته هي آستان اسپتال بڻجي پيو آهي. مان چرچي ۾ چوندو آهيان ته هي مريضخانو آهي. مان ڀاڻ ئي جسماني خواه دماغي ريت مريض آهيان، جهڙڪري ڀاڻ وٽ مريضن جا ڪٽڪ اچو گڏ ڪريان...... اتفاق سان مان هن جڳهه جي ٻيمت پاڳل خاني سان ٻه ڪندو آهيان. لاشڪ اُها اڻپوري ٻا

٢. سمدرشٽ ني ترشنا تياگي
پر اِستري جاڻي مات ري
جهوا ٽکي اَستيہ نہ بولي
پر ڏن نوجهالي هاٿ ري.

٣. موهہ مايا وياپي نهين جي ني
دريڍ وئراگيہ جنيا من مان
رام نام شُون تالِي لاگي
سکل تيرٿ تينا تن مان.

٤. وڻ پوي ني ڪپٽ رهت ڇي
ڪام ڪروڌ نواريا ري
ڀڻي نر سئي تينو درشن ڪرتا
ڪل ايڪوتر يوتاريو ري.

پرارٿنا وقت قران ۽ انجيل مان بہ آيتون پڙهندا هئا ۽ موقعي سر ٽئگور جا گيت ۽ ٻين جا ڀڄن پڻ ڳائيندا هئا. پوءِ هرڪو ڪمہ پنهنجي ويندو هو ۽ وري نيرن وقت اچي حاضر ٿيندو هو. اوڏي مهل هرهڪ کي ٿالهي ڪٽورو ملندو هو ۽ روٽيءَ سان کير کجور ۽ ڪيلا ملندا هين. مهاتما خود هيءَ نيرن ڪندو هو. ١. بوهي چٽن جا صاف تيل اٿ گورا ٢. خرمي جون بہ ڳڙيون ٣. هڪ سڪل انجير ٤. هڪ سائو ڪيلو ٥. ٻڪريءَ جو کير. آشرمين کي منجهند جو ڦڪا اٽيا چانور، اٽي روٽي،

يهہ پريت کرن کي ريت نهين
رب جاگت هئہ، تُو سووت هئہ.
۲. اي جان، بِگت کرلي آپني
او پاپي، پاپ ۾ چئن کهان،
جب پاپ کي گٺڙي سيس ڌري
ڦر سيس پکڙکيون رووت هئہ.
۳. جو کل کري، وہ آج کرلي
جو آج کري، وہ اب کرلي
جب چڙيا کيت چگت ڊالي
ڦر پڇتاوي کيا هووت هئہ.

ٻيو گجراتي گيت جو مهاتما کي پسند هو، تهن ۾ سچو وئشنو کير آهي، تهنجو وستار ڏنل آهي:

ٽُل - وئشنو جن تئني کهئي
جو پيڙ پرائي جاڻي ري
پر دکي اُپکار کري
توڻي من اِيمان نہ آڻي ري.
۱. سکل لوک مان سنيهي بندي
نندا نہ کري کيني ري
باچ کاچ من نشچل راکي
ڌن ڌن جنني تئني ري.

خلاف اُلٽو رخ اختيار ڪري، ڪنهن قسم جو توازن پيدا ڪندي آهي، جهنڪي مڌيم مارگ ٿو چئجي.

مهاتما جي صرفه جوئيءَ جا ٻيا به ڪي مزي جهڙا مثال آهن. سابرمتي آشرم ۾ مڇر گهڻا هوندا هئا. اُنهيءَ ڪارڻ هڪ دفعي مليريا ٿي پيس. ڊاڪٽر صلاح ڏنس ته مڇرداني ڪم آڻي. مهاتما سوچيو ته ديس جا ڪروڙين مفلس مڇرداني خريدي نه سگهندا، سو اهڙو ڪو اُپاءُ لهجي جو سڀني لاءِ ڪارگر ٿئي. نيٺ گهڻي غور بعد پنهنجي منهن لي ٻه چار ڦڙا گاسليٽ جا مهٽي، هٿ چادر ۾ لپيٽي گُهٽ ۽ گرميءَ ۾ سمهڻ لي پاڻ هيرڻ لڳو ۽ اُنهيءَ نموني مڇرن جي آزار کان پاڻ بچايائين. سندس آشرم ۾ چانهه پيئڻ لي بندش پيل هئي. جيڪڏهن ڪو علتي چانهه پياڪ مهمان ٿي ايندو هو ته پهرين هن کي موڪل وٺڻي پوندي هئي؛ جهنتي مهاتما هن کي چانهه جي خرابين لي اُپديش ڏئي ان عيوض سيڪيل انجير جي پائوڊر مان ڪوسي پاڻيءَ ۾ تاهيل ڪاڙهي پيئڻ جو مشورو ڏيندو هو. انجير ۾ ڪاڏي جي طاقت جا جزا ۽ پيٽ صاف آڻڻ لاءِ لوڻ ٿين ٿا. ڪاڙهي جو ذائقو به لائو ناهي. اُنهيءَ ڪارڻ چانهه پياڪن کي اهو عرق آزمائڻ کپي، جو واقعي ڪم خرچ ۽ صحت بخش نُوش آهي.

مهاتما پنهنجي سموري ڪرت ڪار، لکپڙهه، ماڻهن سان ملاقاتون، کاڌو پيتو ۽ آرام هڪ لي لانديءَ جي پٺين اندر ڪندو هو. ڏينهن جو ٻارهين بجي ٽپڙ ٻاسيرا رکي لنگر

أباريل پالڪ ۽ ٻڙي امڪين دال ملندي هئي. نيئي ويلا فقط اهي ڀاڄيون ملنديون هيون، جي آشرم جي کيت ۾ آشرمي پهنجي پورهئي سان أپائيندا هئا. أنهيءَ ڪارڻ ڪڏهن نه ته ٻه ٽي مهنا سالدهه هڪ ئي قسم جي ڀاڄيءَ لي لڳندا هئا. پرسان وردا ۾ ڀالت ڀانت جا قل ۽ ڀاڄيون موجود هيون، مگر سؤولتهي سڏالت ۾ عقيدي سبب شين جي مٺا سٺا نه ڪندا هئا. آشرم جي وراڌي ۾ هدايت لکيل هئي ته طاقت اوچي ۽ گهٽي ڪاڌي ڪائڻ مان نه ٿي ملي، پر تورو کاڌو چٻاڙي کائبو ته صحت سني رهندي ۽ طاقت به وڌندي. مهالما قناعتي مٿرس هو، سو پوڄن شالا جي بورڊ تي پهنجي صحيءَ سان لڪائي ڇڏيو هئائين "مونکي اميد آهي ته آشرم کي غريبن جي امانت سمجهي هرڪو أنجي پهنجي ملڪيت وانگر سنڀال ڪندو. گهرج کان وڌ لوڻ چپٽي به نه ڏجي، لکي پاڻيءَ جي اجائي هارويرا تيئڻ گهرجي." أصول عمدو آهي. ليڪن ڪهن کي ڪريلا يا گوبي کائڻ لي دل ٿئي ته هنکي هرويرو روزانو پالڪ جون ڏانڊيون چو کارائجن، سو مٿين هدايت مان نرنئه نه تو ٿئي. شايد ڪن جو ويچار آهي ته تن کي تسيا ڏيڻ سان آلمڪ اوسر تي ٿئي. ليڪن ٻوڌي بکشن ۽ عيسائي منن جي إتهاس مان أنهيءَ سڏالت جي صحيح هجڻ جي ساک نه ٿي ملي. گذريل ڏهن سالن اندر خود. اسانجي ديس ۾ جا ألٽي گنگا وهڻ لڳي آهي، تهن مان پڻ معلوم تو ٿئي ته قدرت هڪ نمولي جي انتهائيءَ

۽ گيت ڳائيندا هئا. پوءِ اها لانڍي خوابگاهه بڻجي پوندي
هئي ۽ هرڪو ننڍڙي وڇائي ڪونگهرا هڻندو هو.

اِها هئي مهاتما جي روزاني جيوت، جا هُو پنهنجي
ساٿين سان گڏ سيواگرام آشرم ۾ گذاريندو هو. هُو پنهنجي
نيم لي پورو هوندو هو ۽ هر روز پرارٿنا ۽ ڪتڻ جو ڪم
ڪندو هو. هن لاءِ ڪتڻ به هڪ قسم جي اُپاسنا هئي.
جڏهن ماڻهو سمهڻي سورهين، تڏهن هُو انٽ هلائيندو هو.
سندس سموري جيون گويا هڪ لنبي پرارٿنا ۽ گهور
تپسيا هئي. سندس خيال ۽ عمل اهڙا ٺهڪيل هئا، جو
اهي هڪ ٻئي کان علحدا ڪري نه ٿا سگهجن. گاهي گاهي
هُو ايشور عيوض ستيه نارائڻ شبد ڪم آڻيندو هو. پر اُهو
نارائڻ سنسار کان ڪا الڳ هستي ناهي. جيڪڏهن ڇنجي
نه وشو وياپڪ شڪتي جا شرير ۾ آتما سمان آهي، تنهنجو
پوڄن ٿي ڪيائين نه شايد درست ڏسڻ ۾ اچي. سندس
جيوت سادي سداچاري ۽ جپ تپ واري هئي. پنهنجي
ساٿين جي رهڻي ڪرڻي به اُنهيءَ انوسار اڏڻ جو خواهان
هو. سندس آشرم ۾ ڪم گهڻو ۽ فرصت گهٽ هئي. اَن ۽
ٻاجيون پوکڻ، ڪاٺو رڌڻ ۽ ڪپڙا ڌوئڻ، کير ڏهڻ ۽ ڳائين
جي پرگهور لهڻ، ڀاري ليپو پائڻ ۽ ڪاڪوس ميڙڻ،
ڪتڻ سبڻ وغيره سڀني کي يڪسان ڪرڻو ٿي پيو. ائين
ڪونه هو نه جيڪو جهن ڪم لائق هجي، تنهنڪان اُهوئي
ڪم وٺجي. چوندو هو لکمو هٿ زيان ڪندو ۽ لکمي
دماغ مان خرابي پيدا ٿيندي. رواجي ڀاڪن وانگر انهيءَ

لڳائيندا هئا، ۽ پنهنجي سر مهاتما مهمانن ۽ مريضن جي کاڄ لئي نظرداري ڪندو هو. سڀئي پهاٽا آشرمين جي سنکيا وڌڻ سبب پوءِ شالا ناهيائون، جتي گڏجي ڪاڌو کائيندا هئا. لنگر پهاٽا اها لانڍي آفيس جو ڪم ڏيندي هئي ۽ ٽپال خواه اخبارن جا ڍيڙ اچي ڪٺا ٿيندا هئا. مهاتما جو سيڪريٽري خط پڙهي ٻڌائيندو هوس ۽ جواب پڻ سندس چئي مطابق لکندو ويندو هو. ڪي خط مهاتما پاڻ پڙهندو هو ۽ جواب به پاڻ ئي لکندو هو. سندس دستخط اهڙو الڳ ونگڙ هو، جو سيڪريٽري ۽ ٽائپسٽ لاءِ جنسي مٿي جو سوُر بڻجي پوندو هو. ازالسواءِ پني جي بچت ڪرڻ لاءِ جواب خطن جي اڻ لکيل پاسي ۽ حاشين لئي لکندو هو، جهڙڪري پٺيان اکر به اڳيان پيا ڏسبا هئا. ٽپال جا جواب ڏئي، مهاتما ليٽي پوندو هو ۽ ڪي آشرمي پڻ ساڳي هنڌ پاسو ڪنڌ وٺي پئجي رهندا هئا. ننڊ مان اٿڻ بعد هٿ منهن ڌوئي ڪتڻ شروع ڪندو هو ۽ ساڳي وقت ملاقين ۽ مهمانن سان ڳالهيون پڻ. ڪتڻ لاءِ جيڪو ائٽ ڪم آڻيندو هو، ٿهنڪي ييرودا ائٽ چوندا آهن، ڇاڪاڻ ته اهيءَ جيل ۾ ئي وما والا ائٽ کي سڌاري، اهيءَ صورت ۾ آندو هئائين. اهي ائٽ هينئر عام جام پيا ملن ۽ اڳين ائٽن جي ڀيٽ ۾ هلڪا نيدا ناهوڪا ۽ ڪارائتا آهن. سٽ ڪتڻ کان پوءِ وري پنجين بجي لنگر لڳندو هو ۽ هرڪو ڪاڌو کائي روءِ سوءِ گهمڻ نڪرندو هو. سنجها جو وري صبح وانگر پرارٿنا ڪندا

ڪي پوري ڪرڻ کان ڪيٻائڻ نه گهرجي. البت عملي رهڻ شهرن ۾ ممڪن ناهي ته هرڪو زن مرد ڪرڦتيءَ جي ٻاٽ مٿي لي ڪٽي ٻاهر ڦٽي ڪري اڇي. مهاتما وگياني طريقن جو به ورودي هو ۽ هرڪو ڪم هٿ سان ڪرڻ لي زور ڏيندو هو. ورنه موجوده زماني ۾ ضروري ناهي ته هرڪو اهو ڪم پنهنجي هٿ سان ڪري. البت جتي اهڙو سهنج ناهي ته وقت سر ڪهڙي به ڪم کان منهن موڙڻ مورکتا آهي.

اِها هئي آشرمي جيوت، جا مهاتما ۽ سندس ساٿي گذاريندا هئا. هتي نڪي هو لئود هليءَ جو آڏمبر ۽ دٻدٻو، نڪي طاقت جو غرور ۽ حضرت فلوس جو هٿ. تهن هوندي به اُنهن بانس جي لڪڙين ۽ ڳنب جي لانڍين ۾ ڪاڪوس ميڙيندڙ ۽ پوتو ٻهاري پائيندڙ، ٻني ٻارو ڪندڙ ۽ ائٽ هلائيندڙ آشرمين جي درشن لاءِ يورپ ۽ امريڪا جون سٽيبون آساميون ۽ ڳريون پڳون کهي ايندڀون هيون، ۽ ديس پرديس ۾ اُنهيءَ کهني پراٽي رهڻي ڪرڻيءَ لي چهرا بحث پي هليا. لاشڪ اهو مهاتما جي سياسي ۽ سداچاري شخصيت جو پرتاب ٿي چئبو. جيڪڏهن سندس اعليٰ هستي آشرم ۾ نه هجي ها ته اُتي هولڊ کو ليٺو نه پائي ها. اهو آشرمي جيون اهڙو ناهي، جهنجي اوت لي وڏهين صديءَ جي عمارت اڏي سگهبي. واقعي مهاتما جي جيون ۾ لويننا هئي ٿي ڪاله. هو

گفتي ۾ ٻڌ ڪي سڀ جا ڄڙا آهن. ورنه آئنسٽائين کان
وگيانڪ کوڄنا ۽ ٽئگور کان ڪولا لکائڻ عيوض ڪاڪوس
ميڙائڻ ۽ ڪٽائڻ ۾ ڪا سياڻپ نه ٿي ڏسجي. ڪم جي
مناسب ورهاست آرٿڪ پربنڌ جو هڪ نهايت اهم انگ
آهي؛ ۽ انهيءَ دئاران ئي محنت گهٽ ۽ لاڀ وڌ پراپت
ڪري سگهجي ٿو.

آشرم ۾ ڪي آسودا، آبرودار ۽ معزز شخص به هئا،
جي پنهنجي زالن سميت اهو پورهيو ڪري مهاتما کي
خوش ڪندا هئا. هڪ دفعي هڪ مسلمان رفيق ڪسي
ڪاڪوس ميڙڻ کان عار ڪندو ڏٺائين ته چيائينس
”مذهب جو بنيادي أصول آهي ته هر قسم جي پورهئي
کي پاڪ ليکجي. مان ڄڏهن اندو هوس، تڏهن اهو ڪم
پنهنجي هٿن سان ڪندو هوس. مونکي انهيءَ ڳالهه تي
فخر آهي. اگر توهانکي اهڙي ڪم کان عار آهي ته پڪ
جاڻو توهان پنهنجو مذهب پورو نه سمجهو آهي. هي ڪو
هرو پرو مذهبي سوال ناهي. هرڪو انسان مجبور آهي ته
پائخاني بعد پنهنجي صفائي پاڻ ڪري. جيڪو گند آندي
اندر سانڍي گهمون ٿا، تهنکي ٻاهر ڪڍڻ بعد ٻهارڻ يا
ڍڪي ڇڏڻ ۾ عيب ناهي. اسان اهو ڪم ٻين مٿان وجهي
ڀنگين جو هڪ علحدو فرقو ناهي، ساڻن ڇوت ڇات جو
ورتاءُ ڪريون ٿا، جو نياءُ ڪين چئبو. اها اسان جي
سمجهه جي وِڏ آهي. ورنه حياتيءَ جي ضروري حاجتن

رفته رفته اها دنيا اسان جي اکين اڳيان غائب ٿيندي ٿي وڃي؛ ۽ اُنهي غروبي آفتاب جا آخرين ڪرڻا، جي شفق کي گلگلون ڪري رهيا آهن، سي ٻه آخر اُڪر ۾ ٿي اَلوُپ ٿي ويندا.

پراچينتا جي بهترين گڻن جو ڀنڊار هو. جي ڇنڇي نه اها قدامت، جا وگيان ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي داب هيٺ وڃڻ لڳي ٿي وڃي، تهنجو جيئرو جاڳندو روپ هو نه ٻي واجب نه ٿيندو. انهيءَ کان انڪاري ٿيڻ مشڪل آهي ته آڳاٽو ويچار وهنوار ۽ ماڻ جاڻ حالو چالو ورتيءَ کان نرالو آهي. هتي ڇڱي مدي جو به سوال ناهي. نوان ماڻ ۽ ويچار پڻ نين حالتن جو نتيجو آهن، جيئن اڳيان ويچار وهنوار اڳئين زماني جي حالتن جو نتيجو هئا. مهاتما پراچينتا جي پيداش هو، ۽ هن ملڪ جو ابو نه، پر ڏاڏو ليکجي ته بهتر ٿيندو. البت سندس نهايت شاندار شخصيت سبب اها پراچينتا-ديپڪ جي آخرين لاٽ وانگر- تجليدار ٿي لڳي. هن وقت جو وديا ۽ وگيان ۾ واڌارو ايندو تو وڃي، تهنجي اڃا شروعات مس ٿي آهي، ۽ شروعات ۾ اڪثر مونجهارو ٿيندو آهي. مهاتما کي موجوده خيالات ۽ جذبات جي لڪل جهرڻن ۽ امڪانات سان ايڏي دلچسپي نه هئي، جيڏي سناتن سنسڪارن ۽ پراڻڪ ويچارن سان ذهني ۽ طبعي رغبت هيس. دائمي مشغولين ۽ سياسي بحران سبب کافي فرصت به نه هيس، جو وگياني تجربا ڪري سناتن ويچار ورتيءَ جي موجوده حالتن جي ڪسوٽيءَ تي پرک ڪري. البت پاڻ لاءِ جا خاص دنيا تعمير ڪئي هئائين، سا مقرر حدن اندر مڪمل هئي. ڪو نه چئي ته انهيءَ ۾ ڪي خوبيون ناهن. هوُ انهيءَ دنيا جو منور آفتاب هو.

ڳاڙهيندا پيا وڃن. ڪن وٽ ڪفن به ڪونهي؛ ۽ ڪي جاڙن سندن لاش کهڙي مساڻ ۾ ويندو. ليڪن اڙڪ نه ٿا ٻاڙن، نه ڪو سڏ ٿا سلن:

”وهان لــ ويرم ٿئي
وڃان لــ واڪـو ٿئي
پــاڙي پــوي پڃار.“

لنهن هوندي بــ اباڻي اڙ لڙڪڻ ڏسي، ڏهين جا ڏورايا ناگوار سمجهي، توڪل جو ترهو ٻڌي، درياه جي دهشت جو سانگو نه ڪري، ري ملاح، ري مڪڙي، سير ۾ ڪاهيندا ٿا وڃن. پريان هيبت ناڪ هلاچو هل، قحط ڪنگالپڻو، مرض ۽ مصيبت شيڪي رهيا آهن. مگر هر ڪو:

”مونکي ڪا م جهلي - هر ڪا پاڻ پلي،“

چوندو، ورامت جي مڪ ۾ ڏوڪيندو تو وڃي. من ۾ فقط هڪ ئي خيال واسو ڪري ويٺو اٿن:

”ڪهـ آسڻ، بن جيڏيون ڏيراٽو ڏنار
لڙڪڻ آهي اڙ ۾!“

هائو، جي وطن ۾ قرب ناهي؛ وطني بي مروت ٿي پائرن کي ڏڪارن ٿا، نه پاسو ڪري وڃڻ ئي بهتر آهي... لنهن هوندي بہ ائين ناهي نه اهي لوڏيل پنهنجي مدهوش وطني پائرن جا بدخواهه هئا. جاچي ڏنم اـ اڪ ۾ لڙڪ هوندي ۽ سندن دل مان دعا پي اڪتي، ۽ وطن کي آسيس ڪندا پي ويا:

لڏ پلاڻ

گوپ هارمونو ڪڇي اڪيلو ويٺي ڳايو:

"سوُرداس ساڄن درشن بن- لڳنن لير ڀيو
پريت ڪر ڪاهوُ- سک نه لهيو؟"

ڳائيندي دل ڀرجي ٿي آيس ۽ لفظ ٽڙيءَ ۾ اٽڪي ٿي پيس. پڇيو مانس: "دوست، اهو گيت ڪٿان جهٽيءِ؟"

"هڪ رمتي راڳيءَ وٽان."

"رمتو راڳي! راڳي آهن يا نه، پر هينئر رمتا نه سيٺي آهن. ڏس، ماڻهو ڪيئن نه رلي کلهي لي ڪنيو رمندا رهن ٿا."

"اڪيون پير ڪري وڃجي، وو وڃجي" جي ٽارڻي لن ۾ هلين. مون واڻيو.

"اَباڻا اَجها، مائٽاڻا پاڙا، مڪتب مندر ڇڏي، راڱو واه لڏيندا، ملڪ ڇڏيندا ٿا وڃن. ڏس، ڪيئن نه ڏَ لڏا ڏاڙي ڇڏي، يارن سان الوداع ڪري، مٺڙي وطن کان وڇڙي ڪٺو ڪٺو ٿي ٿا وڃن. ناز جا پاليل اڄ رت رئندا، ڳوڙ

"تنهنجي ڪوٺي ته سلامت آهي نه؟" گوپ پڇيس.

"اهڙيءَ ويل اُتاولو نه ٿجي. صبر ڪر" مون چيس.

اسان وچ ۾ نهايت ڇتو بحث شروع ٿي ويو. آخرڪار قلعي طرف وياسون، جتي هندن جو اٿاهه ڪٽڪ ڪٺو ٿيو هو. عجيب نظارو هو. ڀيڙ مان لنگهي نانڪرام هال وٽ آياسون. هڪ واڻيءَ پنهنجي حڪايت ويٺي ٻڌائي. چي: "منهنجي نياڻيءَ جو ڏاجو ڪٽجي ويا. گاريون به ڏنائون، ٺپڙ به ڦريائون." تنهن تي ٻئي پڇيس: "ڏاج جي قيمت گهڻي؟"

"پنج سؤ روپيا."

"بس، ٿوري ۾ ڇٽو آهين." ٻئي ٻي رخو هٺجي چيس.

"اڙي ڇا ٿيو! ٽيهه پياڪن جي ڪير جون بوتلون، ڊبل روٽيون، ڊوٽل چادرون، پراڻيون فراسيون بلڪ اڌ ڪم آندل دوائون به ڪٽجي ويا. وس پڄين ها ته پيٽ ۾ ڪاڌل ماني به آنڊي مان ڪڍي وٺن ها،" ٽئين چيو.

"سرڪار ڪانهي. انڌ ڌند آهي،" ٻئي چيو.

"ٻارو بادشاهه گڙدي آهي." ٽئين سر ونايو.

"ڀلا هينئر ڪٿي هلبو؟" پهرئين پڇيو.

"جتي هري اِڇا." ٽئين وراڻيو.

"اڙي ڀائي، هتان ايشور به پاسو ڪري ويو آهي. لاشڪ اسين اهڙا پاپي آهيون." پهرئين چيو.

"جي اسين آهيون پاپي، ته جٽن ڪهڙا پڄ ڪيا آهن؟" ٽئين رد ڏنو.

”ميهڙن هن ميهار جون الله سڀ جيئن،
ڪاريون ڪکيون ڪنڀون وارا ڪيو وِين
جوءِ جا جالدارن جي، ٻيلا ٻهه ٻهه ڪن.“

”هوءَ ديس دروهي ناهن، لکي ديس واسين جا مت-گهرا“ موهن وراڻيو.

”اِئين برابر آهي. اسين هن مٽيءَ جي پيدائش آهيون ۽ سنڌ اسان جي ماتا سمان آهي. مگر جت نه آهي آبرو نه عزت، جت ڌارين لاءِ آءُ ڀاءُ گهڻو ۽ پنهنجن لاءِ قومت بوڏ، جت پنهنجن کي مفلس ۽ ذليل بڻائڻ ۾ وطني خوش ٿين ۽ سنڌن پائماليءَ ۾ پنهنجي آسودگي پسن، اُتي گهارڻ آهي عبث، آهي عبث!“ گوپ وراڻيو.

”اهو خيال صحيح ناهي. سنڌي مسلمان اهڙا خبيث ناهن. البت ڪجھ وقت کان خودغرض ۽ سياسي شاهينگن جي ساريِ زور آهي، جنهن ڪري هندن جي دل تي اهو اثر ويهي ويو آهي. سنڌ جا عام مسلمان لڪ لهن. آخر ڪار هوءَ به اسان جو جان جگر آهن. مذهب اصل نسل بدلائي نه ٿو سگهي“ موهن وراڻيو.

اِلي هوت اچي سهڙيو ۽ چيائين ”توهين نه ڪي عجيب جانور آهيو. ملڪ ڀيو ٻري، توهين وينا مرليون وڄايو. شرم نه ٿو اچيوَ. شهر ۾ راڪاس گهمي ويو آهي. پٺاهگيرن قليليءَ طرف ٻن موٽن سيٺين جو قوڙائين مان مغز ڦيهيو آهي ۽ ڦرلٽ به ڪئي اٿن.“

”هائو ڀيلي، دانهن بنا داد کنهن جو ٿيو ڪينڪي. ورنہ اهي سرٽيون ماس ڀڃي ويندا يون.“ ڀڄي سر وٺايس. ”جيڪي منجهه ماٺ سو دانهن کندي ڪين ٿئي.“

”جتي ڀنهن جا وينا ڦرن، اُتي ڏاڙہن کسي ڪهڙو کهڪاءُ ايندو؟“ ٿئين ڀڄي کي رد ڏنو.

”بخشي ٻار اوگڻ سانڍا
نہ ويندي ڪوئي نہ تڳي
جي ٻڪڙي سوڙهي گلي
لوڙي هوندي ڀڳسي ڀلي
لاابالي صاحب دربار تيري
چارا ڪسي کا نہ چلي.“

اسين اهي سلوڪا گفتا ٻڌي اسٽيشن طرف اُسهياسون، جتي هندو پيتيون ٻنگون مسلم گارڊس کولي تي ڏيون. اهڙو ڪو ورلي هو، جنهن جي ٻُپڙن مان ڪا شيءِ نہ ٿي کڍياؤن. ڪيسي خرچيءَ بنا پير چورڻ جي اجازت نہ هئي. کُولي ڏيڍ ڪان ٻنجين روپئين لائين داڳيني جي ڪٽاٽي تي ورلي. باٻوءَ بہ ناٽو جام ڪمايو هو.

اسٽيشن لان مونندي چاچو چيلارام منهن چڙهيو. سائس هڪ وڏيرو هو، جنهن چيس، ”پر اهي واٽيا پڇن چوتا؟ ٻوڙ پلاءَ جي دعوت ملي ائن ڪيٿن، جو جهڳا چڏي هنني اچي ڳاهت ٿيا آهن؟ ٻار ديسي سيٺ ڪجن، پرديسي کهڙا ٻرلن!“

"وري به پگولت جي ٻاٽي ۾ پئو رهجي، ليٽ ڀڙو ٻيي لائيندو." ڀوڻين پنهنجي عقيدي جو اظهار ڪيو.

"گرو گرنٿ ٻرواهه ڪيائون ڏرٻار ۾. هينئر مچ ڪچ چئو ر جهلائيندا ۽ آرليون ڪندا." ٻئي ٻانهن کي لوڏو ڏني چيو.

"هتي نه گهڻين ۾ گرنٿ جا پنا پيا اُڏامن. گرو ٻاڻي ٻڌائي نه سگهيو، ٻين کي کهڙي هتي ڏيندو؟" ٽئين اُنهيءَ اوشواس جي تائيد ڪئي.

"گرو نه نهيو، ٻر اِهي ساڌ سنت جي مفت جا ڪٽاهه ڪائي متارا ٿيا آهن، سي چوتا پڄن؟ اِئين آهي چا نه هي به اسان جو اڳ ٿا جهلن، جنن اسان جي رهئي کهئي ماس ماڻ جاوا ڪن. ٻارو اِهي ڳجهو ن آهن ڳجهو ن. وناڻن پڄي ٻاسو ڪريو." ٻي منهن ڪسارو ڪري چيو.

"ساڌو گهڙ ٻائي مفت خوريءَ لاءِ آهن. ليڪن هي شيواڌاري به مردار خور ٿي پيا آهن. ڏس نه ڪيڏي نه ٻيگر اٿن. ڪجهه گهر چڏيو سون، ڪجهه وات لي قرٻائون. ٻاقي رهي کهي به اهي شيواڌاري هڙپ ڪري ويندا. اسين وطائي فقير واري ٽڏي گڏهه لي ۽ رلي ڪلهي لي رکي مارواڙ جي ٻوني ٽي هلي وهنداسون. ٻارو، ٻولد ٽي ڳجهو ن ولر ڪري آيو ن آهن." چوٿين خارن مان چيو.

"چوڻ ٿا هند سرڪار جي ڪراچيءَ واري وڏي ڪاموري کي لکي موڪليو." هڪ پوڙهي ڪاڏيءَ لي همٿ رکي مشورو ڏنو.

"ساريءَ دنيا ننگي ٿي! سيني لوڙيو ۽ سڀني ڇت ٿي ويا." صوفيءَ ڪمال صداقت سان چيو.

"سچ ٿو چئين. سائينءَ جي جوڙ آهي." وڏيري آکيو.

چاچي کي ڳالهه نه آئڙي، سو چيائين، "توهانکي وڏيرو ڪيوسون، ڪِٽ وهاري پاڻ پٺِ ويناسون، اُڌيءَ ڪتيءَ هڙان ڏنوسون، خون چوريءَ جي ڪيسن مان ڇٽڻ لاءِ وڪيلن جون فيون ۽ ڪامورن جون وڍيون اسان جي کيسي مان لٿيون، شاديءَ غميءَ همراهه ٿياسون ۽ توهان جا پير فقير پنهنجا مرشد رهبر ڪياسون، تنهن هوندي به اهڙي شڪايت؟"

ديوان ڏنگي سنگهه به چاچي جي تائيد ڪندي آکيو:

"اسان ته هي عمديون عمارتون ۽ شهر اَڏيا آهن. سڪول ڪاليج، هال لئبريريون، اسپتالون مسافرخانا ۽ باغ اسان جي عقل ۽ محنت ۽ صرفي جو نتيجو آهن. ذات مسلمان اسان جي پئسي تي پي لڳيو."

"واڻين نه ڪنهين ڪوڏر، نه ڪهاڙي! جوئن جيان پورهيتن جو رت چوسي، ويا منارا ٺيندا. هاڻي ٿا چون اسان هي ڪيو ۽ هو ڪيو. پورهيو ۽ ان مان ڪمايل پئسو حق انصاف مطابق اسان مزورن جو آهي." هڪ جاموٽ وراڻيو.

"مومن وٽ پئسو هوندو ته شيل شڪار ڪندو ۽ ڪڪڙ وڙهائيندو. هيڏين جاگيرن هوندي به اسان ڪو نه ٻڌو ته ڪنهن مسلمان ڪو مڪتب يا مسافرخانو ٺهرايو." ڏنگي

تنهن تي چاچي وراڻيس، ”لوکي کهڙي ڪل.“

”سوُر پيٺيءَ سوُر وڃي اَڻ سوُر پيٺيءَ سان اوريا هنجو پنجر ئي نه پُري، هوءَ وڃي پٽي وَهلوُر ڪوجو ٻرابائين پُور، اڳي ڪسان اڳري تسي.“

وڏيري کي اِهو گفتو دل سان نه لڳو.

”ڪي ڪڪر آسمان ۾، ڪا مينهن ڦڙي،
ڪي ترارين تي تاءُ ڪيو، ڪا جنگ تي جڙي،
ريٻن جڻن رڙي، ڪاٿر ڪتا ڪومت مان.“

”اسين نه ٿياسين ڪاٿر! پر اِهي ڪُذات مومن هند مان پڄي سنڌ ۾ ڇو آيا آهن؟،“ چاچي پڇيس. اُنهيءَ وچ ۾ سوٻراج صوفي به اچي ويو؛ پر ۾ بهي وڏيري کي چيائين:

”ادا، جي ڏمري ڏاڙ، نه ڇنا ڇڏائي.“

تنهن تي وڏيري درست ڪيس:

”جي ڏمري ڏيهه ڏٽي، نه ڇاڇا ڇڏائي.“

هن مزيدار والاڻن تي ڪي ٻيا هندو مومن به اچي ڪٺا ٿيا. انهن مان هڪ مومن چيو:

”الله وٽ اِنصاف آهي. بي اِنصافي ڪانهي. انگريز ملڪ ڦري پينگو ڪيو. هڪ صدي مڙجون ماڻيائين. ليڪ هن جنگ ۾ لنڊن نه تباهه ٿي ويئي. واڻين مسڪين مسلمان ڦريا. رت ڏنو اسان، پيٽ ڀريو سندن. ڪيتو هرڪو ٿو اڙي، ڪواچ ڪو سيان.“

”دنيا ۾ شاهوڪاري سرشتو آهي. رڳو هندن کي ڏيڻ ۽ ميرن جاگيردارن جي ڪڍڻ ڪرلن لاءِ ڪک پن وجهڻ ڪٿي جو نياءُ آهي؟ مسلمان عملدارن جا به افعال ڏسو. ڦيرائڻو اٿو نه سرشتو ڦيرايو. باقي پنهنجا پراوا ڏوهه هندن تي مڙهڻ، ’تو نه، نه تنهنجي پيءُ گاريون ڏنيون هونديون،‘ وارو قصو آهي“ چاچي چيو.

تنهن تي ڊنگي سنگهه چيو:

”گرگ مير و سگ وزير و موش ديوان ميشود
زاغ ضابط خرطنابي، ملک ويران ميشود.“

ائين چئي اک ٽيڏي ڪري چاچي کي چيائين ”متان وڏيري جي پٽ چڙي اٿئي. زمين جي پارت ڪريس نه تنهن جي پرپٺ ڪٽو ڪسو نه ٿي.“

تنهن تي چاچي چيس:

”ميهارن مينهون ڇڏيون، تنهنجون ڪهڙيون پارتون؟
سنڌ ڇڏيسون نه باقي وري ٻاليون ڇا جون؟“

”سنڌ ڇڏي وڃي ٿو ٻارهين، جتي پاٽيءَ ڦڙو نه جڙي،“ وڏيري ورجايو.

”ڏوري ڏنوسون ڏيهه، ڪو ٿڪن سنڌ وهي ٿر،
نه ڪو ڏٺڻ ڏيهه ۾، جنهن سان پاڙي لاهڻ مر
اها پليتن پر، جو جاما ڇڏين جوءِ ۾.“

”اڙي يار، ڇا به چؤ. اسان جو هاڻي آهي سنڌ کي سلام!
سرڪار جا ڪوڙا قاعدا. ڪامورن جا ڪوڙا وعدا
ان مان نه مليا ڪنهن کي فائدا.

سنگهه چيو.

"مسلمان ڦڪڙ آهن. هندو ماڻهن ۾ جي مک جيان ڪوئي ڪسوئي ماڪي گڏ ڪن، پر قدرت جو اهو راز آهي ته مک جي نصيب ۾ ماکي ناهي." وڏيري چيو.

"ابلي، باغ پوکيو اسان مسلمانن ۽ باغ لٽيو واڻين. انهن سنڌ ماڻهو ماڪين سان ٺمٺار ٿيا. ٿورڙن کي ڦرڻ خدا لوڙي انسان جي قانون ۾ جائز آهي؟" جاموٽ چيو.

"اسان ڦريو ته ڪيئن؟" چاچي وراڻيو. "ڪورٽ هٿئي، قاعدو هو. اسين ملڪ جا والي ته ڪين هئاسين! حڪومت انگريزن جي، جاگيرون مسلمانن جون، رئيس امير، ولي اولياءَ مڙئي مسلمان. گهڻ وقت کان ڪامورا به اڪثر مسلمان هئا ۽ ملڪ ۾ آدم به گهڻو مسلمانن جو هو. البت هنر ۽ صرفي، محنت ۽ حرفت وسيلي اسان پاڻکي اڳرو ڪيو. انهيءَ ۾ ڪهڙو گناهه ڪيوسون؟"

"قاعدو ڇت ڇا جاڻن! پنجن جا ست ۽ ستن جا ٻارهن ڪري جاهل ڦريو. ڪپت واڻئي جي پيٽ پيل آهي." جاموٽ چيو.

"اهو زمانو صديون اڳ گذر ڪري ويو. پويان اڄين جي خون جو عيوضو ڏيندا ڪيئن؟" چاچي وراڻيو. "يار سڪن گڏ تا آلا پرن. انقلاب آهي. ماڻهو اهڙي پل ڪن نه برابر، پر الهه سائين ائين ڪري نه ارمان."

"الهه ۾ ايمان آڻت ٿو ڏي ۽ عاجزي سهي وڃي ٿي." سوراج صوفي وراڻيو.

سر سيڻي ساڳيا، پر پکي مڇڻ پيا،
جن لنوين تي لاٿيون ڪيون، سي ويچارا ئي ويا،
هاٽي جو ڪوجها ڪانگ پيا
جن ڪنجهر ڪٽي ڪِن ڪيو.

اهي اڻ وڻندڙ ويچار دهرائيندو موٽ ڪاڍم. مگر رستي تي لڏ هلاڻ ڏسي:

"هون تا پلاٽين، مهنجو هنئو تو هيٺو ٿئي" محسوس ڪري، نهايت اُڪير پري نگاهه سان گهر جي درن درين چنين پٽين ڏي نهاري، دل ۾ چيم:

"در و ديوار په حسرت کي نظر ڪرلي هئن
خوش رهو اَهل وطن هم تو سفر ڪرلي هئن."

هانو دل رني تي ۽ چيائين تي، "ليٺ هنتان هلبو، ملڪ ڇڏبو" مگر پِٽ عيوض اندر مان آسيس لڪتي اچين يارن دوستن ۽ هم وطنين لاءِ:-

"خوش رهو اهل وطن، هم تو سفر ڪرتي هئن."

نه هڪ سان لباهن، نه بي سان وفا،
ڏٺم وڏيرن ۽ اميرن جي به سخا.
ڏين ٿا بس ڏٺائي ڏٺا- چون ٿا ڪريو مٺا سٺا
جا به آهي گشائي گشا.
ڪوڙو سندن ڪلمو- ڪوڙو اٿن ڪلام
اها چال بازي ڏٺم عام جام.
تنهن ڪري آهي سنڌ کي سلام- سلام- سلام!"

چاچو چيلارام ائين ويو لفظي گهڙت گهڙيندو. اتان وڏي موهنداس ڌرمشالا ۾ آيس، جتي پوڙها ۽ مريض اچي گڏ ٿيا هئا ۽ "تڏي سيڪا پرائي وجي، پر سوُر هرڪا پنهنجا روئي" وارو قصو لڳائي وينا هئا. البت اهو صاف ظاهر هو نه پچار رڳو سوُر ني سوُر جي هين. ڪن گهٽا ڪن توڙا، ڪانه هئي سوُرن ڏار! انهن پوڙهن جو هڪ پير قبر ۾ هو ۽ ٻيو قبر جي ڪني لي. تنهن هوندي به "ڏنا جي ڏالار، سي جهوليءَ پائي جهليا" جو اُولڪ گيان پراپت نه ٿيو هون.

شاهي بزار ۾ ٻداهگيرن جي پيهه لڳي پئي هئي. لنگهڻ ۾ ڪجهه وقت لڳي ويو. هندو پاڙن ۾ نيون شڪليون ۽ عجيب لباس ڏٺم ۽ نراليون ٻوليون ٻڌم، جي سنڌ جي ريت چال جي پيٽ ۾ ڪسيون ٿي لڳيون. ڪٿي به صفائي سٺائي ڪانه هئي، جنهن ڪري بي اختيار شاهه جو گفتو وات مان نڪري ويو:-

رس نٿي سرشت شمار ٿو.

ارمان ته هن وقت اهو سواد ٻه سيلهائجي ويو آهي. اڄڪلهه ڪنهن چوٻي مڻ اڌ ٻرفي ٻيڙا کاڌا ته ڇيهه ڪري ڇڪو؛ ۽ ٻه ٽي ته انهيءَ نهايت سوکيم ڪاڄ لئي به ريسارو لوڪ پيو انگشت نمائي ڪندو. ڇي مهراج گجانند ڪو پيٽو ڙي آهي جو اهڙو ڳؤرو مال ڏاٽ ڏيڻ ٻنائي ٻرڪائي ٿو وڃي. لاشڪ سنڌس پيٽ ۾ آنڊي عيوض ڪا اوڙ ويٺي آهي.

پر اهي اُجاڻ ٻه ٽي جاٽن لاءِ ٻراچين ٻروهت اڳنيءَ ۾ ٽي ڪيهه وڃهندي ۽ لاڳيتو "اوم يـوُ يوُئر" اُچاريندي، سيري ٻوُري جا ڏه ويهه مڻ الي الحساب سواها ڪري ويندا هئا، ۽ باقيت جـي ٻورائيءَ لاءِ ٻي سيٺيي ڄجمان جي ٽاڙ ۾ هوندا هوا. ازانسواءِ اُهي سگهڙ اهڙي هام هڻندائي ڪاڻ هئا ته سنڌن اجگر آنڊي معرفت اهو سيٺيو ڪاڄ سرڳواسي چوئٿ مل ۽ چوئٿ ٻائيءَ جي پيٽ ۾ ائين وڃيو داخل ٿئي، جئن مڪي منگهڻ مل جي چلم جي ٽڙ مان قل ۾ پيدا ٿيل تماڪ جـو دونهون. شايد انهيءَ ڪارڻ سٺ ٽڪي ٻرهمڻ رشت پشت هوندا هوا، پر ڪلجگي ٻاٻڻ ٻاوا پيٽ ۾ پٿرن جي واسي سبب اڪثر روڳـي ۽ لبل رهن ٿا. بهرحال سيٺيي سٿابي ڪاڄ لاءِ چاه ٻاٻڻ ذات جو اهاٽو ورتو آهي ۽ ڪهڙيءَ ٽل سان مليدا ميسر ڪجن، سا ٻڻ پنهنجي ديوتاسروپ پٽرن ونان ئي پرائي اٿن.

انهيءَ ٻاري ۾ پراچين گرنٿن ۾ هڪ نهايت مزيدار آکاڻي

نارِ

هن گهور ڪلجڳ سمي جڏهن چنڊال شودر مليڇ جون ويهه ٿي ڳيهه ۾ آهن ۽ ديوتا سروپ پنڊت پروهت جون ٿي داڻيون، تڏهن اُنهيءَ ڪلور لي شوڪارا ڀرڻ بنا رهي نه ٿو سگهجي. جي ٿا انهيءَ ٻوٽائيءَ جا پار ڪيدون، نه مارواڙين جو سياپو به سرد پاسندو. انهيءَ سبب هڪ ٿي درشنانت لي قناعت ٿي ڪجي.

توهين لاشڪ سڄاڻ آهيو ۽ ڪري ڪوٺي جي ٻرڪ ڪري جاڻو. ٿو روئي غور ڪرڻ سان اوس مڃيندا ته هن اپوڳي الوٽي زميني زندگيءَ ۾ ماڻهوءَ کي سڀ ڪان وڌيڪ مزو ڪاڏي مان ٿي ٿو ملي. ٻيا به اڪيچار سواد آهن، پر اُهي اهڙا جيءَ سان جڙيل ۽ رت سان رليل مليل، ٻيمت ڀرور ۽ روزانا ناهن. مگر ڀوڄن! واهه، کهڙو نه ٻڪ ڀنڄن، مئور لڄن شبد آهي. اُچارڻ سان ئي وات ۾ ٻڪ ۽ اک ۾ چمڪ، پيٽ ۾ فرحت ۽ مغز ۾ طراوت، رت ۾ سرخي ۽ ٻت ۾ شتابي آڻيو ڇڏي. ٻلهار وڃان اهڙي شيءِ تام تان، جو ٻراڻي مانر لاءِ اهڙو شڪتي. اُپاد ڪ ۽ سکدايڪ آهي. اُنهيءَ ڪارڻ سنسار جي سڀني رسن ۾ ڀوڄن جو

ديوتائن جا عيوضي اچي وارد ٿيا، ۽ هر ڪو پنهن جي عقل آهر رايا پرگهٽ ڪرڻ لڳو. عام ريت ديوتائن جو رايو هو ته بدجنس بشر جو بڻ ئي ٻاڙون پٽي ڪڍجي. "نه هوگا بانس نه باجيگي بنسري." پر برهمڻ ديوتا کي اها ڳالهه هرگز پسند نه هئي؛ ڇاڪاڻ ته خود برهما جي مک مان پيدا ٿيڻ جو شرف حاصل هوندي به، آخر ڪار پاڻ به ٻين وانگر مٽيءَ جو پتلو هو، جنهن ڪري ديوتائن جي فتوي ساڻس به لاڳو ٿئي ها. تنهن ڪري برهمڻ ديوتا ساهس جهلي، ڏونيءَ جو پلاند سوگهو ٻڌي، ويٺل ديوتائن کي نمسڪار ڪري، نهايت گنڀير ۽ نمرتا ڀرئي آواز ۾ هيٺين تقرير ڪئي:-

"پوڄنيه مهراج ڏيوراج شرومڻي سرو پال ۽ شريمان سڄڻو! آءٌ توهان جو نهايت شڪرگذار آهيان، جو مون کي هن ڪانفرنس ۾ پنهن جو رايو ظاهر ڪرڻ جو وجهه ڏنو اٿو. مان توهان سان بلڪل شامل راءِ آهيان ته پرٿوي پتر روز بروز اهڙو بلوان ٿيندو ٿو وڃي، جو ٿوري وقت اندر نه رڳو ديوتائن سان برميچڻ جهڙو ٿيندو، پر امڪان آهي ته خود راجا اندر جي سنگهاسن تي براجمان ٿيڻ لاءِ گهور ٻڌ جي تياري ڪري. البت ائين آهي ته هن وقت اندر ديوتا وجر منتر هلائي ٿورن ئي هٿبر وجن بمن سان سندس الت آٽي، انهيءَ وڏڙ خطري کي ختم ڪري ڇڏي. مگر اهڙو سنگين قدم کڻڻ سياڻپ ناهي. اوهين پاڻ سڄاڻ آهيو. توهان کي مون جهڙي ناچيز وٽان مشوري ملڻ جي

پڻ ڏنل آهي. هڪ مهرشي تو آکي ته آدي منش کي اصل ۾ چار ٻانهون ۽ چار ٽنگون هيون - ۽ کيا ٻاٺ - ٻت اهڙو گول مول، ڳُورو ۽ موڪرو هوس جهڙي خواجه اجمير جي درگاهه ۾ اڪبر بادشاهه جي ديگ، جنهن ۾ سوا سؤ مڻ طاهري هڪ ئي وقت پچي راس ٿيندي آهي. اهڙي اروڙ ٻت ۾ سگهه به اوترائي هوندي. تنهن ڪري ديوتائن کي ڊپ ورائي ويو، ته ڪنهن ڏينهن اهو متل مڙس سندن راڄ پاڳ کسي وٺندو.

ويچارن ديوتائن جي اندر ۾ آندمانڊ ته گهڻي هئي، پر گيرب سبب ٻاهران ڪجهي نه ٿي سگهيا. ڪو وقت ته ماٺ ۾ سؤر پي ويا. آخرڪار سندن ڪني اهڙي اُپامي جو سيني گڏجي راجا اندر کي عريضو موڪليو، ته هي راڄن، پرٿويءَ لـي جيڪو مٽيءَ لپ مان جوڙيل ماڻهو پيدا ڪيو اٿيئي، سو نانا پرڪارن جا پوڄن ڪائي اهڙو ته بلوان ٻڻجي پيو آهي، جو اُن مان خود توهان جي شاسن کي وڏو خطرو پيدا ٿي ويو آهي. تنهن ڪري اهو هڏي چم جو جوڙيل جانور جيسين ڪر ڪٽي ني ڪٽيي، تنهن ڪان اڳه هن کي وچ جي هڪ ئي وراڪي سان ڀسم ڪري ڇڏ. انهيءَ ۾ توهان جي به ڀلائي آهي ۽ پڻ اسان جي سلامتي.

راجا اندر ومت جڏهن ٽيٽيه ڪروڙ ديوتائن جو ونيه پتر پڙهيو، ته ذرا وسوڙجي ويو. گهڻي سوچ پڇاڻا پڇهن جـي سڀا ۾ هڪ سمبلن سڏايائين، جنهن ۾ ماڻهن خواه

آهيو. جيسين سنڌس من ۾ اها اوستا قائم آهي؛ تيسين توهان جي سنگهاسن کي ڪو لهر نڪو لوڏو. البت ائين آهي ته هڪوار توهان مان شرڌا ۽ وشواس نڪري ويس، ته پوءِ توهان جو "رام پروسي" آهي. انهيءَ سبب موجوده حالتن کي مدنظر رکي ۽ آئينده جي خطري تي جوڳو ويچار ڪري، آءٌ انهيءَ راءِ تي پهتو آهيان ته منش کي وچ وسيلي نابود ڪرڻ سياڻپ نه ٿيندي؛ ڪي وري سنڌس وڌندڙ طاقت ڏسي هٿ ٻڌي وهڻ سان هي مسئلو حل ٿي ويندو."

برهمڻ ديوتا جا اهي امولڪ وچن ٻڌي ديوتائن ڪن سر لا ڪيا، ۽ جيڪي ڪانڀوءُ وانگر جهڙو لهرو آواز ٻڌڻ کان عاجز هئا، سي ميگافون ڪن سان لڳائي، پڇڻ لڳا:

"تنهن جو مطلب آهي ته منش جاتيءَ کي وچ وسيلي ناس نه ڪجي، ڪي وري اُن کي اهڙو طاقتور ٿيڻ ڏجي."

"هيءَ هڪ ٻئي جي اُهنڙ ٿو ڳالهه ڪري،" ٻي اڳئين کي ڪپي چيو.

"ڳالهه سياڻپ جي ٿو ڪري، پر ٻڌائي نه ٿو ته سپ به مري ۽ لٺ به نه ڀڄي، تنهن لاءِ کهڙي ٽل ڳولي ڪڍي اٿس،" ٽئين ڪاڌيءَ تي هٿ رکي چيو.

"ذرا تحمل ڪريو،" برهمڻ هٿ ٻڌي وراڻيو.

برهمڻ جو عرض اولائي، ڪن ڪَن سر لا ڪيا ۽ ڪن

ضرورت ناهي. خاطري اٿم ته اوهان جي اندر ۾ به اُهي
ئي الومان ۽ گمان، چنتائون ۽ فڪر هوندا جي هن اؤڪي
ويل منهن جي مغز ۾ مهي ولوڙ وجهي رهيا آهن......
معاملو منجهيل ۽ مشڪل آهي ...... ۽ اها مشڪلات منش
جاتيءَ کي ناس ڪرڻ سان دور نه ٿيندي. ذرا سوچيو،
لحمل سان غور ڪريو. هي معاملو واقعي اونهي غور ڪرڻ
لايق آهي؛ ۽ پس پيش ان جو اثر اوهان تي به ضرور
پوندو. هن وقت منش لوهان جو پوڄاري آهي ۽ لوهان
جي ڇتريءَ هيٺ آسائشي. پنهن جي پرجا کي ناس ڪرڻ
سان راڄا جي راڄائي ازخود ناس ٿي ويندي. جيڪڏهن
منش نه هوندو نه ڪير ڪندو ارداس ۽ ڪير وڄائيندو
پوڄ؟ ڪير وڄائيندو سنک ۽ ناد؛ ۽ ڪير ڪندو اُستتي؟
اڄ جت ڪٿ اوهان جي مهما جا ستوتر پيا پڙهجن ۽
گيت پيا ڳائجن، اوهان جي پرتمائن تي گلن جون مالهائون
پيون پون ۽ واس ڌوپ آرتيون پيون ٿين. هر ڪو ماڻهو
وات ۾ گرهه وجهڻ کان اڳ هٿ ٻڌي اوهان کي آراڌي
ٿو؛ ۽ سمجهي ٿو ته اهو اَن پنهن جي پورهئي ڌناران
پراپت نه ٿيو اٿس، پر اوهان جي آسيس سبب پڙ پيو اٿس.
لاشڪ اِنسان طاقتور ۽ مهابلي ٿيندو ٿو وڃي. پر سندس
مغز ۾ اڃان اها سوجهه نه آئي آهي، ته اها طاقت سندس
محنت حرفت ۽ هنر جو ئي ڦل آهي. هوُ سڀ ڪي ڪري
پاڻ ٿو، تڏهن به سمجهي اٿين ٿو ته ڪاربه ڪرتا لوهين

اُپراسي ۾ اضافو ايندو. پر ديوتائن کي ڄاڻ هئي ته اهي ٻانڀڻ پرٿويءَ تي سندن ئي پلاوتا آهن، سو هن کي مات ڪري وهڻ جي آگيا ڪيائون.

باقي رهيو سوال ته ڇهن ٽنگن ۽ ڇهن ٻانهن واري انسان کي ٻه اڌ ڪيئن ڪجي؟ اهڙو ڪو سولو طريقو سجهين ئي نه ٿي، جو اهڙي جراحت ڪاميابيءَ سان ڪري سگهن. نيٺ ڳچ سوچ پڄاڻا ششولر اٿيو ۽ چيائين اهو نازڪ ڪم مون کي سپرد ڪيو. آءٌ هن کي ائين چيرينديس، جيئن واڍ ساڻ ٻيڙي کي ٻه اڌ ڪبو آهي. ڪيس ڪل ئي ڪانه رهندي، ته هڪ مان ٻه ٿي پيو آهي. پر ساڳي وقت اڻ ٽڻ ۽ آنڌ مانڌ اهڙو وياڪل ڪنديس جو ٻئي اڌ ساڻ ملڻ لاءِ سرگردان رهندو؛ ۽ جيسين ان ۾ ڪامياب نه ٿيو آهي، تيسين اُڪي من نڪي ڪل درستي نصيب ٿيندس.

اندر ديوتا کي ششولر جي جراحت ۾ پورڻ وشواس هو، جنهن ڪري اهو ڪم هن جي سپرد ڪري ديوتائن کي خاطري ڏنائين، ته ٻه اڌ ٿيڻ پڄاڻا به جي منش اڙٻنگائي ڪئي ته سنديس آڪڙ گهٽائڻ لاءِ ڪيس ٻهر ڇري هڪ ٽنگ تي نينگ ڏيارڻا، جئن ٿڙندو ٿاٻڙندو وتي؛ ۽ وري ديوتائن ساڻ برميچڻ جو سينو نه ساهي.

ديوتائون اهو فيصلو ٻڌي نهايت پرسن ٿيا ۽ ڪانفرنس برخواست ٿي. بس پوءِ ششولر راجا اندر جي آگيا انوسار وچاري منش کي ڇري سان اڌ ڪيو، ۽ هڪ اڌ تي

ڳالهائي ٿو ٻين وانگر خواه مخواه معتبر ڏسجڻ خاطر ٻوٽ
ائين ڏکيا کيا، جو جڻ ته اعزا پرسي ڪرڻ آيا آهن.

"ٻڍا سڄڻو! مون عرض ڪيو ته معاملو منجهيل آهي.
توهين جاڻو ٿا ته هيءَ آپدا آسانيءَ سان ٽاري نه ٿي سگهجي.
هنن سياڻن جي سياڻپ گم ۽ ڏاهن جا حوصلا خطا ٿي ويا
آهن. منهن جو ٻڌڻ رايو آهي ته رواجي ستيءَ ڦڪيءَ د ٽاران
هيءُ مرض ڇٽائي نه ٿو سگهجي. تنهن ڪري آءٌ باادب
پرسناءُ ٿو پيش ڪريان ته ٻرٿوي پتر کي ڪنهن قابل جراح
وٽ موڪليو وڃي، جو کيس وچ مان چيري ٻه اڌ ڪري؛
۽ اهڙيءَ حرفت سان جراحت ڪري جو ٻئي اڌ عين
اصلوڪي روپ ۾ سلامت هجن، پر هڪ ٻئي کان الڳ
هئڻ سبب ٻيهر ملڻ لاءِ سدائين پريشان ۽ سرگردان رهن.
ائين ڪرڻ سان هن جو زور گهٽجي ويندو ۽ خنڪي لهي
ويندي. هن وقت جو سندس نظر فلڪ لي آهي، سا پڻ
سندس قدم جيان زمين ۾ ئي اٽڪيل رهندي. خاطري
اٿم ته پوءِ اهو عرشي فرشي ٿي پوندو. الهيءَ مان اوهان
کي پڻ ٻٽو لاڀ پراپت ٿيندو. هڪ ته سندس گهٽيل طاقت
سبب توهان جو شان سلامت رهندو، ٻيو ته هڪ عيوض
ٻه ڄڻا ٿي پوڻ ڪري توهان کي ٻٽيون پيٽائون ۽
ارداسون ملنديون.

برهمڻ جي مٿين حريف گفتار ٻڌي سڀني ٽاڙيون
وڄايون ۽ اندر سڀا ۾ واهه واهه پئجي وئي. البت وشوامتر
جي وائان نڪري ويو ته ائين ڪرڻ سان خود برهمڻ جي

نـانـو

ڪالهه ڪالهوڙي ڳالهه آهي. حويلي ۽ گهر اڄ به عين اصلوڪي حالت ۾ قائم آهن. فقط ڇڇريءَ تي گاري جي لٽب ڪٽي اٿن ۽ پٽين جي پيڙهه ڪي پڪ سرو جهلوڙ لو اٿن. براج پڇاٽا سـم ۽ ڪلر شهر جي عمارتن سان ڪلور ڪيا آهن، جنهن ڪري ڪٿين گهر پڇي پري ڪنڌر ٻڌجي پيا آهن. مگر منهنجي لاڪيٽي ناني جي ملوڪ ماڙي اڃا به اوچي ڳاٽ سان ڪڍيو بيٺي آهي. ڏهه ويهه ورهيه ته لوڏو ڪونه اٿس. آخرڪار جبر جنگ مڙسن جي جاءِ به ته جبري ئي هوندي. ارمان ته هن وقت منهنجي انهيءَ ناناڻي جوءِ ۾ امڙ جي اکه مان ڪا پهر ئي ڪانهي. شايد ڪن ڀهراڙيءَ جي ڪراڙن ائين اڇي ڏيرو ڄمايو آهي. لاشڪ هوءَ انهيءَ گهر ۽ حويليءَ مان راضي هوندا، ڇاڪاڻ ته سندن دماغ ۾ انهيءَ گهر جي اڏاوت ساڳئي آڳاٽي زماني جا آهن. ماڻهو ۽ مڪان ٻڙ نهڪي تا اڇن.

اهو گهر ته گهڻوئي وڏو آهي، ڇاڪاڻ ته ان ۾ اوطاق ۽ ڪشادي اڱڻ سان گڏ وڏو وٿاڻ به آهي، جهن مان آڳاٽن لوڪن جي ڳاين ٻڪرين، گهوڙن ميهن سان جڪري

نر ۽ ٻئي اُٿي ٽي ٺار ٽالو رکي، ٻنهي کي هڪ ٻئي ٻنيان
پٺڪڻ ۽ وري ڳنڍجڻ لاءِ مجبور ڪري ڇڏيو. اهڙيءَ
ريت ٻرهمڻ ديوتا جي مجنا ۽ ڏڪڻا ۾ ٻڻ ازخود اضافو
اچي ويو.

فرش تي گلم وڇائي ۽ چلم رکي چوڌاري رالل ڪندا هئا، ۽ حقي جي ڏڏ ڳڙ خواه پياري جي ڪڙڪڙ وچ ۾ "ٻؤن ٻارهن، ڪڇا، ڏنگا تيرهن" جي هڪل سان ڳوٺ مٿان ڳوٺ تي زيپٽ ۽ ٽڙڪو پڙڪو پيو پئبو هو. شل نه ڪهنڪي سٽائو داءُ اچي. سمجهندو نه ڪا کيپ ڪٽي اٿس. هڪوار نه مڙس جا ڪرمور جي پر جيان ڪڇي پهندا ۽ حاضرين به شاباس شاباس جون پڪارون ڏئي ٻوڏ ۾ آڻيندس. بس پوءِ نه مڙس جهل ئي نه ڏيندو ۽ مخالف ڌر تي چٽرون ڪري هيج مان پيو ڪلندو ٽڙندو ۽ پنهنجي حرفت جو بيان ڪري پيو ڳيتون ڏيندو. تانو نه بنهه ساوڻيءَ جا درياهه ٽپي ويندو هو ۽ بارود ۾ اچانڪ چڻنگ لڳڻ سمان "ٻؤن ٻارهن" جي بلغار پٺيان ۽ چٽين سان ٽڪر ڪائي حاضرين جي ڌرن ڏڪائي ڇڏيندي هئي. ڏسبو هو نه داءُ اچڻ شرط سندس جاني جسم جو ڪب سنئون ٿي پوندو هو ۽ ڪارپهر جيان ڪر ڪڍي پيو ڪنڌ لوڏيندو ۽ فخر سان مڇ مروٽي اک ٽيڏي ويچاري ڳوٺ ڪي لائين لڪيندو هو، جڻن ٻلي ڪوئي کي ڏاڍ ڏيڻ کان اڳ هيج مان نهاريندي آهي. تهن کان پوءِ اڌ درجن دفعا انهيءَ ڳوٺ ڪي پٽ تي رکي مهتا ڏيندو هو. گويا ڪهنڪي گهٽو تو ڏني ۽ سر ساريءَ سان ناهي اهڙو ڌڪ هڻندو هوس، جو ويچاري گگدام ڳوٺ جي ٽپڻ ئي ڪُڙڇي ويندي هئي. بس پوءِ فخر سان نهاري ڏگهو ساهه کڻي، ٽالڊي جهڙي ٽهڪندڙ ۽ سرخ، نفرت آميز ۽ دهشت انگيز اک

الفت جو ثبوت ملي ٿو. هو اُنهن کي پنهنجي گهر جي ڀاتين سمان سمجهندا هئا ۽ نهايت قرب سان انهن جو پالڻ پوشڻ ڪندا هئا. ارمان ته اِها اِنسان ۽ حيوان جي هڪ ٻئي سان محبت شهرن جي غير طبعي زندگيءَ ۾ عدم پئدا آهي. اسان جي انهيءَ گهر جي پٺ واري پٽ تي شاهي وڻ به هوندو هو، جنهن کي ڏاڏي روزانو لوٽو پاڻيءَ جو پيئاريندي هئي ۽ اُلائي ڪهڙي حساب پاڻيءَ ۾ ڏڪو ڪڻ کير جو پڻ ملائي ڇڏيندي هئي. شايد سندس مراد هئي ته ونسپتي ديوتا کير پي موج ۾ اچي؛ ۽ پسن ۽ ماڻهن سان ازلي ناتي جو ڀاءُ محسوس ڪري.

مون کي ياد آهي ته انهيءَ گهر جي وچ ۾ شاهي صفو هوندو هو، جنهن جي پٿن چئن کي ڪا زبان هجي ته هوند هڪ نهايت رعب دار - ۽ مزيدار پڻ - شخصيت جي حڪايت ڪري ٻڌائن، ۽ اڳيان اوج ياد ڪري ڏر ٽهڪ ڏين، ڏريون ٻ مشڪن، پٽيون موج ۾ اچي هندوري جيان لڏن ۽ روشن دان پرون ڇمي اِشارا ڪن ته هُتي هن ڇپر کٽ تي نفيس ڪاشاني غاليچي جي رنگين گلڪاريءَ وچ ۾ طول وهاڻي کي پٺ ڏئي، مهنجو سدا ملوڪ نانو بلغاري حقي مان ٻڙڪا ڪڍندو هو. سڄو ڏينهن ٻاڙيسري بزرگن جي ڪچهري لڳي پئي هوندي هئي، ۽ مڙس سارا باادب همت ٻڌي سندن عاقلاڻه گفتار خواهه ظريفاڻه انداز مان فيض ياب ٿيندا هئا.

اڪثر ٻه ته ٻهريءَ جو اهي بزرگ لپي ڏنل ٿڏي

فراخ دل انسان هو. اها نه مولکي، جاڻ آهي ته هن کي سوڙهو لباس ۽ سوڙهي جاءِ، ڇوٽو قد ۽ ڇوٽي دل پاءِ نه پوندا هئا. سدائين وڏڪرو پهراڻ ۽ موکري ڪاڇ پائيندو هو. اهي ڪپڙا اهڙا ڪشادا هوندا هئا، جو آءٌ آساليءَ سان انهن جي تهن اندر لکي ويندو هوس. گهر ۾ به ايوان ۽ صفحي کان سواءِ ڪونيءَ ۾ پير نه پائيندو هو. شايد سندس روح اندر بيابان ۽ برپٽ جو واسو هو، جهن کري پوکرداس جي لٺو واري رسالي مان بيت به اهي ئي جهونگاريندو هو، جن مان اجهاڳ ۽ اوجهڙ جي پڪار فضا ۾ گونجڻ لڳي ٿي. ونس مولانا روميءَ جي مثنوي به هوندي هئي، جا ڪپڙي ۾ ويڙهي ڪٽ سان پيو واري جاري ۾ رکندو هو ۽ ديوان حافظ مان روزانو به چار دفعا فال وجهندو هو. سندس ٻول ۾ فارسيءَ جي گهڻي ملاوٽ هوندي هئي ۽ اتفاق سان جي ڪو ڪامورو ڪڙو پهن جي اڏوري علميت جو ڏيکه ڪندو هو ته فورا ٺهڪائي ڏيندو هوس:

بحريست مجلس تو، ودر بحر بي خلاف
لؤلؤ بزير باشد، خاشاک بر زبر.

يعني ته هن وچٽر سنسار ۾ ايشور اهڙي جوڙ جوڙي آهي جو سمنڊ ۾ موتي هيٺ ۽ ڪک مٿي آهن. سندس نظر ۾ لوالوي سيڪڙو ماڻهو خاشاک مثل هئا، جهنڪري ڪنهن لي ڪاوڙبو يا چٽر ڪندو يا دڙڪو ڏيندو هو، نه سندس ملوک مک مان اهو لفظ بي اختيار لکري ايندو

سان مخالف ڏي لهاري، ۽ سولهاريءَ مٿان هٿ گهمائي ٿهڪ مٿان ٿهڪ جي گولا باران ڪندو هو. اهي طوفاني ٿهڪ وسرڻ جا ناهن، ڇاڪاڻ ته منجهن واڇوڙ جي لندي ۽ زمين جي آلدن جي آتش هولدي هئي، جا حاضرين کي زلزلي جيان ترتلي ۾ وجهي ڇڏيندي هئي. اوڏي مهل سندس ٻت جنبش ۾ اچي ويندو هو ۽ ٽرگهٽ لوپ جيان ٽڪاءُ ڪيلدو هو. ظاهرا اهو آواز ٿقرن ۽ لتڙيءَ مان نڪرلدو هو، ليڪن واقعي ڪاپار ڪان ڪتڙيءَ ٽائين سندس نس نس پٺي ٿهڪ ڏيندي هئي.

ڇڏهن نانو ٻرلوڪ پڌاريو، تڏهن آءٌ ابهم هوس. انهيءَ ڪارڻ مونکي سندس حياتيءَ جي گهڻي ڄاڻ ناهي. لاشڪ هوُ مون تي مهربان هو. ننڍپڻ ۾ آءٌ سندس ٻربت جيڏي ٻت تي ڪلا بازيون ڏيندو هوس ۽ سندس اک ۾ هٿ وجهي نڪ پٽيندو هوس. هوُ به طاقت ور هٿن سان مٿي کڻي مون کي ڇمندو هو، ۽ آءٌ ڪيس اُتي گهمڻ لاءِ مجبور ڪندو هوس. سچ ته آءٌ ڪنهنجي نه ڪنهنجي ڪلهي يا هنج ۾ ئي هولدو هوس، ڇاڪاڻ ته قيمتي واري ننڍڙي ڪرسيءَ ۾ وهڻ وٽندو ئي نه هوم. هيئنر به مامو ساڪ تو ڏي نه ننڍپڻ ۾ آءٌ ڏايو ڏنگو ٻار هوس ۽ ٻهنجيءَ لي اِمت هٽي ٻهندو هوس، گرچ اسان جي گهر ۾ جا مهنجي ٻالڪپڻ جي تصوير هولدي هئي، لهن مان اهڙي گواهي نٿي ملي.

ڇون ٿا ته نانو سائين خوش طبع، خوش خوراڪ،

لفظ ٻڌڻ سان ناني کي جهڪي اچي ويندي هئي. هڪ
دفعي مارڪيٽ مان ڪو ٽيوڻ للهو وٺڻ ويو ته ٻزار جي
ٻهڙي وٽ جهمٽ ماءُ واڪرڻ پهنجي پٽ کي سڏ ڪيو.
اهو ٻالو ٻڌڻ سان ناني کي اهڙي ته ملبيان آئي جو دوڪان
تان سوٽي کڻي واڪرڻ کي وهائي ڪڍيائين. ويچاري
پوڙهي جهمٽ ماءُ وسي ٽي وئي ۽ خوف مان واڪو
ڪري پٽ کي سڏيائين ته هن مصيبت مان پلئه آجا
ڪرائيس. "آہا جهمٽ! آبا جهمٽ! هن مٿي ته مونکي
ماري ڇڏيو." مگر هنجي واتان "جهمٽ" لفظ نڪري
ئي مس، ته نڪ سؤٽي اچي مٿس ڪڙڪي. "هينٺ
ٿي رن، وري ٿي اهو لفظ ٻئين. ماري ميڇ ڪري
ڇڏيندوسانءِ." روئشي تي ماڻهو اچي مڙيا ۽ اڌ مٿي
واڪرڻ کي گهلي گهر آماڻيائون، ۽ ناني "خاشاڪ،
خاشاڪ" ڪندي، موٽ ڪاڏي. اُنهيءَ ڏينهن سڪٽي
دال، ڪچريون پاٻڙ ڪائي پورائو ڪيائين، مگر ٻيهر مارڪيٽ
۾ نه ويو. مون گهڻي ڪوشش ڪئي آهي ته انهي ٻڌل
ڳالهه بابت وڌيڪ پڇا ڪري، "جهمٽ" جي بنيادي
تاريخ ۽ ان جو ناني سان تعلق ڳولي لهان، مگر انهيءَ ڳجهه
کي وائکو ڪرڻ وارو هالڪ اڪ ته چڙهيو اٿم، جهڪري
خود ڳالهه جي سچائيءَ ۾ ويساهه ئي نه ٿو ڄمي.

ناني کي ڪتابن لکڻ جو خفت هوندو هو. سندس جهڙا
خوش خط کي ڳوليا لڀن. سندس موتيءَ جهڙا سهڻا اکر
۽ ڪتاب جي حاشين تي گلڪاريون وسرڻ جون ناهن.

هو. ڊر حقيقت سنڌس ڇوهه ۾ اِلي اُي ختم ٿيندو هو، ڇاڪاڻ ته سنڌس لغت ۾ ”خاشاڪ“ کان بدتر لفظ هوئي ڪونه. اتفاق سان جي قلڪو ڪڇيرو هجي ته مهنجي ٻولِ نانيءَ کي ڇوي ”خاشاڪ“، مگر جيڪي شراڌن لي باليٽ ڊير سان اچي ته ڇوي ”خاشاڪ.“ مان سمجهان ٿو ته اوچتي زلزلي سبب ڇت اچي پٽ پوي ها ته نانو سائين ڊرجي ڪمان هيٺ ٿئي، ڪنڌ ڪلهن جي وچ لي سڌو جهلي، نهايت فلڪي ۽ رعب دار نوع سان آکي ها ”خاشاڪ.“ هڪ دفعي موديءَ وٽان گيهه وٺي آيو ته ڊٻي جي تر مان ڪو آڪر نڪتو. بس پوءِ ته موديءَ کي ٻنهه ”خاشاڪ“ ڪري ڇڏيائين. لڏهن مامو اچا جوان هو. نانيءَ ٻي ته ڪا نصيحت ڪانه ڏاس، نڪو ڪو پانڻ پوڇا سيکاريائينس، سواءِ اُنجي ته هوُ ”خاشاڪ“ بڻجي، ڪڏهن ٻه نڪ کي مسر نه لائي. مطلب ته هنجي نظر ۾ جهان اندر ”خاشاڪ“ جهڙو ٻيو گناهه هوئي ڪونه. شايد آهي ٻه ائين. ڇاڪاڻ ته نادار ۽ ناچيز، خسيس ۽ هيجڙو، ٻي معنيٰ ۽ ٻي سود بڻجڻ واقعي عظيم گناهه آهي، جو نانيءَ سائينءَ ”خاشاڪ“ ۾ ڏٺو.

الائي ڇو، نانيءَ کي ”جهمت“ لفظ سان ڪين پوندي هئي. ”جهمت“ آهي برابر ”جهرمت“ جي، يعني گهاٽن وڻن جو ٻيڙهه. لاشڪ اهو لفظ خود اهڙو ناهي، جو کهنکي منيان لڳي، بلڪ ڇڄي ڪٽي ته پليءَ زمين جي پلاري اُپتيءَ جي علامت آهي. مگر اهو نج سنڌي

نه ڏاڙهيءَ معرفت، لٻل قليل ۽ ڏند مکڻ مهٽيندو هو نه ڏاڙهيءَ لي. مطلب نه شريعتي ڏاڙهيءَ کي خوش ڪرڻ لاءِ ور ور ڏئي پيو هٿڙا گهمائيندو، رنگ لڳائيندو، ۽ ان کي آرسي ڪٽي ڏسندو هو. ٿانو دريا پٽي هو، مگر اهو پنت ۾ شايد اڏيري لال جي ٻنهه لمبي ڏاڙهيءَ صدقي اختيار ڪيو هٿائين، جهنجي ثابتي انهيءَ مان ٿي ملي جو هرروز دعائون پڙهي، ڀڪ ۾ جهلي ڏاڦي جيان ڏاڙهيءَ مٿان ڦڻڪي ڇڏيندو هو. انهيءَ ڪارڻ آءٌ گهڻي خوض ۽ فڪر بعد انهيءَ نتيجي لي ٻهتو آهيان نه ٿالي سائين جي اسي ورهين جي طول حياتيءَ جو لپوڙ فقط سونهاريءَ لاءِ عزت ۽ خاشاڪ لاءِ نفرت ۾ ٿي سمايل هو.

ڪشور اوستا ۾ آءٌ سمجهندو هوس نه ٽڪاٽي واري ٻهل جيان ٿانو آدي جڳادي آهي. نه ٿي ڄاتم نه اهو پربت ڪنهن وقت مون جهڙو جيئانڙو هو ۽ آخر خاڪ سان ملي خاڪ ٿي ويندو. مون سدائين ڪيس سير ڏٺو هو ۽ سندس قد قامت خواهه حشمت ۾ ڪامت لاءِ ڪو وزائتو دليل ڏسڻ ۾ نه ٿي آيم. مگر پرڪرتيءَ جي نيم انوسار جو ڄائو آهي، سو مرندو ضرور. هرڪا شيءِ پريورتن وهيڻي آهي. اسين هڪ گهڙيءَ لاءِ به ساڳيا ڪين آهيون ۽ اسان جي اسٿرتا ڪال جي هڪ ڦوڪ به جهلي نه سگهندي. ليڪن قدرت پهنجي خفيه ڪارنامن کي ڪو ظاهري جامو ضرور پهرائيندي آهي، سو ٿاني سائين سان به اها ويڌن ڪيائين، جو وري ساڃو نه ٿيو. هتي ضروري ٿاهي نه

پهنجي چمار ۾ ان ٽيا ورق ڪارا ڪيا هوندائين. پاڻيو تا ته ڇا لکيو هوندائين؟ اڪثر جامي سعدي وغيره. مگر ايڪڙ ٻيڪڙ پهنجي تصنيف به هيس. ارمان ته سندس ديهانت بعد اهي ورق اڌوهيءَ ٽڪي خراب ڪيا، جهن ڪري سندس رچنا جي ڪٿ ڪري نه ٿي سگهجي.

چون ٿا ته ناڻو طبيعتا خشڪي هو. اگر قدرت ڪنهن سگهڙ جي دل ۽ دماغ نرالي قالب ۾ گهڙيا آهن، ته غير معمولي روش لاءِ هنڪي ڏوهه ڏئي نه ٿو سگهجي. اهڙا شخص مجبور آهن ته پهنجي ذاتي اڏ ظاهر ڪن. الهيءَ ڪارڻ ناڻي جي رفتار گفتار علحدي هوندي ۽ ڪو مٿس انگشت نمائي نه ڪندو هو. امڪان آهي ته سندس پيريءَ ۽ اوائلي رتبي لاءِ عزت هين يا ماڻهين سندس شاندار شخصيت ۽ خوش طبعي پسند هين. البت ظاهري ڏيک ۽ اندرين حقيقت ۾ وڏو فرق ٿيندو آهي، جو مورک نظر انداز ڪري ڇڏيندا آهن. تهن هوندي به ڏسجي ٿو ته ناڻي سائينءَ جي معتبري ۽ بزرگي خاص ڪري سندس دراز ريش ۾ ئي هئي. اها سونهاري سندس پير مرشد هئي. مونکي جاڻ ناهي ته پيو ڪو گرو پوڄيندو هو يا نه. سندس واقعي آزاد طبع ۽ خود خياليءَ هنکي ڪنهن ۾ ٽنگي اڳيان لڪ گسائڻ يا بوٽ بوسي ڪرڻ لئي روڪ وڌي هوندي. اهڙا ماڻهو ڪهڙا مطيع نه ٿيندا آهن. الهيءَ ڪارڻ ناڻو سائين اقرار ڪندو هو ته ڏاڙهيءَ سان، قسم کڻندو هو ته ڏاڙهيءَ جو، ڏمڪي ڏيندو هو

قتو ڪري ٿي، ۽ فقط ڪن جزوي لاڏلن کي ڪيلاش جي بلنديءَ تي رسائي ڏيوي عظمت ۽ رفعت جو لطف وٺائي ٿي تهن هن شخص کي ٻڻ ڪئين ڏکه ڏوجهرا ڏنا هئا. هوُ لڪ لنگهي چڙهيو هو ۽ تمنا هيس ته پويان پساهه سانتيڪي تموني گذاري. ليڪن حاسد تقدير کي اِئين منظور نه هو. جواني ويس پوءِ رنبو ويس، هڪ پٽ ٻه نياٽيون گذر ڪري ويس ۽ پهرين مان شان ٻڻ ڏيهون ڏيهن پٺڙو پوندو ويس. سندس اکين ڏٺي گڙا گنجا ويا اُسرندا ۽ لائق ويا پٽ پوندا. مگر جيسين پٽسو هوس، تيسين خوددار ۽ خود مختيار رهي سگهيو تي. ليڪن افسوس، پيريءَ ۾ لوٺ جي وڪڙ ۾ اچي جوئاريءَ جيان اگر لگر ڇٽ ڪري پاڻ کي پروس ڪري ڇڏيائين.

تائي کي گذر ڪئي کي سال ٿيا. سندس فوتو مامي وٽ هوندو هو، جهن جي ڏسڻ سان گذريل زمانو تئين سر زندهه تي پوندو هو ۽ دل ۾ غيبي ڪشش پيدا ٿيندي هئي. جتن ٻارولن ۾ ٻالڪ ماءُ کي ڏسي اُير ڪندو آهي، تئن بي اختيار سندس فلڪي آواز ٻڌڻ، سندس هٿ چمڻ، سندس اُرهه تي مٿو رکي اُڪير مان ٻاڪر پائڻ جي آرزو موجزن ٿيندي هئي. اها رت جي چڪ چئبي. ورنه سندس الدرين خواهه ٻاهرين اُڏ ۽ اسان وچم ڪيڏو نه فرق آهي. سميه سنڌو پهنجي تيز رفتار ۾ ڪئين شخص ۽ قومون، ڪئين تاج ۽ تخت، ڪئين سيبتائون

اُنهيءَ ڏکڏائڪ وارداتَ جي وِچُوڙ ڏجي. ايترو ئي ڪافي آهي ته انهيءَ جهڙپ پچاٽا ور ور ڏئي مثنوي ڪوليندو هو ۽ پٽ لـي تڪميل پهنجي جوانيءَ جي تصوير ڏسي ٽبيءَ ۾ پئجي ويندو هو. شايد وسهڻ ۾ ئي نه ٿي آيس ته ڪنهن وقت انهيءَ موچاري صورت جو پاڻ ئي خاوند هو. نهارڻ سان منهن ۾ لالائي اچي ويندي هيس ۽ مغرور طبيعت سبب پڙڪ ٻاڦڻ بنا منهن ڪٽي ٻي پاسي ڪندو هـو. ڪڏهن ته پهنجو قـد قامت جاچي، ڏاڙهيءَ جي پڇڙي هٿ سان مٿي ڪٽي ڏسندو هو ۽ شايد دل ۾ چوندو هو ته اهڙي ڏيل ڏيا، ريش رعب وارو انسان جهن جي شاندار شخصيت جـي نشاني اها تصوير آهي، سو اهڙو سُسي خشڪ خاشاڪ ڪيئن ٿي پيو آهي؟ ها، ڪيئن ممڪن هو ته منشي ...... پهنجي آکهه جو سرمور، پنگت جو پيلپائو، عالم فاضل، آبرودار ۽ غيرت مند انسان خاشاڪ جهڙو هيچ هيچ ٿي پوندو. اڳه ڪيس پهنجي شخصيت ۾ اعتقاد هـو، مگر هينئر پاڻ ۾ ئي شڪ پوڻ لڳس ۽ جا ڳالهه سندس متاثر طبيعت جي برداشت ڪرڻ کان ٻاهر هئي.

ليڪن هي عجيب اسرار جهنڪي اسين حيالي چئون ٿا، سا هر انسان کي پرلڏڙ ڪوري ۾ ساڙي خاڪستر ڪري ٿي ۽ لوهار جي مترڪن سان سٽي ڪٽي، اُچي ٿاهي ٿي - حيالي، جا ٿوڪي مون کي ڪرتقل ۾ ڪاڙهي عرق ڪيدي ٿي ۽ اليڪ بدبخت انسان کي پريشان ڪري اوڙاهه ۾

شاهه جو پيغام

شاهه جو اسان لاءِ ڪهڙو پيغام آهي؟ ڪهڙو آهي سنڌس سڏ، جو اسان کي اوُنائڻ گهرجي؟ انهيءَ ۾ ذرو به شڪ ناهي ته اسين سنڌس حقيقي وارث آهيون ۽ سنڌي هئڻ جي حيثيت ۾ اهو اسان جو اخلاقي فرض آهي ته انهيءَ املڪ ورثي کي سيني اندر سانڍيون، ۽ پنهنجي زندگي انهيءَ سان خوشرنگ ۽ خوش خيال بڻائي ديس ديسانتر کي ان جو لطف وٺايون، جنهن اهڙي روح اَفزا نعمت کان ڪو بني بشر وانجهجي نه وڃي.

ڪيترن عالمن شاهه جي شعر جي واکاڻ ڪندي، تصوف تي لنبيون شرحون لکيون آهن. ليڪن اهو فلسفو ڪو شاهه جي دماغ جي ايجاد نه هو. درحقيقت اڄ تائين سنڌين ڪو اهڙو فيلسوف پيدا ئي نه ڪيو آهي، جنهن جو فلسفو دنيا جي فلسفن ۾ جڳهه والاري سگهي. سنڌين جا بهترين اديب فڪري (Reflective) آهن، نه مغزي (Intellectual). هنن اُڌارا ويچار دهرايا آهن؛ مگر پنهنجي مغزي جاکوڙ ڪري ڪو نئون درشن يا نظريو ايجاد نه ڪيو اٿن. سنڌين جي اِها ورثي سنڌن سنسڪرتي ۽ سڀيتا مان پڻ ظاهر

۽ سنسڪرليون لوڙهي ٿي وڃي ۽ لٽ نوان رنگ روپ
رچي جيون جي وچتر ليلا کي شوڀيڪ ٿي بڻائي. ناٽو
سائين نه الهيءَ رنگ منچ جي پردي تي هڪ چٽر هو.
کهڙو نه روچڪ هو اهو چٽر!

ساڳيو ئي خيال دهرايو اٿس:

"لهرون لک لباس
پاڻيءَ پسڻ هيڪڙو."

۽ ان کي چٽي نموني سمجهائيندي چوي ٿو:

"سريون سٽ ڪپاهه"

يعني ته سٽ ۽ ڪپاهه هڪ ئي وٿ جا نرالا روپ آهن. جيئن:

"پڙاڏو سو سڏ، ور وائيءَ جو جي لهين
هئا اڳهين گڏ، ٻڌڻ ۾ ٻه ٿيا."

لاشڪ اهي عارفانه ٻول آهن، جن مان مايا واد جي سڌانت جي چٽي سمجهاڻي ملي ٿي. ليڪن شاعراڻو شغل ڪو فلسفه جي منجهيل مسئلن جي تشريح ڏيڻ تائين محدود ناهي؛ بلڪ خود اهي تشبيهي تشريحون ڪو شعر ناهن. مثلا ائين چوڻ ته سرشٽي يڪي انت انادي مالها آهي، جنهن جا داڻا هڪ ٻئي سان ڪارڻ ۽ نتيجي جي ڌاڳي ۾ پوتا پيا آهن ۽ نيڪي بدي خواهه ڏک سک ڀاڱيدار ناهن، سو ڪو شعر ناهي. سچو شعر ذاتي تجربي ۽ مشاهدي جو معجزو آهي، جنهن ۾ اهڙا سوکيم ويچار سمجهاڻين ۽ سلجهاڻين ذريعي مغز ۾ داخل نه ڪيا ويندا آهن. ڪوتا ڪلپنا جو وستر آهي، نه ڪ دماغي ڪاوش جو؛ گرچ

آهي. البت ائين آهي ته خارجي اثر جذب ڪندي هنن انهن کي اهڙو روپ ۽ رنگ عطا ڪيو آهي، جهن مان سندن ذاتي ذهن ۽ طبعي رغبت جو انداز و لڳائي سگهجي ٿو. مثلا وحدانيت جو فلسفو، جو ودوانن پيچيدي نموني پيش ڪيو آهي، سو شاهه اهڙي عمدي ۽ عام فهم نموني سليس سنڌيءَ ۾ آندو آهي، جو ڳوٺاڻا به آسانيءَ سان سمجهن. شاهه جي اِها خوبي آهي جو منطق جا منجهائيندڙ مسئلا ۽ فلسفه جا پيچيده اصول، برهمانڊ جي رچنا ۽ پرڪرتيءَ جي انيڪ آڪارن ۾ هڪ ئي تت جي وياپڪتا، جيو آتما ۽ پرماتما جو اَنت سنبنڌ بن چئن سٽن ۾ سمجهايا اٿس. مثلا مايا وادين جو ويچار ته جڳت مٿيا آهي ۽ هڪ ئي برهم کان سواءِ باقي پرڪرتيءَ جو پسار فريب آهي، انهن بابت چوي ٿو:

”سوئي هيڏاهن، سوئي هوڏاهن، سوئي من وسي
لهين سندي سوجهري، سوئي سو پسي“

انهيءَ نراڪار جي آڪارن ۾ وياپڪتا مان، جو ورامت ٿو پسجي، تهنجو پڻ چٽ چٽيو اٿس:

”ايڪ قصر در لک، ڪوڙين ڪٽس ڳڙکيون
جيڏاهن ڪريان پرک، تيڏاهن صاحب سامهون.“

بي هند وري لهرن جي درياهه سان پيٽ ڪندي

ڏونگرن (پرڪرتيءَ) نٿهين ڏنم ڏک.“

سو سپاويڪ انهيءَ قيد مان ٻلو آجا ڪرڻ لاءِ تاڻي ٿو:

”قسمت قيد قوي، نا تہ ڪير اڇي هن ڪوٽ ۾
لڪئي آٽي لوح جــسي هنڌ ڏيکاريم هيءُ.“

ليڪن زميني زندگي شاريرڪ ۽ سماجڪ، مانسڪ ۽ وهنوارڪ بندشن ۾ جڪڙيل آهي.

”مونکي مون پرين، ٻڌي وڌو ٻار ۾
اُيـــا ائين چون، متان پاڻد پسائين.“

جهنڪري آزادي، آد ڪان انت تائين اٻلاکائي رهجي وڃي ٿي. انهيءَ اٻلاکا جا انيڪ روپ آهـن. ڪن کي شاهوڪار بڻجڻ جي جهوري لڳل آهي تہ ڪن کي حاڪم بڻجڻ جي، ڪي سهڻي صورت تي شيدا آهن تہ ڪي ڪنهن خفت ۾ مبتلا. هن عجيب دنيا ۾ ڪو حال مست تہ ڪو مال مست تہ ڪو زال مست آهي. جيڪي انهن اسٿول اٻلاکائن جي چڪر ۾ سرگردان ناهن، سي پڻ خيالي آرزو يا مغزي غبار ۾ لپيٽيل آهن، جنکي هوُ سهڻن شبدن يا عاقلانہ اُصولن يا هنڪاري اُديشن جي روپ ۾ ڏسن ٿا. ليڪن اهي اسٿول يا سوکيم ڀاونائون ڪشاڪش ۽ جاکوڙ جو باعث آهن ۽ جيءُ انهن جي پراپتيءَ لاءِ سدائين پٽڪندو رهي ٿو، ۽ آخرڪار پٽڪي پٽڪي ڪنيڙائيون کوهي کوهي هستيءَ کي نيستيءَ ۾ تبديل ڪرڻ جي ڪوشش

اهڙي قسم جي دماغ سوزي ڪلپنا کي شبد روپي اسٿولتا ڏيڻ ويل ڪم ايندي آهي. مطلب ته شاعر جي وجداني حالت جا ڪنهن ڪيفيت يا واقعي کي محسوس ڪري لفظي جامو پهرائي يا قلبي واردات جو نقشو چٽي، ته انکي ئي شعر چئبو آهي. مثلاً:-

"ٻيهي جان پاڻ ۾ ڪيم روح رهاڻ
نڪو ڏولگر ڏيهه ۾، نڪا ڪيچين ڪاڻ
پنهون ٿيس پاڻ، سسئي تان سُور هئا."

يا

"جر تر لک تنوار،
وڻ ٽڻ وائي هيڪڙي."

يا

"ڪوڙين ڪايائون تهنجون، لکن لک هزار
جيءُ سيڪه جيءَ سين، درسن ڌارون ڌار
پرِيمِ تهنجا پار، کهڙا چئي کهڙا چوان."

هاڻي اهو "جيءُ" (وجود) جو چيتن ۽ جڙ جو وچ آهي،

"نه اورار نه پرار، وچاري وهه وچ ۾"

۽ جوئي ڀانت جا درشيه ڏسي هرکي ٿو ۽ پاڻ کي سماج ۽ پرڪرتيءَ جي هڪ لنبي زنجير ۾ اڪيل ڏسي نهايت پريشان ٿئي ٿو، "ڏاگهن (نفس) ڏيرن (سماج)

نه ڪرچ هستي سدائين نيستيءَ ۾ تبديل ٿيندي ٿي وڃي ۽ نيستي هستيءَ ۾، نه ته زندگيءَ جو مقصد نيستي ٿي نه ٿو سگهي. انهيءَ ڪارڻ هو لڳاتار جدوجهد ۽ جاکوڙ جو مشورو ٿو ڏئي:

”جان جئين تان جل، ڪانهي جاءِ جلڻ ري
لٽيءَ تڏيءَ هل، ڪانهي ويل وهڻ جي.“

واقعي زندگي آهي شمع، جنهن جي جوت جو جٽاءُ جلڻ تي مدار ٿو رکي. اهو جلڻ ئي آهي عشق، جو آرزو ٻڌي اندر ۾ آنند مانڌ اُلپن ڪري سڪ سمهڻ نه ٿو ڏئي:

”پاڙي ساهه پروڙ
ته رات رلجائي گذري.“

۽

”اڄ پڻ اکڙين سڄڻ پنهن جا ساريا
ڳلن تان ڳوڙهن جون بوندون بس نه ڪن
سنديءِ سِڪ پرين، لوڪ ڏني نه لهي.“

لاشڪ جيسين اها منوڪامنا سڌ نه ٿي آهي، تيسين

”جڻن جڻن لڳي ڏيهن
لڻن لڻن لاٽي پنڌ.“

شاهه جي رسالي ۾ انهي تمنا ۽ تڙپ جو ور ور ذڪر ٿو اچي، جنهن مان پڌرو آهي ته هو ”خيال ۾ وڃي خيال

ڪري ٿو. هوُ چاهي ٿو ته جئن جڙ پدارٿ حرارت جي
اثر هيٺ اسٿولپڻو کوهي شڪتي ۽ جوت جي لهرن ۾
ونڙي وڃن ٿا، تئن "جيءُ" پڻ جڙپڻو کوهي، سوکيمتا
جي سوکيم لهرن ۾ ونڙي انادي وشو جي آسيم آتاه ۾ ڪيڻ
ٿي وڃي. ڪن گيانين انهيءَ "ڪيهه" کي "مڪتي" يا
"نرواڻ" سڏيو آهي. ليڪن ٻيا، جي برهم رچنا کي انادي
۽ اننت سمجهن ٿا ۽ جيون کي نديءَ جي پاڻيءَ مثل
وهڪرو- جو سدائين ساڳيو هوندي به ساڳيو ناهي- سي
خود مڪتيءَ کي هڪ قسم جي ورلي سمجهي، وڪاس
د ئاران آپورڻ کي پوُرڻ بنائڻ ئي زندگيءَ جو مقصد سمجهن
ٿا. هوُ چاهن ٿا ته منش پرتوي پتر آهي ۽ ان جو منش پڻو
ڪڏي ان کي پرڪرتيءَ جي انادي لتن ۾ لين ڪرڻ
سان ڪا پرقلنا نه ملندي، نکي برهم رچنا ئي ڪو پهنجو
ڪاريه سميٽي ڇڏيندي. انهيءَ ڪارڻ هوُ بهترين جيون
جا حامي آهن ۽ اهڙي اُتم ڪاريه ۾ سقلتا پائڻ لاءِ ترشنا
کي جيون جو پساهه سمجهن ٿا. شاهه پڻ انهيءَ ويچار جو
آهي.

"ڏوريان ڏوريان م لهان
شـال م ملان هوت."

هوُ چاهي ٿو ته "هوت جو ملڻ" يعني اهڙي آدرشي
اوستا ـ ني رسڻ جهن پڇاڻا اڳتي ڪو درشيه ئي ڪونهي؛
نه فقط غير ممڪن آهي بلڪ غير واجب پڻ. هوُ چاهي ٿو

ئي ٿي سگهي ٿي. فڪر ناهي جيڪڏهن اها بشر دوستي وحدانيت ۾ عقيدي يا روحانيت سان ڳنڍيل آهي ۽ ڪن يورپي اديبن مثل هڏي ۽ ڇم جي انسان کي خود خدا جي جڳهه تي براجمان نه ٿي ڪري. اها ڪا خامي ناهي، ڇاڪاڻ ته مزدورن ۽ مظلومن کي سنتين آسمان جي ڪرسيءَ تي وهاري، سندن صفت ثنا ۾ صفحا ڪارا ڪرڻ سالم دماغ جو شغل ٿي نه ٿو سگهي. باقي انساني بهبودي ۽ بهتريءَ لاءِ چاهه ۽ بنيادي يڪ وجودگيءَ جو احساس مشرقي شاعرن جي قلب ۾ اهڙو ئي پيريل آهي، جهڙو مغربي شاعرن جي دماغ ۾. نه فقط ايترو، پر مسڪينن جي آرتڪ حالت جو ورنن ڪندي، هو مغرب جي بشر دوست شاعرن کان پوئتي نه پيا آهن. مثلا

چنل چيچ هٿن ۾، ڪلهن ڪوڏارا
پورهئي ڪارڻ پيٽ جي اُٿن سويرا
اوڏ ويچارا، وڃن لاڪـا لڏيو.

يـا

ڪلهي ڦـاٽو ڪنجرو، مٿو اُگهاڙو
پينر! ڪجاڙو، مهنجو هن پنيور ۾؟

مهنجي ناقص عقل ۾ تصوف جزي ۽ ڪل جي فلسف کي نروار ڪرڻ تائين محدود ناهي، مگر تاريخي نقط نگاهه کان انهيءَ مت جو بشر دوستيءَ سان گهرو لاڳاپو آهي.

ڪماءِ" جو حامي ناهي، ۽ ڪنهن اوچ مقصد خاطر لڳاتار جاکوڙ ۾ رڌل رهڻ ئي واجب ٿو سمجهي. البت زماني جي حالتن ٻين درويشن وانگر شاهه کي به گوشه نشيني اختيار ڪرڻ لاءِ مجبور ڪيو، ليڪن هن جو ضمير خواهه ذهنيت نفس تي ضابطو رکي جفاڪشيءَ ۽ محنت ڏاران اعليٰ ڪم جي سر انجاميءَ جي حمايت ڪن ٿا. هن جو وحدانيت ۾ عقيدو به ڪو سڪڙو فلسفو ناهي، مگر ٻراڻي ماڻر لاءِ پيار ۽ انساني برادريءَ جو پيغام سڻائي ٿو ۽ مذهبي نفاق ۽ قومي خصومت تي ملامت ڪندي آگاهي ٿو:

ڦريا پسي ڦيڻ، ڪرين ڪير نه چکيو
دنيا خاطر دين، وڃائي ولها ٿيا.

بي هندو وري صاف لفظن ۾ ٻڌائي ٿو ته سندس حياتي ڪا فرقيپرستي يا مذهبي جهڳڙن لاءِ وقف ٿيل ناهي:

نڪو ڪم ڪفار سين، نڪا مسلماني من
نڪا دل دوزخ ڏي، نڪو بهشت گهرن
ائين پيا چون پرين ڪجو پهنجو.

شاهه جي حياتيءَ جو گهڻو عرصو بادشاهه گرديءَ، بدامنيءَ ۽ اورنگزيب جي تعصب سبب خانه جنگيءَ جي دؤر ۾ گذريو؛ جنهن ڪري شاهه جو امن امان لاءِ چاهه ۽ انساني برادريءَ لاءِ اُتساهه انهن حالتن جو رد عمل ئي سمجهبو. هو لڪن به صوفي مت جو عملي روپ بشر دوستي

ڪرڙا ڏونگر ڪهه ڳهٽي، جت واٽن ئي واري
آڏا لڪ لطيف چئي، ٻر سڄڻ ٻاري......

ڪرڙا ڏونگر ڪهه ڳهٽي، جت ٻرپٽ ٻيران
ڏاڍن ڏاهپ وسري، ٿيا حريف ئي حيران...

ڪرڙا ڏونگر ڪهه ڳهٽي، جت رڻ ٽٽو راتو
ٽٽر ٽئي مرن ڪسي ڏونگر ۾ ڏاٿو......

شاهه ڄاڻي ٿو ته سندس وطني ڀائر انهيءَ ريگستان ۽ ڪوهستان ۾ رهن ٿا ۽ اُلي جون حسين اپوجهه صادق دل سوڍيون سومريون ڪنهن قلبي گرداب ۾ اٽڪي اهي دردناڪ دانهون ڪن ٿيون، جي ڏونگر جي دل به ڏاري ڇڏن. اسان جي ساهتيه ۾ ٻي ڪنهن به شاعر سنڌ جي ڪميءَ ڪاسبيءَ، هاريءَ ناريءَ، ماريءَ ماڇيءَ کي اهڙي فصيح زبان عطا نه ڪئي آهي، نه ڪي اهڙي همدردانه نوع ۾ هنن جي آرٿڪ ۽ سماجڪ حالت خواهه قلبي اُلجهن جو ورنن ڪيو آهي. ڏسو ٿرين جي رهڻي ڪهڻي ته ويهي چٽي اٿس:

ورسي وطن ڄائيون، صحرا ستر جن
ڳولاڙا ۽ ڳگرڙيون، اوڇڻ اباڻن
ويڙهيا گهمن وليين، جهانگي منجهه جهنگن
مون ڪسي ماروئڙن، سڄ ڳٽائي سيج ۾

وحدانيت آهي خيال ۽ بشريت آهي انهيءَ خيال جو زميني زندگيءَ ۾ عمل.

موجوده زماني ۾ قوميت وڏي زحمت بلڪ لعنت بڻجي پيئي آهي. هرڪا قوم پاڻ کي ورسائڻ ۽ ٻين کي دٻائڻ ۽ پائمال ڪرڻ پنهنجو فرض ٿي سمجهي، جهڙي گڏريل ان صدين اندر ايڏي زور ٿي چاڻ ٿي آهي، جوان جو خيال ڪندي لڱ ڪانڊارجو وڃن. اسان جو شاهه انهيءَ مهاماريءَ جي اثر کان آجو آهي. هُو ديش ڀڳت آهي جهڙي وطنين کي ور ور ڏئي دعائون ٿو ڪري؛ مگر ڪيس ڄاڻ آهي ته سنڌي گڏيل نسل جي پيداش آهن ۽ سندن ٻوليءَ خواهه سڀيتا ۾ پانت پانت جا اثر جذب ٿي ويا آهن. انهيءَ ڪارڻ هُو ڪنهن ٻه قوم جو ورودي ناهي. قوميت (Nationalism) ۽ وطنيت (Patriotism) ۾ فرق آهي. قوميت سياست جي پيداش آهي ۽ وطنيت وطن لاءِ سچاويڪ محبت. شاهه جي شعر ۾ اِها وطني محبت، جا ڪنهن ٻه قوم جي خلاف ناهي، سا ديس واسين لاءِ پيار ۽ ديس جي اَبتر حالت تي ارمان مان نڪري نروار ٿئي ٿي. شاهه جي خياليءَ ۾ درياهه پنهنجو رخ ڦيري، وڏا شهر ۽ بندر ڪندر بڻائي ڇڏيا، جهڙي سندس شعر ۾ رڄ ۽ سڄ، ٻرپٽ ۽ ڏونگر جي صدا بلند آهي، ۽ ڪنديون ڪرڙ پنهنجي پستيءَ جي شڪايت ۽ درد جو داستان آسمان کي چئي ٻڌائن ٿا:

عالت محسوس ڪري سگهون ٿا. توهين ڏسندا ته سندس
ويچار ڪي سڪيا دليل ناهن، بلڪ ڏٺيءَ در پرار ٿنائون.
ڏسو سر سارنگ:

سارنگ سار لهيج، الله لڳ اُڃايلن جي
پاڻي پوڄ پٽن تي اَرزان اَن ڪريج
وطن وسائيج ته سنگهارن سک ٿئي.

منهن ٿي منڊل منڊيا، ٿاڙي ڪي ٿنوار
هاريون هر سنباهيا، سرها ٿيا سنگهار
اڄ مهنجي يار، وسڻ جا ويس ڪيا.

مون جنهن ٿر جو ذڪر ڪيو آهي اُتي سال ۾ ٽي
چار انچ مس برسات پوندي آهي ۽ انهيءَ ٿوري ورکا
تي ئي ٻاجهريءَ جي پوک ٿيندي آهي ۽ مال لاءِ گاهه
ميسر ٿيندو آهي. جيڪڏهن ڪنهن سال برسات نه پوندي
آهي ته ڏڪار سبب ماڻهو پريشان ٿيندا آهن ۽ ڳايون
مينهون بک وگهي مري وينديون آهن. انهيءَ ڪارڻ شاهه
برسات کي گهڻي اهميت ڏني آهي ۽ ڏڪار جي زماني
۾ بليڪ مارڪيٽ ڪندڙن تي ڦٽ لعنت وڌي آهي.
مثلاً:-

حڪم ٿيو بادل کي ته سارنگ سانت ڪجن
وڄون وسڻ آئيون، نهہ نهہ مينهن نمن

ٻلر ٻوڙ، اوچڙ اُن، جنجا ٻير مٺي پٽ پاڪ
وهن ورائڪن ۾، اُن جي اجوڪي اوطاق
ٻاڙ نه ٻين پاڙ ڪي، وڇارا ٻي ٻاڪ
عمر اوءِ نه عاق، ڏڪنا جسم ڏکوئين.

آڻين ۽ چاڙهين، ڏت ڏٻهاٽي سومرا
سٿا ڪيو سيد چئي، سائون سڪائين
منجهانس لنب لطيف چئي، چانر ڪيو چاڙهين
ٻلاءُ نه ٻاڙين، عمر آراڙي سين.

هن منڊ مارو سنرا، ڪانئر ۾ خوش حال
سائون، سيارح، مڪٽي، جيڏيون آڻين جال
ستيءَ جي سيد چئي، ڪاساڙيهه منجهه سنپال؟
لڳن ٿان لطيف چئي، لوئي لاهه م لال
ٻلو ڪندو ٻال، ميهن وسندا موٽ ٿون.

آڳاٽي سنڌ ۾ پڇمي راجستان، ڪڇ ڪوهستان لس ٻيلو وغيره اچي ٿي ويا، جهنڪري شاهه جي ڪوتا ۾ اڪثر انهي جي رهواسين جو ئي ذڪر آهي. انهن ايراضين جو ڪو ماڻهو مرون، وڻ ٻوٽو، پکي پسون ڪولهي، جهن ۾ شاهه لٿون روح نه ڦوڪيو هجي. واقعي هن مٺل ملڪ زندهه ڪيو آهي ۽ اسان کي لفيس نگاهه عطا ڪئي اٿس، جهن ذ ئاران اسين وطن جي محبت سان گڏ ان جي سڦيم

جي حالتن مطابق الي جي زمين آسمان جي ماحول ۾ کينچيو آهي.

سارنگ کي سارين، ماڻهو، مرگهه ميهون
آڙيون ابر آسري، تاڙا لنوارين
سپون جي سمنڊ ۾، لڙين سڄ لهارين
پلر پياريں لـ سنگهارن سک ٿئي.

سنڌس رچنائن ۾ جبل ۽ بيابان، نديون ۽ سمنڊ، وڻ ٽڻ ۽ کيت، پسون ۽ پکي، زالون ۽ مرد هڪ ٻئي سان اهڙو ڳنڍيا پيا آهن، جو هنن کي هڪ ٻئي کان جدا ڪري نه ٿو سگهجي. اهوئي ڪارڻ آهي جو ٻن صدين پڄاڻا به سنڌس شعر زنده آهي ۽ هر زنده انسان ان مان لطف وٺي سگهي ٿو. مثلا هوُ جڏهن سمنڊ جي اٿاهه اُتل پٿل جو بيان ٿو ڪري ته غوراب ۾ ويٺل وڻجارن کي وساري نه ٿو:

لڙ لهريون لس ليٽ، جت انت نه آب جو
الله اُت م اولين، بيڙا مٿي بيٺ
جوکو ٿئي م جهاز کي، ڦرهي اچي م ڦيٺ
لڳي ڪام لپيٽ، هن غاريبي غوراب کي.

يا

دهشت دم درياهه ۾، جت جايون جانارن
نه ڪو سنڌو سير جو، مپ نـ ملاحن

ڄن مهانگو لڙي ميڙيو، سي تا هت هڻن
پنجن منجهان پڌر رهن، ائين تا ورق ورن
ڏکاريا ڏيهه مان، شال موڏي سڀ مرن
ميهون پاڻ مراد يون، تڏا تر ڇرن
وهڪي جن ورهيه تيا، موٽي سي مِڙن
وري وڏي وَس جو ڳالهيون ڪيون ڳنوارن
سيد چي سين، آهي لئو، تهنجو آسرو.

اڄ پڻ اميدون آگم سندي اُڀ ۾
ساوڻ پسي سرتيون سڄڻ ساريو مون
آءٌ آسائتي آهيان، ماڻ پڇائي يون
گهر لئه گهرجي لون،
منڊ مڙئي ميهن جي.

آئي منڊ ملهار
آءٌ کهنبا ڪنديس ڪپڙا
وسڻ جا ويس ڪيا اڄ مهنجي يار
لار ڪيٽندي وچڙا، پنس پنها وار
پکي آءٌ پرچي، لهه سيد لون سار.

شاهه جي شعر ۾ فطرت کي ماڻهن جي زندگيءَ کان نرالو نه ڪيو ويو آهي. هوءَ جاڻي ٿو ته منش پرڪرليءَ جو هڪ انگ آهي، جهڙڪري هن ماڻهن جو عڪس ملڪ

جي جوڙ جنسار ۾ محبوب جو مهانڊو ڏسڻ ۾ ايندو آهي. انهيءَ ڪارڻ شاهه جي شعر ۾ پڻ جانب جي جمال جو ذڪر نهايت دلڪش نوع ۾ ڪيل آهي: مثلاً

جهڙا گل گلاب جا، تهڙا مٺن ويس
چوتا ليل چنبيليا، ها ها! هوُ! هميش
پسيو سونهن سيد چي، نيهن اچن نيش
لالن جي لبيس، آنڻ اکر نه اُجهي.

ڪٽي نيڻ خمار مان، جان ناز ڪيائون نظر
تارا ڪتيون تائب، تيا ڏيکيندي دلبر
سوُرج شاخون جهڪيون، ڪوماڻو قمر
جهڪو ٿيو جوهر، جانب جي جمال سين.

ناز منجهاران نڪري، جڏهن پرين ڪري ٿو پند
پوُن پڻ بسم الله چئي، راهه چمي ٿي رند
ايئون گهٽي ادب سين، ونئي حورون حيرت هند
سائينءَ جو سوگند، ساجن سينئان سهڻو.

نيڻ سڦيلا سپرين، پنو ر پروون پالا
چڪيا قت فراق جا، اندر ۾ آلا
يار ميڙئين يا الله! صحبت ڪاڻ سڪي هنئون.

اها حسن پرستيءَ بشر دوستيءَ فطرت جي ڪارنامن

درندا دريا ۾ واڪا ڪيو ورن
سچا بيڙا بار ۾، هليا هيٺ وچن
پرزو پيدا نه ٿئي، لڪتو منجهان لڪن
ڪوجو ٿهر ڪنن ۾، ويا ڪين ورن
آلي اڻ لنارن، ساهڙ! سير لنگهاء لوُن.

اهو فطرت جي نظارن جو پراڻي مالڪ سان ميل جهول شاهه جي ڪوتا جي خاص خوبي آهي، جا سندس اخلاقي نصيحتن ۾ پڻ سمايل آهي. مثلا ڪاپائتي سر ۾ سنهي تلهي ست جو ورنن ڪندي نهايت عاقلانه اِشارو ٿو ڪري ته بنا خلوص سگهڙي قابليت بيڪار آهي:

چائت پائي چت ۾ سنهو ڪتيو جن
ان جو صرافن دڪو داخل نه ڪيو.
مگر
محبت پائي من ۾ رنيا روڙيا جن
ان جو صرافن اڻ توريو اگهايو.

وري بي هند اِشارو ٿو ڏي —

”هل هنئين سين هوت ڏي، پيرين پنڌ وسار
قاصدائي ڪار، ڪين رسائي ڪيچ لي.“

اڪثر شاعر حسن پرست ٿيندا آهن. همن کي پرڪرلي

آهي. در حقيقت اهڙو کو ٻشر مشڪل ليندو جهن جو دماغ مئو وگيان ۽ عقل ۽ علم سان سرشار هوندي به، گاهي گاهي پهنجي بيوسي ۽ محتاجي محسوس ڪري، پاڻ کان اعليٰ هستيءَ اڳيان نه جهڪي. جڏهن وسيلا وڃن ٿا ۽ همت هٽي نه ٿا ڏين، تڏهن انسان مجبور آهي ته اڻ ڏٺي جي آڌار پاڻ اربي ڇڏي:

سيئي سبحان جي ڪر حوالي ڪم
تيءَ تحقيق تسليم ۾ لاهي غم وهم
قادر ساڻ ڪرم حاصل ڪري هاج تو.

ڏاتار تــه تون، ٻيا مڙئـــي مڱڻا
ميهن منڌائنا وسڻا، سدا وسين تون
جي گهر اچين مون، ته ميريائي مان لهان.

ستر ڪــر ستار، آءٌ اگهاڙي آهيان
ڍڪين ڍڪڻ هار، ڏئي پاند پناهه جو.

لاشڪ حياتيءَ ۾ ڪئين اهڙا بحران پيدا ٿين ٿا، جو ڏاهن جي ڏاهپ وسري ٿي وڃي ۽ حريف حيران رهجي ٿا وڃن. اهڙي اوکي گهڙيءَ سرٽ جي اوچل اُتاهين تان جهاتي پائي سبحان جو سهارو وٺڻ سان ٿارن جي سنامت خواهه هردي جي اُسات مان اها جوت پرگهٽ ٿئي ٿي، جا هڪ وار ته ڏکن ڏوجهرن جي گهنگهور گهٽائن کسي نيڙي پکيڙي ڇڏڻ جي لياقت ٿي رکي. واقعي اها عبادت،

سان دلبستگي شاهہ جي ٿس ٿس ۾ سمايل آهي ۽ اهي ئي خصلتون آهن جن ڪري فرنگي ادب کي اؤج تي رسايو آهي ۽ سندن تهذيب ۾ اهو رنگ ۽ رونق، جنبش ۽ جلال آندو آهي، جو سڪتي فلسفہ جي باريڪ نڪتن جي تشريحن ۽ اخلاقي هدايتن دئاران پيدا ڪري نہ ٿو سگهجي. البت شاهہ جون آڪاڻيون ڪاٿس گهڻو آڳاٽيون آهن ۽ انهن جي ترتيب غير مرتب آهي. سندس سورميون ۽ اڏو رليون ۽ اڻ اُسريل آهن، جهڙي سندس شعر اندر جا رابيل ۽ نرگس جي چٽڪار آهي، سا علحدي ڪري پڙهڻ سان وڌيڪ لطف ٿو اچي. سندس ٻوليءَ جا ڪيترا لفظ ۽ محاورا ڪي قدر متروڪ ٿيندا ٿا وڃن، جهڙي پاڻکي سندس شعر پڙهڻ ۽ سمجهڻ ۾ ڏکيائي ٿئي ٿي. ليڪن اها خامي شاهہ جي ناهي، مگر زماني جي گردش سبب عوام جي ٻول چال ۾ نوان اثر داخل ٿيڻ سبب پيدا ٿي آهي.. اِها دور ڪري سگهجي ٿي. باقي هن سرڪش سمي اها دعوي ڪرڻ تہ شاهہ جي درويشي صفتن ۽ اخلاقي نصيحتن خواهہ فطري مجبورين ۽ عاجزين کي ڪا اهميت ناهي، سا هڪ قسم جي هوڙهيائي بلڪ نابينائي ٿيندي. لاشڪ وگيان ۽ ٽيڪنالاجي اسان جي طاقت ۾ ڪافي اضافو آندو آهي، ليڪن جيسين اسين خود اخلاقي ۽ روحاني، ذهني ۽ قلبي بلندين تي نہ پهتا آهيون، تيسين اسان کي انهيءَ غيبي طاقت جي ڪرم ۽ فضل جي درڪار آهي، جا هر جا موجود ۽ حاضر ناظر

اعليٰ هستيون اهڙا مجاور پيدا ڪيا آهن. هر تهذيب کي درخت وانگر ٻالڪپڻ، جواني ۽ ٻڍاپي جي دؤر مان لنگهڻو پوي ٿو، جهن ڪري ان جي ترقيءَ جي قوت ۽ دائرو محدود آهن. اسان جي ديس ۾ هينئر نئون ساهه پوڻ لڳو آهي ۽ جت ڪٿ نئين اُسرندڙ حياتيءَ جا آثار پيا بکن. اهڙي نازڪ وقت سخت احتياط جي ضرورت آهي. انهيءَ ۾ شڪ ناهي ته هن کان اڳ به اسان گهڻيئي ڌاريا اثر جذب ڪيا آهن ۽ هن کان پوءِ به ڪنداسين. خاص ڪري هن وقت جڏهن دنيا هڪ ٿي وئي آهي، تڏهن انهن اثرن کي روڪي ڇڏڻ سياڻپ ناهي. ليڪن نئين سڀيتا ۽ سنسڪرتي ۽ ساهتيه جو شاندار درخت فقط پنهنجي ديس ۽ سمي جي دائري اندر ئي اُسري سگهندو. انهيءَ ڪارڻ لازمي آهي ته اسين نه فقط ٻين قومن جي ادبيت جو گهڻو ابياس ڪريون، مگر پاڻ تي پاڙڻ جي عادت پڻ پرايون. شاهه سنڌين جي ادبيت جو ابو آهي، مگر سندس گنج ۾ جي املهه آهن تن مان جوڳو لاڀ تڏهن پراپت ٿيندو، جڏهن اسين خود پنهنجي وسيع معلومات ۽ ذاتي جوهر ڏيکاران، انهن جي نئين سر پرک ڪري هلندڙ حال کي وڏيڪ آبائتو ۽ سيبائتو بڻائينداسين.

جا صادق ۽ عاجز قلب جي زندگي غبار مان اٿڻ ٿئي ٿي، سا عبد کي اعليٰ ڪرڻ لاءِ هڪ اثرائتو واهڻ آهي. انهيءَ ۾ ذرو به شڪ ناهي ته سائنس دانن ڪيل ترقيءَ جي باوجود انساني راحت ۽ خوش حالي انهيءَ سرت (Higher Consciousness) ترت جي جاڳرتيءَ تي ئي مدار رکي ٿي.

شاهه کان پوءِ اٽڪل ڏيڍ صدي سنڌي ساهتيه نار ۾ جو نيل ڍڳي سمان هڪ محدود چڪر ۾ پئي ڦريو. وچ ۾ پارسي ۽ اردوءَ جا به ڪي اثر آيا، جن اسان جي فڪري دنيا ۾ ڪو خاص اضافو نه آندو. مغربي ادبيت پڻ گهڻني جي مغز جي ڪل ڦيري ڇڏي آهي. مگر ان جو نتيجو سطحي تقليد جي صورت ۾ نڪري نروار ٿيو آهي ۽ اسان ۾ ڪا اهڙي جبري هستي پيدا نه ٿي آهي، جا ڌارين جا اثر پنهنجي ماحول ۾ جذب ڪري، اهڙي رچنا رچي، جنهن ۾ اسان جي ذاتي اصليت جي ڇاپ لڳل هجي. اسان جا اڪثر اديب رڳو اُڌارا ورتل پاروتا ويچار اوپاري لهواري نموني اوڳاري جاڻن. مگر خود ويچار جي ترتيب انوسار اوساري (architechtonics) ۽ بندش خواهه ترالن ويچارن جي عاقلانه نموني تڪ تور ۽ چنڊ چاڻ کان اڻ واقف آهن. اسان وٽ علم جي ڪمي ۽ اڀياس جي نافت آهي جا درست ٿيڻ گهرجي.

اهو سچاويڪ هو ته شاهه جهڙي منور آفتاب پٺيان ڪئين گرهه ڳچ وقت ڏؤرو ڪندا رهن. پين ماڪن ۾ پڻ

پنڪ آسمان آهي. اِها سڀ ڪني ڪِڏي ٿي ڪاڻ، نه ڪبوترن جا وَلر اُڏو اُج اُڏهائن، ۽ ڪٻريون ڪانگ پيا ٽان ٽان ڪن. گاهي گاهي ڪو ڪاٺ ڪُٽيو به نمر جي چوٽن ۾ ٺونگا هڻي جيت ڪائيندو ڏسبو آهي، ۽ پڻ هُدهُد، جا اُڏوهي ۽ ماڪوڙن جا ڀر پٽي ڪوٺيندي آهي. رنگ جي پوري، مٿي تي ڪلنگي ۽ مور جي نور هوندي اٿس. چوندا آهن زمين ۾ پاٽيءَ جو اُهڃاڻ ٻولدو اٿس. هتي بلبليون به پانت پانت جون آهن. ڪي ڀري نه ڪي ٿري نه ڪي روهي چٽبيون آهن ۽ مٿي جي ڪلنگي پنجابي پٽڪي جهڙي ڪڙي ٽڙي هوندي آهي. البت ڪن جي پُڇيءَ تي ڳاڙهسرو له ڪن تي سونهري چٽ ٿيندو آهي، هتي پيا به ڪي جهرڪيءَ پا چيهي جيڏا ڪارسرا پکي ۽ ڪتياٽيون پيچ ڪي قتڪا ڏينديون ڏسبيون آهن. ٽاراگُڙهه تي ۽ اناساگر وٽ نه ابابيل جام آهن، مگر اِهي سنهڙا ننڍڙا پکي هتي ليٿو ڪونه پائن. باقي هيڙها، جي مڪڙ ڪائيندا آهن ۽ ڳيرا جي ڪي قدر ڍجڙا آهن، سي برقي تارن تي اچي وهندا آهن. اتفاق سان چمن جا ولر به مٿي اُڏامندا اڪر چڙهندا آهن، ۽ پر واري وڻڻراهه مان چهچ ڪاري چلڪٽي ڪوئل جي ڪُوڪُو پنهنجي اُجهل اشتياق سان وايومنڊل موجزن ڪري ڇڏيندي آهي. ساوڻ جي مند ۾ سياڳي چانهه (Blue Jay) پڻ اسان سان گڏ جاٽي ڪرڻ ايندي آهي، ۽ پيا ڪي هڪ رنگا ۽ ٻهو رنگا، ڏگهي پڇ ۽ سنهي بيع وارا پکي

پنڪم

”وڳر ڪيو وتن، پرت نہ ڇنن پاڻ ۾
پسو پکيئڙن ماڻهان ميڙ گهڻو.“

(شاهه)

اجمير ۾ مدار پهاڙ جي ٻب وٽ جا ڪٽيا وسائي اٿم، سا گويا هڪ اُهنجو سهنج آهي. شهر جي ڇيڙي ۾ گوڙ شور کان دور آشيانو ايپاسي جيون لاءِ نعمت آهي. ڀر واري پربت جو ڏيل ٻه ڏيڍوان تو لڳي ۽ ڇنڇل من ۾ اِستر ۽ اڏول تيرڻ جي ڀاونا اُڀِن تو ڪري. نمن جي سيتل هوا ۽ ٻنين جي ساوڪ ٻڻ سرهائي تيون بخشن. مگر اِلجڻ جي سبب ۽ ڳاڏن جي گهر گهر ڏرن ۽ ڏرلي ڏڪائي تي چڙي. هتي هروقت ڀوچال بنا زلزلو آهي. جي هي آستان پهاڙي ڀت تي اَڏيل نہ هجي، تہ شايد آءٌ ڀت ڇت هيٺ دٻجي وڃان ها. ڪفن دفن جي ضرورت ئي نہ پوي ها.

آسپاس پيلي چادر ۽ ڳاڙهي گهاگهري خواهہ سالورن ٻالڪن ٻالڪين جي ڪمي ڪانهي. مگر هي مڪان واقعي

پکي ونشنو هوندا آهن، نه کي ماس آهاري. مگر ڪانءُ چٽيءَ کٽي مانند ڪر. چيندا نه رکو ڏيندر ۽ ڪونا ڪائڻ لئي قناعت ڪن، پر هي ڦلڪو، چانور، ٻاجهي، ڦل، گوشت، مڇي بلڪ ڍونڊ ۽ گند به ڳهڪايو وڃي. پيٽ ڀرور نه سيٺيءَ جيوَ جنت ٿين ٿا. سندن مکيه ڪم آهي ٿي پيٽ ڀرڻ ۽ بار جڻڻ. مگر هنن ۾ خاص قسم جي غذا لاءِ اشتها رهي ٿي ۽ مقرر چوڳي هنا ٻي وٽ ڏي اڪ کٽي به نه نهارين. مگر ڪانءُ سيکي سواها ڪيو وڃي. ڪانو ۾ لنديئن شين چوري ڪرڻ جي عادت آهي ۽ ولر ڪري دشمن کي ڊيڄارڻ جو فن ٻڻ. هڪ دفعي وهٽي جو ٻچو ٽالڳي هيٺان ڇيڇي ويو. ٻوءِ نه هڪ طرف وهين وني رودن راڙو شروع ڪيو، نه ٻئي طرف ڪانون جا ولر ان کي ٺونگا هڻي پورو ڪرڻ لاءِ اچي ڪٺا ٿيا. مان اهو تماشو ڏسندو رهيس. نيٺ سرڻ لامارو ڏيئي لاش کٽي ويئي. مگر ڪانون ڳچه پند پٺ نه ڇڏيس. جتي وهي الي ورايو وڃنس. تان جو هوءَ مدار ٻهاڙ طرف چوٽ چڙهندي نظر کان غائب ٿي ويئي.

جهرڪي آهي ته ننڍڙي ته ڏ جيڏڙي، مگر سگهه ساهس، اورچائيءَ ۽ محنت ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهي. جي هڄي ٻهرنکي ته هوند ڪنري ۽ بلبل کان به ٻه رليون سونهن ۾ سرس لڳي. ٻيو نه سڄو وقت اٿس اها چين چين ۽ ڦر ڦر. پاءِ ڪلاڪ مانند ڪري وهي ۽ ٺورو ٻولي نه لاشڪ پياري لڳي. ڏٺيءَ جيءَ ۾ ڪا اهڙي

ڏسبا آهن، جن جا نالا مونکي نہ ٿا اچن. هن ملڪ ۾ ٻيهر ۽ لنڊ ۾ ٿيندا آهن، مگر اهي وسنوَ ۾ پير ڪو نہ پائن.

اِنهن پکين مان ڪي نہ پالوي آهن، جي منڌائنو اچن ۽ منڌائنو وڃن. ڪن کي گرم خشڪ نہ ڪن کي سرد خشڪ هوا پياء پوي. ٻئي جي ماهيتن کان سواء، ڳهميل هوا تي هريل پکي سال جو گهڻو عرصو هتان پگهه پلاٽي ويندا آهن. باقي باز ۽ سرٽيون، ڪانو ۽ ڪبريون، جهرڪيون ۽ ڪبوتر وغيره دائمي آهن، جي لٽيءَ ٿڌيءَ جهڙيءَ ڦڙيءَ ۾ وطن سان الوداع ڪانہ ڪن. هوُ جتي ڄمن، اُتي مرن. جي:

قُل کايا اِس برکش کا، گندي کيني پات
ٻهي هماڙا ٿرم هئہ، جلين اسي کي سات.

پورٻي ڪوين ڪانگہ کي قاصد تصور ڪيو آهي. ڪوين جي ڪلپنا جو بہ ڪاٿو ئي ڪونهي. جتي اچين اُتي اُٿنو سٿنو ٿو پو وهايو ڇڏن. ورنہ هيءَ ڪو ڏيهہ ڏوريندڙ پکي ناهي. اڪثر جتي ڄمي اُتي مري. هن جهڙو نرلج ۽ اڙٻنگہ بہ ڪو ورلو ليکي. بالڪ جي هٿ مان گرهہ ڪسڻ تہ سندس مرڪ آهي؛ ٻر وس پهندي ڪنتي جي وات مان بہ گيهو ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪندو، ۽ ٿاڙ رکندو تہ اُهو ماني ٽڪر ڪٿي ٿو پوري رکي، جئن پوءِ پاڻ اهو ڪوٺي ڪيدي. ڪائي بہ سگهي. هوشن ٿا ڪي

ڪٽنب پرِوار سميت براجمان آهي. اُهو بسنت پڇميءَ جو سمو هو، جڏهن گل گونچ ڦٽڻ لڳندا آهن. هفتي بعد ڏٺم ته مورت هيٺان آکيرو کسڪندو ٿو وڃي، سو اخبار جو ڇهلو ڏيئي ڍاڪڻي هيٺ سوگهو ڪيو ماڻس. آس هيم ته پرسال جيان هفتي ٻن اندر ماءُ ٻچن کي ٻاهر ڪڍي پٽ يا کٽ تي ڦٿو ڪري اُڏامڻ سيکاريندي. مگر ٿورن ڏينهن پڄاڻا مورت وٽان ڌپ اچڻ لڳي. جاچي ڏٺم ته هوا ۾ تصوير جي لڏڻ سبب هڪ ٻچو چپجي ۽ ٻيو مري ويو آهي. باقي رهيا ٻه. مون آکيرو صاف ڪرڻ لاءِ تصوير لاٿي، ته اهي ٻه ٻه هڪ ٻئي ٽل سان اُڇل ڏيئي وڃي ٻاهر ڪريا. البت ايڏي سگهه ٻي ڪانه هين جو پرواز ڪري سگهن، سو پٽ تي ٿاٻڙيا ۽ ڪتو پڻ پنيان ڪاهي پيس. مون ڪتو ته پڄائي ڪڍيو، پر ڏيڪ ڏيڪ پڄاڻا ٻه ٻچا همٿ ڪري نه سگهيس.

منهنجي آسپاس ڪبوترن جا اکيچار ولر آهن. رهن جو ڙو جو ڙو ٿيءِ، پر سياري ۾ ٽڙڪي ٿي ۽ چوڳي خاطر حشام اچو مڙن. چوندا آهن ته ڪبوترن جي پرن جي هوا جهٽيندڙ کي ارڏنگ نه ٿيندو آهي. جاٽي جاٽ ٿهار. سنڌن لال ڪٽي اک ۽ آسماني رنگ، مٺي ماٺي هونگار، ۽ چا چوان؟ جمت چم نهايت دلپذير آهن. آءٌ ته ساڻن گهائل مائل ٿي ويو آهيان. انهيءَ ڪارڻ هوءُ بنا ڊپ ڊاءِ ڪمري اندر گهڙيو اچن، ۽ چوڳي خاطر منهنجي ٻانهن ۽ هٿ، پيٽ ۽ ڪمت تي ويهي نرم نرام نوڪا هٽي آگاه ڪن، ته اشراف

جنبش وڌي اٿس، جو سوير کان سنڌيا ٽائين اِها جيڪ
جيڪ ۽ اَڌ اَڌ هلندي اچيس. آهي به. اهڙي نرڳ
ڏيت، جو جتي ريڪ اچيس اُتي آشيانو اَڏي. ڇي لو
گهڙو اميرزادو آهين، جو مون جهڙي لڏڻ تي جهل پل
تو وجهين؟ وڃيم ته ڪوٽ جي ٻانهن ۾ وهان، ڪيسي
نُوس نُوس ڪريان، گهڙيال مٿان ڌڪل اَڏيان يا مورچ
پنيان آڪيرو. هن جڳه ۾ مون کي نه گهر ناهي ٺانئيڪو ٺي
جو اهڙو ئي حق آهي جهڙو توکي. مگر جي تو آءٌ ڇاڇي
نوبيءَ وانگر اُپديش ڏيانس جو هن مائي مک کي ڏنو
ته اي مومل مک، هن وشال جڳت ۾ منهنجي لڪ جي
لؤ ڪان پري موڪرا ميدان پيا اٿيئي جتي وڃي بافرح
آرام سان ويهه، ۽ خواه مخواه منهنجي حد اندر دخل ڏئي
منهنجي شخصي آزاديءَ ۾ وگهن نه وجهه، نه خاطري اٿ
ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري ڇڏيندي. سچ پڇو ته هن ٻندي
کي جهرڪين ايڏو ستايو آهي، جو دل تي چوي ته هي
ڪنئيا سنڌن سپرد ڪري جهنگ منهن ڏئي وڃان. ه
دفعي منهنجي مرضيءَ خلاف هڪ جهرڪيءَ ڪٽ سامهو
ٽيپسٽريءَ جي مورت لئي آکيرو اَڏيو. پهرين س
چانيون ۽ ڪندا ڪٺي آئي ۽ مٿان سڪل پنن جو
کپائين. پوءِ پشم جهڙا لسا نرم سهڻا ڪنيڙا ڪٺي اچي ب
ناهيائين. ڪل ئي ڪانه پيم ته ڪهڙي ڏينهن آنا لاٽا
مگر ٽن چئن هفتن اندر مورت پنيان چين چين ۽
مان سمجهيم، ته ماشا الله هن ڪنئيا ۾ به ڪا گهر ڌ

مٿان رکي ڇڏي اٿم، جنهن ڀيهر اُٿي ڌرٻو نه مارن. البت ائين آهي نه اڃا به آهو ڪونه ڀليو اٿن، ۽ اتفاق سان لڏٻي جي شيشي اڳيان ڦرڦر ڪري ٻيهر ڪپائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. ڀل ڪن. اڃا به منجهن اهڙو سويو ڪونه ساماڻو آهي، جو اهو طلسم ڀڃي مومل جي ماڙيءَ تي قبضو ڪري. مگر اها ڪا خوشيءَ يا فخر جي ڳالهه ناهي. هنن لاءِ اهو آهي اُهنج ۽ مون لاءِ مجبوري. واقعي ويچارو اِنسان آهي مجبوري ئي مجبوري!

—ہوہ—

چار لڳا آهن اڃا ڇوڪرو ڇو ڪين آندو اٿيئي؟ آءٌ جوئر
ڪٽا جاري لئي لڪائي رکندو آهيان ته ڪامت نه لڳين، سو
آنا ڪاليءَ پڇاڙان اَن ڏيئي پاڻي پيار يندو آهيان. مان سمجهان
ٿو ته هوُ مونکي اهڙو ٿا ڀائين، جهڙو آءٌ ڪين ڀائيان ٿو.
انهيءَ ڪارڻ نه ڪي آءٌ مٿن ڪو اهڃو ٿو ڪريان، نه ڪي
هوئي اڃايو هرڪو ٿا هارين. آڃا ٻاڃا آهيون. مگر هڪ
شڪايت اٿم. سا هيءَ، ته هوُ جاري لئي رکيل ڪتابن مٿان
هواه پٽ لئي وڇايل غاليءَ لئي ونيون ٿا لاهين ۽ سڪل
ڪانيون ڪمري ۾ ڇڏي ٿا وڃن. سچ ته اُهي ونيون
گويا جنيون آهن، جي برداشت ڪرڻيون ٿيون پوون.
اسان جي اباڻي گهر ۾ ٻه ڪبوتر هئا. منهنجو پتا ۽ ڏاڏو
سندن لاءِ پاڻي رکندا هئا. مگر اهو گهر هو ننهو ڪشادو،
جنهن جا شهتير ۽ روشندان ڪافي مٿي هئا. هتي جا ڪمرا
آهن ننڍا ۽ ڇتيون هيٺيون جاڙن جي رهڻ لائق، جنهن
ڪري ٿو روئي گند گهڻو ٿو پئي. ٻيو ته هوُ پٽ لئي
گهڙيال مٿان دابو ڄمائڻ ٿا چاهن، جا واقعي اُره زوراوري
آهي. هڪ دفعي سوُر ٻي چشم پوشي ڪيم ته الي آنا
لاٿائون، جن مان چوزا ٿيا جن جي وڏي ٿيڻ ۾ ٻه مهنا
لڳي ويا. جيڏي مهل سندن ماءُ پيءُ هنن جي چهنب ۾
اڇي چوڳو وجهندا هئا ته دل ۾ ڏڙڪ اُلپن ٿيندي
هئي، ۽ اڪه بي اختيار گهڙيال ۾ وڃي ڪپندي هئي ته مٿان
پٽ لئي ڪري ڇيهون نه ٿي پوي. شڪر جو اهو
وقت به خير سان لنگهيو. هاڻ ته دفتريءَ جي پيتي گهڙيال

هائو، اِهي ڪم ڪاريون، ڏک ڏوجهرا، خفت خوض پاسيرا رکي، اچو ته تاراڳڙهه جي ڏکڻ اولهه طرف اُسهون ۽ اِندر ديوتا جي سنڌڪن جيان پهاڙ جي گردن تي سوار ٿي آسپاس جي پڙتال ڪريون.

تاراڳڙهه، جنهن جو مغرور گردن نيزي جيان اُڀ ۾ ڪڍيل آهي، تنهنجي اَجهي ۽ اوٽ ۾ اولهه طرف سُورج جي ڪرڻن کان لڪل، اَڻڇپال ۽ ڇونوند ڏونگر جي پاڪر ۾ لپيٽيل، هڪ ننڍي سهڻي سبز ماٿري آهي، جا هڪ هنڌ ڪاريهر جيان ڦڻ ڪڍي، باقي جبل جي وچ ۾ ور وڪڙ ڏئي ونگجي وئي آهي. انهيءَ ماٿريءَ جي ڏکڻ اوڀر طرف هڪ سوڙهو لڪ آهي، جنهن ۾ جبل جي پاسرين مان پاڻي پيو نمي ۽ هڪ سنهي لهر بڻجي ڇپن ۽ گهارن مان ٽڙندو ٽاٻڙندو اڳتي رڙهندو پيو وڃي. مٿان اوچا هيبت ناڪ ڪَرڙا آهن، جي ڪروڙين ورهيه اڳ ڀُوڪمپ ٽوڙي جدا ڪيا آهن، ۽ هينئر به اهڙا سالم ٿا لڳن، جو ڀيهر پاڪر پيڙا ڪجن ته هوند هڪ ئي جبل ٿي پوي. ڪن هنڌ ته ڇپون پهاڙ مان اِنڊرو ٻاهر لڪيل آهن، جو پاڻ ۾ ته اڇو ٽيون ڪرن. ماٿريءَ جو پيچرو ڏنگو ڦڏو، ڇپن ڪن پرڀل، نهر وچان ۽ پهاڙ پاسان اَروڙ جيان سرڪندو وڃي ٿو ۽ هلڪيرو ئي آواز گجندو گونجندو، رلندو رمندو لنگهي ٿو. بنسري يا ساز جو آواز بريو مٺو ٿيندو وڃي ٿو، مگر رڙ واڪو بارود جيان ڌڪاو ڪري ٿو. هتي

ڏُور چَشمو

اُجمير ڪهنو قديم شهر آهي، جهنجي خاڪ سوُرمن جي رت ۽ سنتن جي ابلاڪائن سان رڱيل ۽ پٿر سمرائن جي شاندار ڪارنامن سان اُڪريل آهن. هن پولر يوم جي ڪنڊ ڪڙڇ ۽ گلي ڪوچي ۾ جو رنگين اِتهاس سمايل آهي، سو جي سنيما جي رمڻيڪ چتر جيان روشن ٿي پوي، ته لاشڪ هي نگر نهايت دلپذير ۽ درس آموز ڏسڻ ۾ اچي، ۽ اسان جي ايوڳي ۽ بدمزي زندگيءَ ۾ ڪو لطف ڪو ذوق، ڪو اُمنگ ۽ اُدماد موجزن ڪري. الهيءَ ڪارڻ اچو ته هن وقت جڏهن جبل تي ڪارن ڪڪرن جا ڪافلا اچي لٿا آهن ۽ چؤطرف وڄن جا چلڪامن ۽ آسماني توبخاني جا ڪڙڪاٽ ڏسائن ۾ ڏهڪاءُ پيدا ڪري پرڪرتيءَ جي پربل شڪتين جو اظهار ٿا ڪن، تڏهن سارنگ جي شادماني ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ هلي اراوليءَ جي اُرهه پيڙا ٿيون:

"ادبون مون کي ڪاله جهلي
هرڪا پاڻ پلي."

۽ انسان دوست بزرگ هو. سندس مارگ ۾ گيان ۽ ڀڳتيءَ جي ملاوت آهي، جهڙي هندستان ۾ جيڪي به بزرگ درويش ۽ اوليا ٿي گذريا آهن، تن ۾ حضرت خواجه صاحب جو رتبو اعليٰ ترين آهي. هن جي مراد سڀني مذهبن کي ملائڻ ۽ ماڻهن ۾ ايڪو آڻڻ جي هئي. اجمير ۾ اچڻ پڄاڻا سندس گهڻو وقت ذڪر فڪر ۾ گذرندو هو. سندس رهڻي ڪهڻي نرمل ۽ اوجل هئي ۽ سادو ڪپڙو پائيندو ۽ سادو کاڌو کائيندو هو. ان وقت هاڻوڪي عاليشان درگاهه، جنهن جي وچ ۾ مقبري جي گنبذ تي سونو تاج آهي ۽ آس طرف به بلند دروازا، سانهيل ڏ هئي. پهاڙ جي جهول ۾ چشمي ڀرسان ڪچي عمارت ۾ هي درويش پنهنجي عيال سميت رهندو هو. چون ٿا سنانوي ورهين جي ڄمار ۾ ڇهن ڏينهن جي لڳاتار سماڌيءَ ۾ لين هوندي پراڻ تياڳيائين ۽ انهيءَ ساڳي هنڌ تي کيس دفن ڪيائون. سندس دختر جمال بيبي به شايد سندس جيتري ئي تارڪ ٿي هئي ۽ سندس ڪٽيا پڻ انهيءَ قديم زماني جو يادگار آهي.

پرٿوي راج چوهاڻ جي زماني ۾ اجمير راجپوت سنا جو مکيه مرڪز هو. پرٿوي راج جي راج گدي هتي ئي هئي. هونئن به اجمير راجستان جو دل آهي. جهڙي هن ملڪ جي هندو مسلم حاڪمن جي تاريخ هن ڀوميءَ سان ڳنڍي پئي آهي. اوائلي هندو راجائن کان پوءِ هن شهر کي اڪبر بادشاهه خاص اهميت ڏني، جو تخت تي وهڻ پڄاڻا تقريبا هر سال خواجه صاحب جي مزار جي زيارت

پوپٽ جام آهن ۽ پوپٽن جهڙا جيت، جي عين جيت وٽان جهڙا لڳن ٿا، سي گلائيڊر جيان هلڪي هوا جي لغزشن ۾ لڙهندا ڏسجن ٿا. نهر جي سرد ۽ شفاف پاڻيءَ ۾ ڪٿي ڪٿي ڪيڪڙا به ڏسبا آهن، جي خوش خوراڪين لاءِ لذيذ لقمو آهن. ڪٿي ڪٿي وڏراهه به آهي ۽ لنگور پنهنجي عادت انوسار وڻن تي پيا ٽپڻ ڏيندا آهن. نهر جو پاڻي چشمن مان وهندو وڃي تلاءَ ۾ ڪرندو ٿي. اهو تلاءُ ٻن اُتاهن ٽڪرن جي وچ ۾ آهي ۽ اوپر طرف سيمينٽ ڪانڪريٽ جو بند بڌل اٿس. انهيءَ شاهي بند جي هن پار باغات آهي، جهڙڪي انهيءَ تلاءَ جي سيمي مان رهي ايندو آهي. انهيءَ هنڌ جو نظارو به واقعي قدرت جي انهن گهڙيل نقش بنديءَ جو عمدو ورق آهي.

هن وقت انهيءَ ماڳ کي ”آنند وڏس“ (Happy Valley) ٿا چون. اصل ڪهڙو نالو هوس يا ماڳهين بي نام هئي، تنهنجو پتو ناهي. چون ٿا خواجه معين الدين چشتيءَ جي نياڻي جمال بيبي سنساري سنبنڌ توڙي، هتي اچي گوشه نشين ٿي هئي. اها ڪٽيا اڄ تائين موجود آهي. خواجه صاحب سلطان التمش جي دور ۾ هتي آيو هو. هو اصل هرات طرف چشت ڳوٺ جو رهواسي هو، ۽ هتي وارد ٿيڻ کان اڳ عرب، ايران، افغان ملڪن جو رٽن ڪري علم معرفت (اڌيانمڪ گيان) جي تحصيل ۾ اوچ پدوي حاصل ڪئي هئائين. هو حضرت عبدالقادر جيلاني جي صوفي طريقي جو پيرو هو ۽ نهايت نيڪ دل، خدا ترس

اولهہ ۾ ناگہ ٻهاڙ جي لنبي ڏيوار ۽ اوپر ۾ وڻين وارا ڪرڳ، ٿي انهيءَ آستان کي دلپذير بنائن ٿا. پر ۾ شاهي درختن جي ڇايا ۽ دولت باغ جي گلزاري ۽ پاڻيءَ جي هن پار ڀڄلي ٻنين جهون سروُن، جي ٻامڻ اونده ۾ لڪيترن جهڙيون ڏسبيون آهن، سي ٿي هن درشيہ جي دل-آويزيءَ جو باعث آهن. خاص ڪري صبح ۽ شام جو اوجل جل جي آرسيءَ لي سونهري ڪرڻن جي جهرمر وچم ناگہ ٻهاڙ جو نيلگون پاڇو ۽ هلڪي هير ۾ لهرن جي لق لق، خواهہ ماهيخورن جا ولر ۽ پکين جا گلر ڪنا ساگر کي اها رونق بخشن ٿا، جا ورلي ڪنهن جڳهہ تي هوندي.

مگر اسان نُور چشمي جي ڳالهہ ٿي ڪئي. انهيءَ هنڌ جهانگير هڪ عمدو باغ، چشمو ۽ ديوان جوڙايا هئا. پر ۾ شڪارگاهہ ٻڻ هو، جهنجو محل زبون ٿي ويو آهي. هن وقت اُن جو فقط بنياد ۽ ڪمان قائم آهن. اهي اندر ڪوٽ جي ٻٽ ڪان ٻهاڙيءَ جي چوٽ تي ماڙيءَ جي الر طرف آهن. ٻهاڙ جي اوپر طرف لڪ وٽ ٿلهو ٻدل آهي، جهنجي پاسن کان دالان هئا. ٿلهي جي ٻر وٽ شاهي چشمو هوندو هو، جو سمي ٻڇاڻا ٻڇي پري ويو آهي؛ مگر ان جي پر واري پٽ تي اُڪريل لفظن مان الومان لڳائجي ٿو، تہ انهيءَ هنڌ کي نُور چشمو چوندا هئا، ڇاڪاڻ تہ جهانگير بادشاهہ جو اصلي نالو نُورالدين هو. انهيءَ هنڌ، جتي ٻهاڙ اوچي ڳامٿ اُيو آهي اُتي ٿلهي ٺان ڪرندڙ آبشار جي ڳڙڳڙ ۽ ڳجي، باغ جي ڦوهارن جي جهرمر ۽ ٻوپٽن جي جهمر،

ڪرڻ لاءِ تشريف فرمائيندو هو. هڪ دفعي ته آگري مان
اجمير پيرين پنڌ آيو هو، جاڪاڻ ته پٽ ڄمڻ لاءِ اهڙي
سکا باسي هئائين. اڪبر بادشاهه ٿي خواجه صاحب جي
ڪچي قبر پڪي ڪرائي ڀر ۾ شاهي مسجد ٺهرائي، جا
اڄ تائين قائم آهي. اڪبر جي وفات پڄاڻا جهانگير ۽
شاهه جهان به انهيءَ مقبري جي زيارت ڪرڻ ايندا هئا
۽ چؤماسي جا به اڍائي مهنا هتي گذاريندا هئا. شاهه جهان
اَنا ساگر جي رمڻيڪ آستان تي سنگ مرمر جا حمام، حوض،
آرام گاهه ٺهرايا ۽ درگاهه ۾ شاهي مسجد پڻ، جي ڏسڻ
لائق آهن. البت انهن جي اوچائي ايڏي ڪانهي جيڏي
اڪبر بادشاهه جي جوڙايل مسجد جي، مگر اڏاوت ۾
سفيد سنگ مرمر ڪم آندل آهي، ۽ پيلپاون ۽ ڪمانن
خواهه چبوترن جي بيهڪ مان مغل زماني جي سنگ تراشيءَ
۾ صنعت گري ۽ حاڪمن جي بلند معيار زندگي خواهه
فطرت دوستي ۽ حسن پرستي عيان آهي. اَنا ساگر جو پاڻي
چؤماسي ۾ برسات جي گهاٽ وانگر اوسار لهندو چڙهندو
آهي، بلڪ ڪڏهن سڪي به ويندو آهي؛ جاڪاڻ ته
ڪشمير ۾ جتني تال جيان هتي جي پهاڙن تي برف ڪانهي،
نه ڪي هن هنڌ پشڪر جيان ڪو پاتالي پاڻيءَ جو چشمو
آهي. دولت باغ جي ٽڪرين وچ جو کال آهي، الي
پڪو بند ٻڌي، ناگ پهاڙ ۽ آسپاس جي ڏونگرن مان
لهندڙ برساتي سيلاب کي اڳتي وڌڻ کان روڪيو اٿن،
جهنگري هڪ هتراڏو ڍنڍ ٺهي پئي آهي. درحقيقت

ٿي گولا باران ڪري عارضي فتح يا شڪست حاصل ڪئي. مغلن جي زماني ۾ ڪجهه قدر امن امان هو، ڇاڪاڻ ته ان وقت اجمير هڪ وڏي صوبي جو مرڪز هو ۽ فوج وڏي انداز ۾ رهندي هئي. سندن زماني ۾ جا مکيه جنگ لڳي سا هئي دارا شڪوه ۽ اورنگزيب جي وچ ۾. دارا شڪوه جو لشڪر اندر ڪوٽ پٺيان پهاڙ جي چوٽي تي ٽاراڳڙهه ۽ ڪوڪلا وچ ۾ هو ۽ اورنگزيب جو چار ميل پري ديورائي وٽ. ٽي ڏينهن ڇتي جنگ لڳي ۽ آخرڪار دارا شڪوه گجرات طرف ڀڄي ويو. هڪ خيال کان انهيءَ جنگ مغل خاندان جي قسمت جو فيصلو ڪري ڇڏيو، ڇاڪاڻ ته اورنگزيب جي فتح مغل حڪومت جي بنيادي هندو مسلم پالسي - خاص ڪري راجپوتن سان شراڪت ۽ همسازي جا اڪبر جي تدبير جي ڪماليت هئي - ان ۾ ولولو خير تبديل آندي، ۽ خود اورنگزيب جي حياتيءَ ۾ مغلن جي پائماليءَ جو باعث بڻي. مغلن کان پوءِ راجپوت، مرهٽا، انگريز اجمير جا والي بڻيا، مگر مٿين ڏکدائڪ واقعي کان پوءِ هنن هي سڪدام تباهي ڇڏيو؛ ۽ سڀي ڏڌرلدي برسات ۽ هوا ۽ اُس جهانگير جا چشما سڪائي، باغ اُجاڙي، محل ۽ شڪارگاهه زبون ڪري ڇڏيا.

ڳُولجتي ٿي جن کي ڏنڪي سي زمين و آسمان
چپ پڙي هئن قبر ۾، اب وهان ڪڇ ڀي نهين.

هينئر رڳو راءِ مالديو مارواڙيءَ جا ٺهرايل پاٽيءَ چڪرڻ لاءِ پيلهاوا بيٺا آهن. باقي جهنگ لڳو پيو آهي، جتي ڇپرا

گلاب ۽ چنبيليءَ جي سرهاڻ ۽ سر ٻلن ٻکين جي لائين وچ ۾
هي عياش ۽ عاشق جيڙو پنهنجي حسين ملڪه نُورجهان
سان رهاڻ ڪندو هو. الهيءَ باغ جا گل ڦل ۽ انگور
ديس ديسانتر ۾ مشهور هئا ۽ عطر لڇوڻڻ جو فن ۾ اول
هتي ئي ايجاد ٿيو. چون ٿا هڪ ڏينهن نُورجهان جي
نگاهه وڃي حوض ۾ سٽپ جي قطرن تي پئي، جي ترلدڙ
گلابي گلن مان طبعي ريت لڇوئجي لڪتا هئا. هن اهي
عطر جا قطرا ڪنب سان ڪٽي سنگهيا ۽ اهڙي طراوت اچي
ويس، جو ان پڇاڙيءَ الهيءَ املهه وٿ جو قدر ڪري انکي
مشهوري ڏنائين. نُورجهان جي قبر لاهور جي پر ۾
راوي نديءَ جي ڪنتي تي آهي ۽ ان تي هي شعر
لکيل آهي:

بر مزارِ ما غريبان، نه چراغي، نه گلي
نه پر پروانه سوزد، نه صدائي بلبلي!

اجمير جي سرسبز واديءَ نه فقط شاهن جي شان شوڪت
۽ جلال جمال جي لذت ورتي آهي، مگر خونريزي ۽
خصومت جو زهري پيالو پڻ انيڪ بار پيتو آهي. سنئينءَ
صديءَ ۾ جڏهن راجا اَجئپال اَجئه ميرو درگه جو پايو وڌو
تڏهن کان راجپوتن جي هڪ ٻئي سان چالنت هن زمين
کي سندن رت هڏي ۽ ماس جو پاڻ ۽ راڄ پي ڏنو آهي.
هندو سلطنت سمراٽ پرٿوي راج سان ختم ٿي. لهاپوءِ پٺاڻ
غوري سوُر مغل مرهٽا وغيره جيڪي به دهليءَ جي
تخت جا ڪالڪي اٿيا، تن اجمير ۾ جنگيون جوٽي لاراڳڙهه

باهبي

جڏهن آءٌ بي لغام هوس ۽ ٻچت پڻ، تڏهن سولهاري چرچگيٽ تي لهڻ مهل ڪل پنج روپيا کيسي ۾ هيم، جنمان ڏيڍ روپيو ”نور وطن“ ناٽڪ جي ٽڪيٽ ۽ هڪ آنو ٽرام لي ڀهرين رات ٽپي خرچيم، ۽ ڏهه آنا هڪ پارسي ريسٽارنٽ واري کي ٻوڙ مانيءَ لاءِ ڏنم. ناٽڪ تان موٽڻ مهل رات جو هڪ وڳو هو، جنهنڪري چوپاٽيءَ جي هڪ بينچ تي ڊگهو ٿي سمهي پيس. انڪل ساڍي ٽين بجي هڪ پوليس واري موڪي اتان اچي اُٿاريو. مگر ٻيهر هڪ بينچ تي وڃي سمهيس، ۽ سج جي ڪني ڪيڻ پڄاٽا شهر جي پرتال ڪرڻ اڪتس. انهيءَ سمي مرين ڊرائيو جون اوچون عمارتون ڪونه هيون، سو يونيورسٽيءَ ڏي ويندي ناريل جا ڊگها وڻ اَکه چڙهيم. مون ايڏا لمبوس اڳ ڏٺائي ڪونه هئا. سنڌ ۾ ڪڇيءَ جا وڻ ته جهجهائي آهن، مگر اهي ايڏا ڊگها نه آهن. انهيءَ ڪارڻ آءٌ اهي وڻ ڏسڻ بيٺس. ويرم ٿپي ڪانه گذري ته منهنجي پُر ۾ هڪ خالصو اچي بيٺو، ۽ چيائين ”بابُوجي، تمهاري ڪان

۽ باندر انسان جي ڪم عقليءَ ۽ ڪم بختيءَ لئي ويچارا ٿا ڏين. هن وقت اهي ڇيرا ۽ باندر ٽي الي جا باشندا آهن. شايد اڳ ٻه هٿا ۽ اڳتي ٻه هوندا. تهن هوندي ٻه هي انهاسڪ آستان ڏسڻ لائق آهي. فطري نزاڪت کا انساني خصلت کان گهٽ دلڪش ناهي. ازانسواءِ توهين جيڪڏهن اها ماٿري ۽ اهو لڪ انهاسڪ درشٽيءَ سان ڏسندا، ته الي جيڪي نيڪ ۽ بد ڪارناما ٿي گذريا آهن ۽ جن شخص هار ۽ جيت ٻه ڀهرو ورتو آهي، سي سنيما جي چترن جيان جاڳي اٿندا، ۽ توهان لاءِ ولدر ۽ سکيا جو باعث بڻجي پوندا.

—ہ٥ہ—

گهاٽ آهن. مگر سندس چيڙن ۽ پاسرين ۾ جي پهاڙ آهن
يا سمنڊ مان جيڪي ڏونگر سس ڪڍي بيٺا آهن، سي
اهڙا اوچا ناهن. واقعي هيءَ پوءِ آهي هڏن جو پڃرو،
جنهن تي ٿورو ئي ڪو گوشت چڙهيل آهي. سندس ساهه
۾ به ڪا سڳنڌ ناهي. گهميل هوا ۽ گُهٽ روڳي ۽ نستو
بڻائي ڇڏيو اٿس. سج جي تپش سندس نس نس مان
ايڏو پگهر چوسي ٿي ڪڍي جو اُپ جي پيٽ ۾ ڦڙو پئجو
وڃي، ۽ هوءَ گرڙ گرڙ ڪندي اوڪارا ڏئي ايڏيون اُلٽيون
ٿو ڪڍي، جو جل مٿي جا آثار پيا ٻکن. واقعي هتي
جي چؤماسي جو تار باقيت واري ساڙ کان گهٽ بڇڙو ناهي.
تنهن هوندي به اهڙي ڪا آهي هن ڏُئيپڪا ۾ ڪشش
جو ديس پرديس جا ڏاها ڏنگا، سٺوڙي ۽ نپٽائي،
مهالمائون ۽ مهنت، ڪنگال ۽ ڪروڙپتي، حقاني ۽
خشڪي، مفت خور ۽ مزور هتي اچو ڳاهت ٿين، ۽ هيءَ
ڀرو ڀُٽ هر ڪنهن تي پنهنجي مرڪ ۽ سرڪ جي عنايت
ڪندي اچي.

لاشڪ هيءَ ڪامٽي آهي نه آڳاٽي، مگر روُپ ريکا،
قد بت بدلجندو رهڻ سبب سدائين سهڻي ٽوورلي پئي
پاسي. هيءَ فقط اک جو فريب ناهي. جي رڳو هجي لٽ
شت ۽ سج ڏج، نه هوءَ قيام اهڙي سهڻي سگهڙي ڪين
لڳي. سندس جوڀن جي دائمي بهار نت نئين تعمير ۽
ساخت، ڀريو رتن ۽ اُٿل پُٿل سبب آهي. جيڏانهن نهار
ايڏانهن نيون عمارتون پيون اڏجن، نيون وستيون ۽

۽ پٽ پڙا ھئا، اجازت ڏيو تہ نڪال لوُن." مولڪي
هندستاني ايندي تہ ڪانہ هئي، مگر ڪن ۾ پٽ جو پئجي
وڃڻ ٻڌي آءٌ وسوڙ جي ويس. دل ۾ چيم پٽ آيو ڪٿان؟
ريل مان ٻاهر نهاريندي گهسي تہ ڪين ويو. مان اُن ٻڌڻ
۾ هوس تہ هن منهنجي ڪن ۾ اڪيلو وجهي گهڪو ڏنو،
جنهن مان سمجهي ويس تہ منهنجي ڪن ۾ برابر ڪنڪر
آهي. پوءِ هن اها پٽري ڪڍي ڪئي ٻاهر، ۽ چيائين تہ
انجي ڪڍائيءَ لاءِ هڪ روپيو ڏي. ڪن مان ڪنڪر
ڪڍڻ لاءِ اها ڪا ڳري قيمت نہ ڄڻبي. مگر مون وٽ
باقي ٻہ روپيا ٻيرهن آنا هئا، جن مان هڪ روپيو ڪڍي
ڏيڻ اؤکو لڳم. سو پير واري اسٽيشن جي ڪلوڪ روم ۾
رکيل بستري مان ساڍي ٽين روپئين واري ٿلهي چادر
ڪڍي ڏنيس مانس، ۽ هوُ خوش ٿي دعائون ڪندو ويو.
مگر مان اڄ ٻہ الهيءَ خيال جو آهيان تہ اهو پٽ نڪتي
سان پاڻ ئي منهنجي ڪن ۾ داخل ڪري ڪڍيو هئائين،
۽ آءٌ ڀالو ڀولو هئڻ سبب مفت چادر وڃائي ويٺس.

ٿهانپوءِ مون اها شريمتي ٻامبي ايڪ بار ڏٺي آهي.
سچ تہ اها قد جي ڊگهڙي ۽ لڙ جهڙي سنهڙي سانوري
ڏُنيپڪا جا آس پاس جي بيٺن بيتارين لـي لانگ
ورائيندي وئي آهي، ۽ ساموليدي سطح تي اِئين ليٽي
پيئي آهي جڻ ڪا ڪُمي ساهہ ڪڻڻ لاءِ ٽري مان مٿي
چڙهي اچي، سا هرگز وسرڻ جي ناهي. پرمان اوپر طرف

پر سندن عاجزيءَ جو ناجائز فائدو وٺي، گهٽي ۾ گهٽو لاڀ وٺڻ جي. ماڻهو ڳاٽائيءَ ۾ ناهن، پر ناڻو ڪمائڻ ۽ خرچڻ ئي حياتيءَ جو مول مقصد آهي. عام ريت ڪنهن به بستيءَ جي اڏاوت انهيءَ جي آبهوا ۽ ڪار ڪرت تي مدار رکي ٿي. مگر هتي پئسي بچائڻ لاءِ ڏ نامت پڻ فليٽس ۾ ٿي رهن ٿا، ۽ اڳيان ملبار هل وارا محل، جتي نويڪلائيءَ ۽ شانتي هئي، سي مدت خارج ٿيندا وڃن ٿا. واقعي اها انساني قلب جي سوس آهي، جو انساني گهرجن عيوض فقط پئسي کي اهميت ڏني وڃي. سچ ته هن وقت اُهي خانه بدوش، جي اَجهي نه هئڻ سبب آسمان هيٺ چوُپاٽيءَ جي ريتيءَ تي چادر وڇائي ليٽن ٿا، تن جي صحت بهتر آهي، ۽ پڻ قدرت جي نُورالي طبيعت جو لطف اُهيئي ٿا ماڻن. ليڪن اهي خواهه مخواهه معتبر، جن جي منهن ۾ سدائين سولڊ آهي، ۽ سمجهن ٿا ته هر ڪو ڪين ڦرڻ يا ٺڳڻ جي چنتا ۾ آهي جنهن ڪري نود جهڙي ڪل ۾ لڪي وڃن ٿا، سي ارمان لائق آهن.

تنهن هوندي به هن مُومل جو انگ انگ پالت جي هار سينگار، زيب زينت سان سجايل آهي. وڪٽوريا ٽرمينس ۽ چرچگيٽ اسٽيشن جي ٻاهرين رونق، ميوزم جو وڏو گول گنبذ خواهه ميونسپل ڪارپوريشن جي بصر جي گُنبذ جهڙي پڳ، تاج ۽ مئجيسٽڪ جي جڙت گهڙت، مٿ ۽ سينٽرل لئبرري جا گول پيلپاوا ۽ انيڪ عمارتن جي سبز سڊول هاٿي زيب دار آهن. واقعي اها فورٽ

ڪالونيون پيون نهن، ليون گوديون ۽ رفائينريون پيون ڄڙن، نوان ڪارخانا ۽ اسٽيشنون، آفيسون ۽ ڊيڙيون پيون وجود ۾ اچن. اها نوينتا ۽ نؤسازي ٺهي آهي، جا هن ڪامٽيءَ جو قدر قيمت گهٽجڻ نه ٿي ڏي. لاشڪ اهين عمارتن جا نيل ۽ برج، گنبذ ۽ ڪلنگيون، ستون ۽ ڪمانون يورپ جي گاٿڪ، رومئنسڪ، روڪوڪو وغيره جي ياد ٿيون ڏيارن، ۽ ود يا پون جي شوالي جهڙي پگڙي خواهه پيلپاوا، يا مرين ڊرائيو جا ولاس ۽ نواس، وهار ۽ سَدن هنن جي ڏيل ڏيا، رعب ۽ حشمت اهيان خسيس ٿا لڳن. مگر اهيون عمارتون برٽش سلطنت جي آڳاٽي شان جا يادگار آهن. انهن جي معمارن کي حاڪمن جي جان مال جي سلامتيءَ جي اون هئي. انهيءَ ڪارڻ هنن جيڪي اهڙا ڪوٽ قلعا اڏيا آهن، سي تقريبا جيل خاني جهڙا آهن. ڪمرا ڪشادا، ۽ ڇتيون اوچون، مگر اندر اهڙي اوندهه ۽ هوا جي اُفت، جو قلب ٻُوساٻبو ۽ روح گُهٽبو وڃي. هاٽوڪيون ڄڳهيون آهن هڪ لنبي ۽ اُنا هين ميز جهڙيون، جنهنجي خانن ۾ آفيسون ۽ گهر بند پيا آهن. اهي پڇرا لوپ ۽ هبچ جي پيداش آهن. ڇتيون هيٺ، ڪمرا ننڍڙا جامڙن جي رهڻ لائق. ٻاهر لسو، اندر ڳتيل. البت وڏيڪ روشن ۽ هوادار آهن. مگر منجهن ايڏو سهڻ ناهي، جيڏو موجوده هنر ۽ علم آسانيءَ سان ميسر ڪري سگهيٽو. سيمٽ جي مراد ماڻهن کي سکيو رکڻ جي ناهي،

پورچوگيزن هيءَ لنڊي بستي انگريزن کي ڏاج ۾ ڏني،
لڏهن خواب خيال ڪونه هون، نه اها سڄي هندستان جي
برک منڍي ۽ هنري ڪيندر بڻبي. مرهٽن به رڳو انهيءَ
کي لٽڻ جي ڪوشش ڪئي. مگر انهيءَ بستيءَ کي وڌايو
ويجهايو انگريزن، جن جا يادگار مجسمن ۽ ڪاليجن، آفيسن
۽ اسٽيشنن، بئنڪن ۽ ويمي گهرن، عجائب خانن ۽ هوٽلن
مان نمايان آهن. انگريزن جو نه فقط انهن پٿرن ۽ عمارتن،
پارڪن ۽ رستن تي ٺپو لڳل آهي، مگر اسانجي بول چال،
ڪاج پوش، قاعدي قانون وغيره تي به سندن ڇاپا پيل
آهي. اهي اثر سياويڪ آهن ۽ اسان جي مرڪب تهذيب
۽ قومي اتهاس ۾ خاصي جڳهه والارن ٿا. ڪن جو ويچار
آهي ته ڌارين حاڪمن جا مجسما اسان کي پنهنجي قومي
غلاميءَ جي ياد ڏيارن ٿا، جنهن ڪري ڪيڏي ڇڏڻ
گهرجن. مان انهيءَ خيال جو ناهيان. اهو ڪنهن بني بشر
جي وس ۾ ناهي، نه قومي تاريخ جا گذريل ورق بدلائي
سگهي. انگريزي سلطنت جي موجودگي اسان جي گذريل
اتهاس ۾ اهڙي ئي نوس حقيقت آهي، جهڙي مغل سلطنت
يا موريه ۽ گپت حڪومت. هاڪ انهيءَ سلطنت جو اثر
اسان جي جيون تي گهڻو گهرو پيو آهي. لاشڪ انهن اثرن
مان ڪي چڱا آهن نه ڪي برا. اِها چڱائي لڳائي جيون
جي اوج جون لنڌون آهن، جن بنا ڪيڙي جي اُٿت
بهي نه سگهندي. ڪابه قوم پنهنجو ماضي ميٽي نه ٿي
سگهي. انهيءَ ڪارڻ رڳو اهي پٿلا ڪيڏي ڇڏڻ سان

ايريا، ٽيلرڊ پيڊر ۽ اليگزينڊريا ڊاڪس، مرين ڊرائيو ۽ پام اوول، ڪولابا ۽ اپالو، چوپاٽي ۽ ملبار هل ڏيک ويک ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهن. ٽڪبي ريڪليميشن ليءِ به جي نوان مڪان ٺهيا آهن، لنجون صفون عمديون ٿيون لڳن. اسٽينڊرڊ آئل ڪمپنيءَ جي بلڊنگ جو نوع نرالو آهي، مگر ٽيين چرچگيٽ اسٽيشن ته اُهي ڪوڪي جهڙي پيئي لڳي. برنبورن اسٽيڊيم آهي ڪافي ڪشادو، مگر ان جو اندر، نه ڪ ٻاهر ڏسڻ لايق آهي. باقي هند سرڪار جون آفيسون آهن ڪوٽ قلعا، جي شهر کان ٻاهر ڪنهن خاص ايراضيءَ ۾ هيٺ گهرجن، جنهن سوڙهه به گهٽجي ۽ هند سرڪار سان تعلق رکندڙ سيئي ڪم هڪ ٻئي هنڌ ڪري سگهجن. هن وقت اپالو کان ملبار هل تائين جيڪا ايراضي آهي تنهن ۾ هر ڪو ڳاهت تيڻ تو گهري، چاڪاڻ ته واپار جا وڏا مرڪز ۽ سرڪاري آفيسون اتي آهن. ڏيک ويک، رنگ رونق به اليٽي جهجها آهن. مگر جيڪي هوا خوري ۽ آسايش لاءِ پارڪ ۽ سامونڊي ڪنارا هٿا، سي وڌيل آدم لاءِ ڪافي ناهن. خاص ڪري فورٽ ايريا ۽ ڪولابا ڳتيل آهن، ۽ انهن لاءِ انڊيا گيٽ وارو ننڍڙو ڪنارو خواهه ميوزم جا پارڪ ڪافي ناهن. مرين لائينس کان ملبار هل تائين وارياسي ڪناري کي به سنواري سڌاري سگهجي ته ۽ سڌارڻ گهرجي، چاڪاڻ ته بامبي جي رونق گهڻي قدر انهيءَ سامونڊي نيم قطر تي مدار ٿي رکي.

بامبي وڌندڙ خواهه اڻ وڌندڙ سمرلين جو شهر آهي. جڏهن

هڪ جهڙائي ۽ يڪسانگي ٿا آڻن، جو اهي شريمان ٽاٽا ۽ پيٽٽ، والا ۽ شا هڪ ٻئي کان جدا ڪرڻ مشڪل ٿيو پون. چوپاٽيءَ تي لوڪمانيہ تلڪ ۽ ويٺل ڀائي پٽيل جا پتلا پڻ واريءَ تي ويڳاڻا پيا لڳن. هو نہ ڪي رستي ڏي ٿا نهارن نہ ڪي سمنڊ ڏي- ٻلڪ هڪ ٻئي کان منهن ٻہ موڙي ويٺا آهن- ڄڻ نہ گجراتين ۽ مرهٽن جي خصومت جي اڳواٽ ٿي ڄاڻ اٿن. جيڪڏهن انهن ٻن شرومڻين ۾ ڪا هڪ جهڙائي آهي تہ اها، جو واريءَ تي اُت ٿيو ويٺا آهن ۽ مٿي تي ونين جا انبار ۽ ٻت تي انهن جون چانئون جمي ويون اٿن. سردار ولڀ ڀائي ۽ ريس ڪورس طرف لن ٽنها ڪانگہ ويٺو اُڏائي، ڇاڪاڻ تہ انهيءَ طرف نہ ڪي ڪي يادگار آهن، نہ ڪي ياد ڪرڻ جهڙن ويڪتن جا پتلا. اسانجي ماڻهن درشيہ چترڪاري Landscape Painting جي ڪلا ۾ خاص ترقي نہ ڪئي آهي. هوندن ۽ سوراج جو سوڀيا سان ڪو تعلق آهي، سو ڪو ورلو ئي ڄاڻي، جنهن ڪري هرجا وڃن ٿا بنا تميز جڳهيون ۽ ڪارخانا، گهر ۽ آفيسون ڳاهت ڪندا.

اهي نہ ٿيا استول مڪان ۽ مجسما! مگر جي ڪو انتر درشٽيءَ سان ٻامبي جو درشن ڪري تہ ڇپي ڇپي تي افضل انسان ڏسڻ ۾ ايندس، جن جيون جي ٽرالن ڪيترن ۾ ڀاڳ موڪيو ۽ ديس جاءِ جو مان اوچو ڪيو. هندستان ۾ ڪو اهڙو ڌرماتما ۽ ودوان، اڳوان ۽ ڪلاوان ٿيو نہ ٿي ڪولهي، جنهن هن امبا ديويءَ جي چانئٹ نہ چمي هجي.

اسين پاڻ کي ڪم عقل، تنگدل ۽ ڪلڙ هاب ثابت ٿا ڪريون، جو هڪ آزاد ۽ نؤخيز قوم جي شان وٽان ناهي. ازانسواءِ ائين ڪرڻ سان اسان کي ذرو به لاڀ نه ٿو ملي، بلڪ پنهنجو نڪ ڪپي پاڻ کي ئي بدزيب ٿا بڻايون. عجب نه اڳي جيڪي مهرشي سقراط ۽ افلاطون، وينس ڊميلو ۽ ائٿينا جا سهڻا سنگمرمر جا پتلا ميوزيم جي اڳ واريءَ ڪمري ۾ رکيل هئا؛ سي هينئر اوچتو غائب ٿي ويا آهن. ائين آهي ڇا ته مهرشي سقراط به هتي جو گورنر هو يا سرسوتيءَ ۽ ساوتريءَ جي وينس ۽ ائٿينا سان ڪا خصومت آهي؟ جن کي اهي شوڀنيڪ پرتمائون ڏسڻ سان اندر ۾ ويڙ ٿو پوي، سي واقعي ڪلا ۽ سوڀيا جا دشمن آهن. اهڙي قسم جي بيهودي راشٽريتا واقعي هڪ بيماري آهي، جنهنجو علاج ٿيڻ گهرجي. ٻامبي ۾ گهڻا پتلا پارسي ڏاتارن جا آهن، جن جي دان مان وڏيون اسپتالون ۽ پبلڪ هال، ڪلا ڪيندر ۽ مڇلي محل (Aquarium)، ناريءَ شالائون ۽ ٻيا آشرم، ڪالونيون ۽ اسڪول، پارڪ ۽ ونڊر گاه ٺهيل آهن. آزاد هندستان کي انهن جي پيروي ڪرڻ جڳائي. مگر مون پتلن جي ٿي ڳالهه ڪئي. بادشاهن ۽ گورنرن جا پتلا نه هوئڻ به رعب دار ٿيندا آهن. باقي ٻين جا پتلا هروڀرو ڪي اهڙا اثرائتا نه هوندا آهن. مثلا پارسي داني پرشن ۽ ڏاتارن جي مٿي ٽي جا بت ڪان ڪُڙتيل ۽ نراڙ وٽ اُٽ ٿيل ٽامڻ پڳڙي ۽ بت تي گلابند ڪوٽ آهي، سي تقريبا سيني جي شڪل ۾ اهڙي

ٻاون ۽ ٻانيڪن جا پوئلڳ، اهورامزد جا پوڄاري خواهه مسيح جا مهنت، ناستڪ ۽ آستڪ، ڪميونسٽ ۽ ڪانگريسي، سپائي ۽ سنگهي، ليگي ۽ رضاڪار، ويدانتي ۽ برهمو سماجي، بهائي ۽ ٿياسافسٽ، خود خيالي ۽ خارج خيالي، پراچين پرست ۽ ماڊرنسٽ وغيره- جن جي گفتار جا ٻه جملا هڪ ٻئي سان ٺهڪائي ٻڌائڻ لاءِ افلاطون جو ميڄالو کپي- سي ٻا امن ۽ ٻيا جنگ جهيڙي جي هن زمين ٽڪري تي رهيا پيا آهن، ۽ سندن شڪل مان اُهي اختلاف ڪو خير ٿــا ٻکن. هتي هرڪو آزاد آهي ته. کهڙو به وٺج وڪڻي، پوءِ اهو وکر ذڪام پيدا ڪري يا بدهاضمو، ته ان ۾ ٻئي ڪنهن جو پرپوجن ناهي. آخرڪار آزاديءَ جو مطلب ئي آهي ته هرڪو پنهنجي سياءِ انوسار پاڻ لاءِ ڪو مارڳ پيدا ڪري، ۽ ٻيا ڪو بي واجبي دخل نه ڏين.

البت ائين آهي ته هيءُ شريمتي اِتفاق سان ڪرال ڪايا اختيار ڪري، پوانيءَ جو روپ ٻڌجي سگهي ٿي. شل نه ڪتان ڪا ڇٽڪ اُڏامي ته اوچتو پنيت ۾ڇي پوندو، سيني ۾ خنجر ۽ پٺ ۾ ڇرو لڳندو، پيا راهه ويندي ڪوپرين تي پٿرن جو وسڪارو ٿيندو، ۽ غنڊا لوٽ مار شروع ڪري ڏيندا. اهڙا موقعا سال اڌ ٿين پيا. انهن مان زير زمين زوراورن خواهه بالادست شخص جي رسوخ ۾ چڱي اوج تي اچي. اها ماجرا فقط پيندي بزار ۽ محمد علي روڊ، پريل ۽ ڏاروي ٽائين محدود ناهي. شهر جي ڳتيل آنڊن ۾ جتي بخاريون غليظ دونهون ڪڍي زمين آسمان

هڪ وار توهين ايڪمنا تي هتي جي ڪنڊ ڪڙڇ، ڪپر
ڪنارو، بازار گلي گهمو، نه اوچتو ٽاريل ڇٽي يا گنبذ
جي ساية هيٺ ڪو نه ڪو شخص لڪري ايندو جو ڪنگال
مان ڪروڙپتي ٿيو، ۽ پڻ لهرن جي لڙ مان اهي آواز
ٻڌڻ ۾ ايندو جي ديش ڀڳتن ۽ سماج سڌارڪن، انقلابين
۽ ڪرانتي ڪارن پنهنجو قلب ڪوري اٽاسي انبوهه ۾
جاڳرتي ۽ جذبو آڻڻ لاءِ اُپديشن ۽ وياکياڻن جي صورت
۾ پيش ڪيا. هتي نه فقط اسان جي ٻڍڙي ۽ ڪبڙي
مهاتما، تلڪ ۽ لجپت، لهرو ۽ آزاد ٻار ٻار ليڪچر ڏنا
آهن، مگر ساهتيڪارن ۽ ڪلاڪارن، ودوانن ۽ آچارين،
هنرمندن ۽ سائنسدانن پڻ پيرڙا گهمائي شهر کي آبائتو
سيبائتو ڪيو آهي. توهين ڏسندا ته هڪ طرف دادا ڀائي
نوروجي، ملباري، ديارام جهڙا دراز ريش بزرگ گيان گوشت
۾ محو آهن، نه ٻئي طرف ڪرانتي ڪار سماج کي اُلٽ پلٽ
ڪرڻ جي چنتا ۾ غلطان آهن، ۽ هارنيمن، فيروزشاهه،
نريمان، بريلوي وغيره وچ جهلي بيٺا آهن. واقعي هن ملڪ
۾ ڪا اهڙي سنستا مشڪل ملندي، جنهنجي هتي شاخا
نه هجي، يا جنهنجي باليءَ هتي جي ماڻهن کي پنهنجي
مارگ ڏي ڇڪڻ جي ڪوشش نه ڪئي هجي.

هي شهر خفتين ۽ چرين جو به مرڪز آهي، جتي
هر ڪو اڌ مغزيو پنهنجي چريائيءَ سان کي داڻا ڪٺا
سولائيءَ سان پنهنجي ڪيسي اندر داخل ڪري سگهي ٿو.
ٿلهن هولدي به انهن مولوين ۽ مجاهدن جا مريد خواهه

جي داخلي خطرن کي ڪيڏي مهل به هيبتناڪ صورت ڏئي سگهن ٿيون. ازانسواءِ اوچتو باهه لڳي يا بجليءَ جو رشتو ٽٽي پوي ته ٿورن منٽن اندر پيالڪ گهٽنا پرگهٽ ٿي ويندي. اهڙي ريت ٻاهران ڪاڌو نه اچي يا گهٽ بارش سبب ٽانسا جو پاڻي سڪي وڃي ته جنسي ڪربلا مچي ويندي. جهازن تان بـ مال لهندي ڪي مٿل ڪوئا يا زهري جيوڙا گوديءَ تي پهچي وڃن، تـ پليگ، وبا، انفلوئنزا يا ٻي ڪا انڄاتل بيماري ماڻهن جي ماکڙ کي وڪوڙي ويندي. سمنڊ ۾ اهڙو هيٺو ناهي، جهڙو لهرن جي ٻي سؤد اٿل پٿل مان ٿو ڀاسي. شل نـ پيٽ ۾ ڪو ولوڙ پويس، ته اها ڪين جهڙي ڊ ٽيپڪا ڳرڪائي ويندو. ڏاٽ ڏيڻ جي ضرورت ئي ڪانه پوندس. اها ته ٿي قدرت جي طاقت. جيڪڏهن ڪو ٻيري جانور جو هڪ ئي ائٽم بم هيروشاما جي هستي مٽائي سگهيو، ته بامبي جي گودين گدامن، ڪارخانن ڪمپنين، وهارن ولاسن لاءِ هڪڙو هئڊروجن بم ئي گنج آهي. مطلب ته هيءَ شريمتي انيڪ داخلي خواهه خارجي خطرن جي لپيٽ ۾ پنهنجي هستي قائم رکندي ٿي اچي، ۽ ڪنڌ ٿي ڪاٽ هولدي به آهي بري وانگر بي خبر. اِها اَڄاڻ يا لاغرضي ئي آهي جا ڪُٽ خلق کي ڪرت ڪار ۾ مشغول رکي، شهر جي رنگ رونق ۾ ڪمي اچڻ نه ٿي ڏي. واقعي اِها اياڻپ سياڻپ کان ڀلي جا ماضيءَ جا مونجهارا ۽ آئينده جا وِسوسا

ڪارنهن جي غبار ۾ لپيٽيل ٿيون ڇڏن ۽ لوڪ ڪيئون
جن جي بالڪنين مان ليڙن ۽ رلين جا ڦرڪندڙ ڦاٽل جهنڊا
مفلسي ۽ اڻ هوند جو اعلان ڪري، ڪارنيل مهاڀڙن جي
شڪل جسم ۾ جوش، قلب ۾ ولولو ۽ اک ۾ سرخي آڻي،
سياسي شاهينگ ۽ داداگير، رهزن ۽ خوني، بي ڪار ۽
بدڪار لاءِ موڪرو ميدان مهيا ڪري گويا شهر جي گردن
تي شمشير ڪڙي ٿا ڪن، سي ٻڻ هنگامي ۽ هيجان جا
مرڪز آهن. هيءَ پراڻي هر روز موٽر جي ڦيٿن هيٺ
چيپاڻي ۽ ڪلن جي چڪرن ۾ اٽڪائي، يا فسادن ۽
مارامارين جي آنڌين ۾ گهوماڻي ڪيترن بي گناهه ۽ بي ضرر
ماڻهن جي جان جو ٻڪ ٿي وٺي. اڄ ڪافر مومن اٽڪندا
هٿا گانءِ ۽ گهنڊ تي، أزان يا بانگ تي. ميان جناح، جنهنجو
محل اڄ ۾ ملبار هل تي اوچي ڳامت ڪڙو آهي، تنهن اِها
ديني لڙائي گهٽائي ان عيوض پارٽين ۽ پاڪين وچ جنگ
لاءِ وسيع ميدان تيار ڪيو آهي، جتان خدانخواسته ڪنهن
مهل ۾ ممڻ مچي پوي. ٿهانپوءِ جا مهاراشٽر ۽ گجرات وچ
ڪشاڪش ٿي آهي، تنهن ٻيو نہ تہ هڪ وار ميان جناح ۽
سندس پاڪي أمت کي سرخرو ضرور بڻايو آهي.
ڏيکڏهن هرڪو أنهن ٻگهڙن جي پيروي ڪرڻ لڳي
تہ بامبي ۾ اينٽريون لنڊيون وڏيون جاليون ۽ انهن جا
جُت آهن، جو شايد گهٽي گهٽي پاٽيپٽ يا ڪروڪيتر بڻجي
پوي. مگر ڪمت خلق جي جنون ۽ پاڳل پڻي ڪانسواءِ هن
شهر ۾ هميشه اينٽريون شر انگيز شڪتيون موجود آهن،

جهلڪ لي مشتاق ٿي، پنهرين والگر بتيءَ لي اچي ٿيا آهن. هتي ڪامياب ٿيڻ لاءِ علم ۽ هنر کان وڌ انڪل شنڪل، چالاڪي چترائي جي ضرورت آهي، ۽ اڪثر سپت سچائي مان هڙ جو هرج ۽ ڪپٽ ڪوُڙ مان لاڀ. مان خود واپاري ناهيان. مگر منهنجا دوست جيڪي انهيءَ شغل ۾ پيل آهن، تن جو رايو آهي ته هتي جيڪو بنا کهڪاءَ بي جو گلو ڪپڻ ۾ پڪو هوندو، سوئي کٽي ڪمائيندو. هڪڙي نه هڪ همٿ بي همت مٿان ائين جهلي ڏيکاريو، جڻن ڪاسائي ران کپيندو آهي مڏي ڪاٺيءَ سان. پنهنجي سر هوُ ملوُڪ مڙس آهي. مگر اهو آهي سندس آزمودو. بي چيو جڻن پنبو ٽيپي ٽيپي ٿي ڏڪٽا گهرندو آهي، تئن هتي هر بول ۾ ڪوُڙ ملائڻو آهي. جيڪو انهيءَ فن ۾ ماهر هوندو، سوئي گوءِ کٽي ويندو. باقي بيا پوئتي ٿي وينا هجن يا چاڪري ڪري پيٽ پورائو ڪن. ٽين چيو يار، هتي مغز کپي، مگر تو وانگر ڪتابن لکڻ ۽ ليڪچر ڏيڻ جو نه. اهو ڪبير ديوتا کي موهت ڪرڻ لاءِ بلڪل بيڪار آهي. تون ڳالهاءِ ڪوُڙ ۽ هڻ سٽا، اندر هڪڙي باهر بي ڪر، نگهه سرڪار کي ۽ عام کي، پاڻ کي ۽ پائيوار کي، نوڪر کي ۽ مالڪ کي، پوءِ جي پاڳه ڏنه پيڙو نه دال ٿي پوندءِ سيرو. شينهن جي وات مان گره کڍڻو آهي. ان لاءِ ضرور ڪا حرفت کپي. هتي مرد نه چڏ، پر زالون به چارسؤ بيس آهن. اڳه چوندا هئا ته بامبي ۾ لاڳل هڏن کي سئون ڪندڙن جو عدد گهڻو آهي. هينئر انهن

ميساري، هلندڙ حال کي آبانٽو سيبانٽو ٿي ڪري. بامبي انجو زندهه مثال آهي.

درحقيقت بامبي سيٺين جو سورڳ آهي. هتي هرڪو ٽرت لونگر ٿيڻ ٿو چاهي. اڳي ڪي مارواڙي ٿي لوٽيءَ ۽ ڇوٽيءَ سان ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ پائيڻ ڪرندا هئا. لوٽي هئي قناعت ۽ هر قسم جي صرفه جوئي جي نشاني، ۽ ڇوٽي هئي بيرق جا پرپان آگاهه ڪندي هئي، نه انهيءَ ڪوپريءَ اندر واپاري حرفت ۽ پونجي پيدا ڪرڻ جي ڏاهپ جا انبار ڪنا ٿيل آهن. مگر هينئر ري لوٽيا ري ڇوٽيا به انهيءَ انوکي شغل ۾ ماهر بڻجي پيا آهن. هتي ڪئين اهڙا جيوَ ڏسبا جن جي ابي ڏاڏي کا خريد فروخت ڪانه ڪئي، سي همت ۾ سکڻي ٿيلهي کنيون پيا دڪانن تي ٺُوس ٺُوس ڪن، ۽ سرڻ وانگر لامارا ڏيندي ڪٿان نه ڪٿان گوشت ٽڪر جهپيو اچن. پيا جي گهٽ حريف آهن سي ڀهر جي ٽوڪرين خواهه سمنڊ جي واريءَ مان سون ڪڍيو اچن. ڪن جي ڪرت ٿي آهي فال وجهڻ، ريکائون ڏسڻ، ڀهتان ٻچڻ. ابوجهن ڪي اشڪال ۾ آڻڻ وارا به جهجها ٿي آهن، ۽ ڳوٺن مان آيل نوجوانن ۽ جوانڙين کي بدراهه تي آڻڻ وارن جا به ڪي گروهه آهن. هن وقت شراب نوشي گهٽ آهي، مگر انهيءَ ڌنڌي تي لڳندڙن جو عدد وڌيل آهي. جيڪي رواجي مزور ۽ ڪلارڪ، ماستر ۽ مڪانيڪ آهن، تن مان ڪيترا نه آجيوڪا لاءِ اچي ڳاهٽ ٿيا آهن. مگر گهٽيئي اهڙا به آهن جي شهري فلڪ

ڪرڻ ۾ مشغول آهن. انهن جي جيون ۾ سک گهٽ ۽
ٻگهر جو پورهيو وڌ آهي. هنن کي فرصت ئي ناهي جو
شاهوڪاري سرشتي جي ورن پيچن ۾ وڃن. تنهن هوندي
به صحيح آهي ته زندگي جي اخلاقي معيارن ۾ ڪسائي
اچڻ سبب مايوسي آهي. باقي بامبي، جيترا دانئي پرش
۽ لوڪ هتڪاري پيدا ڪيا آهن، اوترا ٻئي ڪنهن هنڌ
مشڪل ملندا. هنر ۽ واپار ۾ به هي شهر برک آهي ۽ ملڪ
جي مکيه صنعتي ڪارين لاءِ پئسو ميسر ڪري ٿو. مطلب
ته هر شيءِ جا ٻه پاسا آهن، جنهنڪري يڪ طرفي راءِ کي
ضرورت کان زياده وزن ڏيڻ واجب ناهي.

بامبي ۾ آمد رفت جا واهڻ ساراهه جوڳا آهن. گرچ حد
کان زياده آدم وڌڻ سبب خاص ڪري صبح جو ساڍي
ڏهين ٽائين ۽ پنجين کان نوين بجي ٽائين ڪافي پيڙ آهي.
اجا ڪارخاني جي سيٽي لڳي مس ته اليڪٽرڪ ٽرينس
ان کان اڳئي اڻ ڳڻيا حشام پليٽفارمن تي اوڳاريو ڦٽا ڪن.
ان وقت گاڏيون ۽ بسون، ڊبل ڊيڪر ۽ ٽرامون، ٽئڪسيون
۽ موٽرون ستيل هونديون آهن. ريل گاڏن ۾ پوري جاءِ
نه هئڻ سبب ماڻهو درن وٽ لڙڪيل ڏسبا آهن. شهر
جي اندرين رستن ۽ پلين تي گپاگيهه سبب رفتار ڍري
وينيدي آهي. انهيءَ ڪارڻ حادثا به جهجها ٿيا ٿين ۽
ڪافي وقت پڻ ضايع ٿو ٿئي. هينئر ڪيترن هنڌ ٽرئفڪ
سگنل آهن، ۽ اڳ کان پوليس وارا گهٽ ٿا ڏسجن. جاڻ
ناهي ته کهڙي سگهڙ ليروٽي چڊي ۽ جئڪيٽ ۽ پيلي

رستن لئي ٿورا ٿا ڪرن، مگر لسي ٻول چال ۽ ڏيک ويک
جو شڪار جهجها ٿا ٿين، اها چار سؤ بيس نه رڳو آفيس ۾
عدالت، ڪارخاني ۽ ڪمپنيءَ، سيٺ ۽ پلاوٽي، دلال ۽
ٻقال ۾ ڏسندين، مگر گروءَ ۽ چيلي، ليڊر ۽ جنتا، زال ۽
مڙس ۾ ان جو واسو آهي. لاشڪ اڳ به چار سؤ بيس هئي.
مگر آزاديءَ سيني ڪسي چار سؤ بيس ٻٽائي ڇڏيو آهي.
لنهنڪري جهڙو لڳي واءُ لهڙي ڏجي پٺ. تون ڏسين
نه ٿوله آءٌ اهڙو قابل ناهيان جو ڪتاب لکان، انجنير ناهيان
جو پليون ٻڌان، ڊاڪٽر ناهيان جو مريض چٽايان،
ائڊمنسٽريٽر ناهيان جو ڪاروبار هلايان، قاعديدان ناهيان
جو ججي ڪمايان، مگر پڪ جاڻ ته اِهي سڀئي جنسون
آءٌ خريدي سگهان ٿو ۽ مرضيءَ مطابق انهن مان ڪم ڪڍي
سگهان ٿو. ڇا ٿو ڀانئين؟ اهو ماسٽر آرٽ آهي، جنهن ۾
آءٌ پڙ آهيان. باقي ٻيا هنر ۽ علم، گيان ۽ وگيان آهن ئي
منهنجي حڪم جي پيروي ڪرڻ لاءِ.

مون مٿيان رايا انهن دوستن جا ڏنا آهن، جي پنهنجي
ڪرت ۾ ماهر آهن، ۽ ڪامياب پولجي پٽي آهن. لاشڪ
تصوير جو اِهو هڪ طرف آهي. اهو ممڪن ئي ناهي ته
لکين ٻچڙوال ۽ پورهيت چار سؤ بيس هجن. اهو شريمتي
ٻامبي سان نسورو انياءُ ٿيندو. مولڪي خاطري آهي ته هن
شهر ۾ اليک نيڪ اِنسان ۽ ست پرش به رهن ٿا، جن جي
ورتي سداچاري جيون ۽ لوڪ اُڌار ڏي مائل آهي. ڏهڻا
نه دال روٽي ڪمائڻ ۽ وهي ڳهي ٻچن جو قوت ميسر

اڄ ريل ۽ تار ملڪ ڳنڍي ڇڏيو آهي ۽ واپاري سهوليتون ميسر ڪرڻ مشڪل ناهن. واقعي اهي ڪارخانا ڪيڏي ٻاهر ڪٽي وڃن ته انهن سان لاڳو لڙڪ ڪنڀيون (Slums) ازخود غائب ٿي وينديون. هينئر شهر جا اهي آنڊا روڳي آهن. پسگردائي ۾ ٻه جيڪي جهڳيون ٺهن پيون سي اهڙيون سوڙهيون آهن، جو انهن جي ڳري مسواڙ وارن ننڍڙن ڪمرن ۾ سڄا ڪٽنب رهائڻ شهريت ۽ صحت جي ليمن جي ٻيخ ڪيڏي آهي. هڪ طرف سرڪار ٿي سوشلزم جي هام هڻي، ته ٻي طرف مسڪين منشيءَ جي پگهار جا ست ستر روپيا سيٺ ڪي ننڍي ڪمري جي مسواڙ ٻلي ڏياري، پونجي واد جي حمايت ٿي ڪري. اها اُلٽي چال ڪيستائين هلندي، جو غريب وڌيڪ غريب ٿيندا وڃن ۽ شاهوڪار وڌيڪ شاهوڪار ٿيندا وڃن، جنهن گذريل ٻارهن سالن ۾ ٿيو آهي. جڳائي ته سرڪار سڀ مڪان پنهنجي هٿ رکي مقرر مسواڙ تي ڏئي، ۽ جنهن هرهڪ ايريا ڪي مودي، پساري، درزي، حجام، ٻاڪ اسڪول، اسپتال، ريڊنگ روم وغيره پنهنجو آهي، لئن انهيءَ ايريا ۾ رهندڙ اڪثر شخص ٻه اهيئي هجن، جن جي پير ۾ ڪرت ڪار آهي. بامبي واقعي انيڪ بستين جو مجموعو آهي، ۽ هرڪا بستي جنهنجي ايراضي ٻن ٽن گهٽين تائين محدود آهي، سا پنهنجي ٻر زندگيءَ جون گهرجون پوريون ٿي ڪري. جيڪڏهن انهي جي باشندن جي ڪرت ڪار ته آسپاس جي ڪاريالين ۽ ڪارخانن ۾

پڳڙيءَ واري وردي ناهي. ڪارنيل مهاڳن لئي اهي رنگ نهايت بدزيب ٿا لڳن. اڃا اهي ڪچوس لنڊن سان عام جام رستن تي پيا چڪر ڏيندا هئا، مگر هينئر ريڊيو پرائول ڪارس (Radio Prowl Cars) ۾ گشت ٿا ڪن. چوڪسي رکڻ لاءِ اهو بهتر طريقو آهي، شهر ۾ زمين آهي ٿوري، جنهنڪري عمارتن ۾ ديگهه ويڪر کان اوچائي وڌ آهي. اهو آسمان تي قبضو لائو ناهي. مگر هتي ڪارخانا هئڻ ڪري نہ گهربا هئا. شهر ۾ ديس پرديس سان واپار ۽ سرڪاري ڪاروهار ٿئي اتي آهي، جو اها سموري اپراضي والاري سگهي. هن وقت نوان ڪارخانا وجهي لوڪن جي جيون دکي ڪري رهيا آهن. ويچارا مزور ۽ منشي ٽيهارو ميلن تان شهر ۾ نوڪري ڪرڻ اچن ٿا ۽ شام جو پسگردائي ۾ موٽي وڃن ٿا. سندن اچ وڃ ۾ جا قوت ۽ زر ضايع ٿي ٿئي، سا ٿوٽل ڪجي، تہ ڪيترا بامبي جهڙا شهر ٺاهي سگهبا. هن مسڪين ديس ۾ ايڏي هارو ير ڪرڻ عظيم گناهہ آهي. لاشڪ ماڻهو بہ خفي ۽ بيزار ٿين ٿا، ۽ تڪاوٽ سبب ڪم پڻ اهڙو تکڙو ڪري نہ ٿا سگهن جيترو هوڻ ڪن. اها مرڪزيت هاڃيڪار ڇئبي، جنهن مان هڙ جو هرج هڪ طرف تہ پيڙا ۽ ڪشت ٻي طرف پوڄڻو پوي. عجب تہ خود هند سرڪار بہ نوان ڪارخانا ۽ آفيسون اڃي نهرائي معاملو پيچيدو ڪندي ٿي وڃي. اهو ڪو ضروري ناهي تہ سوني ريشمي رڱڻ جا ڪارخانا خود بادبي ۾ هجن، يا ڪنهن هڪ هنڌ.

جا وڏيڪ بلاڪ نهرائڻ سان هٿ وٺي شهرن ۾ گُهٽ ٻُوسات ڪندي ٿي وڃي. انگريزن جيڪي سرڪاري عمارتن اڳيان پٽ ڇڏيا سي اسان جي ديسي سرڪارئون بلاڪن هيٺ آڻي اڳين عمارتن جي سونهن ۽ سوڀيا گهٽائي، تنگ دل، ڪوتاهه نظر، بدذيب سان رغبت جو اڻ وڻندڙ مثال پيش ڪيو آهي. سنڌن نهرايل عمارتون به يا ته خسيس جهوپڙين ۽ ڪنبائن جهڙيون آهن يا ته لال قلعي جيڏيون، جن ۾ هند پاڪ جي سموري فوج سمائجي وڃي. اُهي فضولي ۽ خسيس پڻي جي انتهائي پڙ آهن، جا هن قديم ملڪ جي دماغي صحت لاءِ نقصانڪار آهي.

مونکي ڄاڻ ناهي ته بامبي ۾ زلو ۽ هوٽينٽاٽ آهن يا ناهن. مگر اِها خاطري آهي ته دنيا جي تقريبا سڀني ملڪن جا ڪي ڏاڏا ڪٽا ضرور آهن. بامبي واقعي سروديسڪ شهر آهي ۽ هر چيز اتي ميسر آهي. ارمان ته ماٻرن رهڻي ڪهڻي سبب جپاني ڪمونو ۽ چيني جبو، عربن جي نوڙين مان وٺيل پڳ ۽ مٿي تي چادر خواهه جاوا سوماترا جا سارونگ گهٽ ٿا نظر چڙهن. مونکي ڄاڻ ناهي ته هتي برازيل ۽ ميڪسيڪو يا منگوليا ۽ يوڪرين جا گهڻا رهاڪو آهن. نوُس نوُس ڪبي ته ڪو ٽڙيو ٽاٻڙيو لڀي پوندو. جهجهي اڪثريت هندواسين جي آهي ۽ انهن مان به گهڻا مرهٽا ۽ گجراتي آهن. هيئنر ته سنڌي به چڱيري انداز ۾ موجود آهن ۽ شهر جي هر گهٽيءَ ۾ ٿورا گهڻا رهيا پيا آهن. درحقيقت اها سروديسڪ لهه وچڙ ۽ ميل جهول

هجي، نه شڪتي ۽ ٻئي جي اچت ٿيندي. باقي بندرا ۾ رهندڙ وڃي ڪرلا ۾ ڪم ڪرڻ ۽ ڪرلا ۾ رهندڙ وڃي بندرا ڪم ڪرڻ، سا هڪ بيهودگي آهي، جا سوشلزم جا خواب لهندڙن کي درست ڪرڻ گهرجي. ازانسواءِ اهي اپاڳا جن کي ڏکو ٿي سمهڻ لاءِ ڇهه فوٽ زمين ناهي- گرچ خاطري آهي نه، سڙڻ يا پورجڻ لاءِ ايتري زمين ملندن- تنهنجو پڻ ٻلو پيٽي ٿيڻ کپي. هن وقت هوُ پاڻ لاءِ آزار ۽ سماج لاءِ دائمي خطرو آهن.

گذريل ٽورن سالن اندر بامبي ۾ ايڏو آدم اچي ڪٺو ٿيو آهي، جو انهي سمائڻ جيتري انهيءَ بيتاريءَ لئي زمين ئي ڪانهي. اڳيون سهوليتون به اڻ پوريون آهن. اسپتالن ۾ وچ نه ڏيا گيهه لڳي پئي آهي ۽ اسٽيشنون ماڪوڙين جا ٻر ٿهي پيون آهن، جن مان سمورو وقت اکيچار آدم اچ وڃ ۾ مشغول آهي. جتي وچ اُلي بس اسٽنڊ تي ماڻهن جون قطارون بيٺيون آهن، ۽ رستن تي موٽرن جو ٻهيرون پاڄ پڇان ۾ مشغول آهن. نين عمارتن جا گهر اهڙا آهن، جهڙا ڪوهه جي پاسن تي ڪبوترن ۽ جهرڪن جي وهڻ جا هنڌ. اسڪول ۽ ڪاليج به ستيا پيا آهن. اِها پيهه ڏن بدن وڌندڙ آهي ۽ ان جو ڪو تدارڪ نه ٿو ٿئي. هڪ طرف جيڪڏهن سرڪار اهڙي لاغرض آهي نه ٻئي طرف جون يوجنائون ڪهڙو رليف ڏئي سگهنديون؟ درحقيقت اِهن هنڌ به ساڳي ڪار آهي، سرڪار ساڳين پٽن تي اسپتالن، اسٽيشنن، سڪولن ۽ آفيس

مرڪز جو مت ليکجي. ارمان نه هيٺر هتي جسماني سونهن تقريبا اَلپ آهي، ڇاڪاڻ ته مهانڊا پيلا يا ڪارائيل تا لڳن، ۽ صحت مند سگهارا رشت پشت بدن به اُنيءَ لوڻ سمان آهن. ڇت ڏک ۽ هار سينگار به معمولي آهي، ۽ سواءِ ڪن ڄڙوي سنيمائن جي وندر ورونهن گهٽ. اڳيون علمي مجلسون ۽ محفلون به ڏڪاٽل آهن ۽ انهن جي جاءِ نڙڪوڙڪو نٽن ۽ لٽين ورتي آهي. ڪو وقت هو جو ديس جو راجنيتڪ مرڪز بامبي هئي. هتان ئي مکيه اخبارون نڪرنديون هيون ۽ ليڊرن جون تقريرون ٻڌيون هيون. اهي هيٺر نه آهن. مگر هن وقت جا سياسي ۽ سرود يسڪ اهميت ڍهليءَ کي آهي، سا بامبي کي ناهي. تنهن هوندي به هي ڪاسما پوليٽين شهر ۽ بندر، واپاري منڊي ۽ ڪارخانن جو مرڪز پنهنجو مت پاڻ آهي، ۽ اسان جي ديس جي آرٿڪ معاملن ۾ وڏو پارٽ ادا ٿو ڪري، جا ڪا گهٽ ڳالهه ناهي.

بامبي ۾ ٽيهارو لک آدم هوندي نه تقريبا هر ڪا فئملي - بلڪ هر ڪو ماڻهو- اڪيلو آهي. چال ۾ جي گهر آهن، تن کي فقط ڪاٺ جا تختا يا نه انچي پٽ هڪ ٻئي کان جدا ڪري ٿي؛ مگر انهن گهرن جا آواز خواهه ڪاڻن جون سرهاڻيون اندر گهڙي اچن ٿيون. عجب نه انهن جي اندر جي ماڻهو رهيل آهن، تن جي هڪ ٻئي سان ڄاڻ سڃاڻ ناهي. رستن تي به ماڻهن جا حشام هوندي هر ڪو اڪيلو آهي، ۽ نديءَ ۾ بند وانگر وهڪري ۾ وهندو

ٺِي آهي، جو بامبي کي دلپذير ٿو بڻائي. گرچ هن وقت ريسٽارنٽن ۾ ڪافي ڀيهه آهي، ته به امڪان آهي ته ٻن چئن فوٽن جي مفاصلي تي غير هندي شڪليون ڏسڻ ۾ اچن. رواجي ريت اهڙن هنڌن تي هرڪو پنهنجيءَ ۾ پورو آهي، ته به جيڪڏهن ڪو چاهي ته کهڙي به ملڪ جي ماڻهوءَ سان ڏيتي ويتي پيدا ڪري سگهي ٿو. اهڙيءَ ريت گرنٽ ڪار ۽ ڪلاڪار، فلم اسٽار ۽ اخبار نويس پڻ آئيس ڪريم يا پائين ايپل جُوس، ڪوڪو يا ڪافيءَ تي ڏيهي ڏيهي گفتار ۾ مشغول ڏسڻ ۾ ايندا. دنيا ۾ هاليووڊ کان پوءِ بامبي کي ٻِي گهڻين فلمن ڪڍڻ جو رتبو حاصل ٿيل آهي، گرچ ائين ڪين چئبو ته هتي جي فلمن جِي خاصيت به انهيءَ پدويءَ جي لايق آهي. ازانسواءِ هتي وڏا ماهر ۽ سائنسدان بہ موجود آهن، جي ٽيل جون وڏيون رفائينريون ۽ ائٽامڪ فشن پلانٽ ۽ پالت پانت جا ڪارخانا هلائن ٿا، ۽ ٽانسا ليڪ مان پاڻي ۽ پاور هائوس مان بجلي ميسر ڪن ٿا. هتي ايشيا جي وڏي ۾ وڏي مِلڪ ڊيئري ۽ سئنٽا ڪروز جو ايئر پورٽ، هندستان جون وڏي ۾ وڏيون گوديون ۽ جُوهو جو سامونڊي ڪنارو ۽ ايليفنٽا غفائون پڻ آهن. انهيءَ ڪارڻ گهمڻ گهٽڻ، سَير سپاٽا، ذوق شوق، ميل ملاقات لاءِ هِي شهر عمدو آهي. ڳولا ڪرڻ سان هرڪو پنهنجي پيٽ انوسار ڪا سنگت پنگت لهي سگهي ٿو. واقعي ايڏي سوڙهه نه هجي ۽ آبهوا موافق هجي، ته هِي شهر دنيا جي برک

اُهاڻ ۽ شعاع ڪنيون ٽيڙو ڪومايو ڇڏي ۽ تارڪا منڊل
موڪو پيو لڳي. اشتهارن جا اِشارا ۽ ڦرمونين جا چشمڪ
چٽ چلائمان ٿيا ڪن، ۽ هيءَ نيم قطر برقي بتين جي
جهرمر سبب جل ٿي جرڪندو ڏسڻ ۾ ٿو اچي. مٿي نهرو
پارڪ جا وڻ رنگين بتين جي جهلڪ سبب ڪلپ برکش
جهڙا ٿا لڳن، مگر سندن ميوا فقط اک کي فريب ڏيڻ لاءِ
آهن. انهيءَ اُتاهين تان ڪي ٿورا هنڌ روشن ٿا لڳن ۽
باقي پکيڙ ڪاري پاڻيءَ ۾ فاسفورس جي ذرن مثل ٽڙيل
پکڙيل بتين سان ڇٽيل ڏسجي ٿي. اُتر طرف جتي چيمبور
جون رفائينريون آهن سي برقي جهرمر سبب اوچن محلن
جهڙيون پيون ڀاسن، گرچ انهيءَ هنڌ ڪا اهڙي عمارت
ئي ڪانهي، ۽ ڳاڙهو ڦرڪندڙ جهنڊو واقعي آگ جو اُلو
آهي، جو لوهه جي اُڀي نلي مان ڀڙڪو ڏئي ٿو نڪري.
اِهو اُلو رات ڏينهن پيو ٻري ۽ ڦڙ ڦڙ ڪري ۽ پريان اک
کي بيرق جو دولاب ڏي. مگر بامبي جي سونهن سمنڊ
ئي سوائي ٿو ڪري، ۽ هر طرف گهوڙي جي سنب جهڙا
اُپ سمنڊ ٿاهي، هن دٻيپڪا کي دل آويز بڻائي. سندس
ڏنءُ ڏنءُ ٻه ڏمال جهڙي آهي ۽ ايڪانت ۾ پرسنتا پيدا
ڪندڙ. سندس اُرهه تي جي ڏونگريون متسنگيءَ
(Mermaid) جيان وار کولي ليٽيون پيون آهن، ٽن مان
گهٽيون هريون ڀريون آهن. مگر چٽي نه ٿو سگهجي ته
سندن چٽ ۾ ٻه ڪا چڱائي آهي. ايليفنٽا ۽ بچر آئلنڊ
(ڪاسائي بيٽ) جا ٽالائي اهڙا آهن، جو جهاز پريان ئي

وڃي ٿو. هتي ٽنگون ٻانهون هل هلان ۾ آهن، مگر جنهن ٻيلي ۾ جهنگ جو احساس هوندي ٻرالن وٽن جي سمڪ نہ رهندي آهي، ليڪن هتي پڻ خلق آهي، مگر شخص جي شناس ناهي. هرڪو پاڻ ۾ ٿيي پورو آهي، يا ڪُميءَ جيان ڍيڍر ڍال هيٺ وڃهي، اندر ٿيي اندر سوڙهو سنگهوڙو پئجي رهيو آهي. هوُ نہ ٿو ڄاڻي تہ سندس پڙ ۾ جو شخص بيٺو آهي، سو پڻ پنهنجي پر هڪ وچتر ۽ رنگين دنيا جو خاوند آهي، ۽ هنجي چت جي انتر گت سندس من جي مانداڻ ڪان ڪا گهٽ عمدي ناهي. ورلو ڪو انهن سرشتين ۾ ليٿو ٿو پائي. ورنہ اِهي شخص ٿيي سچي حقيقت آهن، ۽ سماج فقط فڪري ٻولو آهي، جو سهوليت خاطر اِنسان ايجاد ڪيو آهي. ڳوٺن ۾ هرڪو ٻئي کي ڄاڻي سڃاڻي، جنهنڪري ڳوٺاڻا اهڙا خود مرڪزي (Self-Centred) ناهن. مگر هتي هرڪو آهي اڪيلو ماڻهن جي ميڙ ۾، ۽ نہ ٿو ڄاڻي ڇو آهي يا ڇا آهي. اها ٿن تنهائي ٿيي شهري زندگي جي خصوصيت آهي.

بامبي جي رؤنق رات وقت ڏسڻ لايق آهي. اوڏي مهل عمارتن جو ڏيل ۽ ڏيا ميرانجهه ۾ ڍڪجي وڃن ٿا ۽ ان عيوض ڪاري چادر مٿان هيرن ۽ ياقوتن جي جڙت ڏسڻ ۾ اچي ٿي. ڪٿي ائين پيو ڀاسي تہ ڪاريگر موتين جون لڙيون وجهي پوُيون آهن ۽ باقيت ٿيي اُڇالري ڇت ڪندو ويو آهي. مرين ڊرائيو ڪان ملبارهل تائين ڦرڻ ديوتا جي ڳلي ۾ موتين جي مالها سجايل آهي. اِلي جو

قومي جهنڊو

قومي جهنڊي جو اِتهاس گذريل اڌ صديءَ جي راشٽريه آندولن جو عڪس آهي. جپان جي روس تي فتح ايشيا جي مظلومن ۾ آس جي جهلڪ آندي ته فرنگي اقتدار ۾ ڪو اَزلي اَبدي ناهي. تهانپوءِ سنت ٿِي بنگال جي بٽواري ورڌ ڪشاڪش شروع ٿي. انهيءَ آندولن جي دؤران ۾ ڪن ديش ڀڳتن جي من ۾ ويچار اُٿيو ته هندوستان کي پنهنجو خاص جهنڊو هئڻ گهرجي، جنهن جي سايه هيٺ هرڪو هندواسي هيڪڙائي محسوس ڪري، ديش اُڌار لاءِ پاڻ پتوڙي. چون ٿا ته اول اهڙو خيال پئرس ۾ رهندڙ هندواسين جي من ۾ اُٿيو، جن مئڊم ڪاما سان گڏجي ٽرنگو جهنڊو ناهي برلن ۾ بلند ڪيو. اهو جهنڊو سائي ڳاڙهي ڪيسري رنگ جو هو ۽ سائي پٽي تي اَٺ ڪنول گل، ڪيسريءَ تي وندي ماترم، ۽ ڳاڙهي جي ڏائي ڪنڊ تي سورج، ۽ مرڪز کان ٿورو پريرو ساڄي طرف چنڊ جو نشان ڏيکاريل هو.

۱۹۱۵ ۾ وري مائي بيسنٽ هوم رول هلچل هلائي،

پاسو ڪيو وڃن. تنهن هوندي ٻہ ٻاهري جو ڀڀڪو ۽ اڊمبر، وڻج ۽ واپار، ڌن ۽ دولت، ديسين پرديسين جي لٽ ۾ اهڙي لوڀس تہ پيدا ڪري، جو هوءَ ازخود الي ڇڪجي تہ اچن ۽ چئار پير الڪي ڇهڻي تہ پون. لاشڪ ڪو تہ ڪامڻ آهي هن ڪامڻيءَ ۾!

—-o-—

سائو (مسلمانن جو) ۽ اڇو (باقي ڄاتين جو) هڪ سريکي
ڏيک ويکر ۾ ڏنل هئا. وچ ۾ نيلي رنگ جو چرخو هو،
جنهن جي مراد هئي ديس جا ڪروڙين ڪنگال. جهنڊي
جي ماپ مقرر ٿيل نه هئي. باقي اهڙو هو ته ويکر کان
ڏيک ڏيڍي هئڻ گهرجي- يعني جي ويکر آهي ٻه فوٽ
ته ڏيک ضرور ٽي فوٽ هجي. سکن جي مرضي هئي
ته سنڌن ڪارو رنگ پڻ جهنڊي اندر داخل ڪجي.
ليڪن اڇي رنگ ۾ ٻيا سڀ ڌرمي اچي ٿي ويا،
جهڙڪري سنڌن طلب نابحال ٿي.

مهاتما قومي اتحاد جو حامي هو، جهڙڪري جدا ڌرمن
لاءِ جهنڊي اندر جدا رنگ وجهڻ جي رٿ نه ٿي وڻيس.
ڪانگريس به فرقي پرستيءَ جي فائدي ۾ نه هئي. مهاتما
اهڙيءَ چنتا ۾ هو ته راشٽريه جهنڊي تان فرقي پرستيءَ ۽
مذهبيت جو بدنما داغ ڪيئن ميسارجي ته هڪ خاطوءَ وٽان
ليک آيس، جنهن ۾ جهنڊي بنسبت هڪ عورت جي
بيان ڪيل معنيٰ ڄاڻايل هئي. اهڙيءَ مائيءَ جو ويچار هو
ته ڪيسري رنگ دليري ۽ ويرتا جي نشاني آهي، سائو
رنگ نمرتا ڀاوَ جي ۽ اڇو اوجل پوترتا جي. باقي رهيو
چرخو سو ڪانگريس کي چتاءُ ٿو ڪري، ته ڪا به ڀتا رتڻ
کان اڳ جنتا جي ڀلائيءَ جي اون رکڻ گهرجي. آخرڪار
اهو معاملو ورڪنگ ڪميٽيءَ جي سب ڪميٽيءَ جي
حوالي ڪيو ويو، جنهن جولاءِ ١٩٣١ ۾ سفارش ڪئي ته
جهنڊي ۾ هن ريت رنگ وڌا وڃن: ١. ڪيسري = ٻل ۽

جهن ۾ ڪي تعليم يافته شخص شامل ٿيا. انهن به جهنڊي جي ضرورت محسوس ڪري، ڳاڙهي ۽ سائي رنگ جو جهنڊو ٺاهيو. جهنڊي ۾ پنج ڳاڙها ۽ چار ساوا پٽا هئا، اول ڳاڙهو پوءِ سائو، ان بعد وري ڳاڙهو. ڏائي طرف مٿي ڪنڊ ۾ ستن تارن سان يونين جئڪ ڏيکاريل هو، جنهنجي مراد هئي ته خود مختيار هندوستان برٽش ڪامن ويلٿ جو الگ ٿي رهندو. هوم رول تحريڪ فقط شهرن تائين محدود هئڻ سبب گهڻو وقت جالي نه سگهي ۽ انجي پڄاڻي پوڻ سان جهنڊو به لڙهي ويو.

مهاتما گانڌيءَ افريڪا مان موٽڻ پڄاڻا ئي راشٽريه آندولن جي رهبري ڪئي ۽ ١٣ اپريل ١٩٢١ع واري هفتيوار "ينگ انڊيا" ۾ لکيائين:

"هر هڪ قوم کي پنهنجو جهنڊو هئڻ ضروري آهي. ڪيترن ملڪن ۾ لکين ماڻهن جهنڊي صدقي جان جي آهوتي ڏني آهي. جهنڊو ديوتا سروپ آهي، جنهنکي ناس ڪرڻ مها پاپ آهي. جهنڊو آدرش ۽ اُديش جو ساڪيات روپ آهي...... اسان جو عقيدو هئڻ جڳائي ته جيئنداسين انهيءَ جهنڊي لاءِ، ته مرنداسين به انهيءَ جهنڊي لاءِ."

اهو راشٽريه جهنڊو ڪهڙو هئڻ گهرجي تنهن تي سياسي مرڪزن ۾ ڪجهه وقت بحث پئي هليو ۽ ڪي قدر ڇڪتاڻ پڻ ٿي. آخرڪار مهاتما لالا هنسراج جلندريءَ جو خاڪو پسند ڪيو. انهيءَ جهنڊي ۾ ڪيسري (هندن جو)

شاهراهه تي قدم وڌائڻ لڳا آهيون. خاطري آهي ته الهيءَ جهنڊي سان لاڳو جيڪي آسون اميدون ڳنڍيل آهن تن جي سچائيءَ ۽ ڪمال صداقت سان پوئواري ٿي ته اسان جي پوڙهي پيل قوم ٻيهر ٻلوان، آسودي ۽ عزت لائق بڻبي ۽ انسان ذات جي خوشحاليءَ جو باعث بڻبي. اهائي آهي اسان جي آزاد نا ۽ دنيا جي نيڪ دل انسانن جي آرزو!

قومي جهنڊي سان گڏ اڪثر ڪي قومي گيت به لاڳو هوندا آهن، جنهن جي آلاپڻ سان وطني محبت جو جذبو موجزن ٿيندو آهي. عام ريت گيت ته گهڻيئي پيا ٻڌجن. سنيما جي هر ڪا فلم پاڻ سان نوان راڳ، نوان آلاپ کنيو اچي، جي گهڻيءَ گهڻيءَ ۾ چند هفتن لاءِ ننڍن وڏن جي وائن پيا وهن. اڪثر سيرو ڪاڏو، پاٽل ڦاٽي واري ڪار آهي. البت ڪي ڪداچت ڪين ٿا وسرن. مگر وات سدائين سڄي گرهه لاءِ پاٽي پاٽي نه ٿيندو آهي. لاشڪ ڪي منطقي مورک دليل ڳولي ڪڍندا ته ائين ڇو ٿو ٿئي؟ ليڪن جيون آهي اڇو پيرو اُٺ، جهنڪي آچارين جا نيم ٽيم ٻڌي نه سگهيا آهن. شل نه ڪا جهڙڪي اچيس ته ٽنگ ڇني ليڏي نه ميڏي ڪيو ڇڏي. پوءِ ڀل نه جڳهه جا ڏاها ڏاند وينا جڪ مارن ۽ ٿونٿيون ٿوڪن.

راشٽريه گيتن جو ذڪر ڪندي به اهڙائي اوپارا لهوارا ويچار ٿري ٿا اچن. ونو مثال:

بلیدان ٢. اچو= ستنبه ۽ امن امان يا صلح ٣. سائو= وشواس ۽ ويرتا. ٽنهي رنگن جا ڏيئي پٽا نمبروار سائي ماپ جا هجن ۽ اچي پٽي تي چرخو چٽيل هجي، جوئي جنتا جي آس ۽ آسرو آهي. ڪانگريس رپورٽ بحال ڪئي ۽ هر ماهه جو پوين آرتوار "جهنڊو وار" ڪري ملهائڻ جو اعلان ڪيو.

اهوئي جهنڊو هن وقت به اسان جو "قومي جهنڊو" آهي. فقط چرخي عيوض "اشوڪ چڪر" وڌو ائين، جنهجي معنيٰ آهي ته اسان جو ديس صلح جو خواهان آهي ۽ دنيا ۾ امن امان جو حامي. آدرش اوچ آهي، ليڪن لياءِ بنا امن امان قائم ڪرڻ اَسنڀو آهي. اَنياءِ ۽ هنسا هڪئي سڪي جا ٻه پاسا آهن. جي اسان جو ديس اهيءَ اعليٰ مقصد ۾ ڪامياب ٿيو ته اِنسان ذات جي نگاهه ۾ وڏي مان جو اڌڪاري ٿيندو، ۽ منش وڪاس جي ڪند رفتار کي ڪجهه قدر تند ڪرڻ ۾ هٿي ڏيندو. جهنڊو آهي قوم جي آبرو ۽ اُمنگ، اُديش ۽ آدرش جو اَستوُل نشان، جهنڪري جوڳي عزت لائق آهي. اسان جي ديس پڪنن اهيءَ جو شان برقرار رکڻ خاطر لنيون جنيون، سختيون سزائون، گوليون ۽ ڦاسيءَ تي موت خوشيءَ سان بوسر ڪيا آهن. صدين پڄاڻا هن ٽنين اَسرلڌ ۾ ديس جي ڪروڙين ماڻهن جي قلب جي آس، من جي مراد ۽ زندگيءَ جو راز سنڪيپ روپ ۾ اهيءَ جهنڊي اندر سمايل آهي. هيٺئر اسين غلاميءَ جي چنبي مان نڪري آزاديءَ جي

راڳ جڙيو، ۽ اها ١٣ سيپٽمبر ١٨١٤ واري تارن سهائي رات هئي جا اڄ به اميريڪن جهنڊي جي تارن مان نمايان آهي.

فرئنسز ڪي - اسڪاٽ ڳوٺ پهچڻ شرط ئي اِها ڪوتا ڇپائي پڌري ڪئي ۽ توريئي وقت اندر سندس ڳائڻ جي طرز ٻڌڻ وارن وات ٿهلجي وئي. آخرڪار اميريڪا به برٽش سلطنت مان پلو آجا ڪيا ۽ رفته رفته اهڙي طاقتور ٿيڻجي وئي، جو هن وقت روس کان سواءِ ٻيو ڪو به ملڪ سندس مقابلو ڪري نه ٿو سگهي. مگر اهو راڳ ۽ ڪوتا، جي آزاديءَ لاءِ ڪشاڪش جي زماني جي پيداش هئا، سي پوءِ به اميريڪن نگرواسين نه وساريا. نيٺ هڪ صديءَ کان به وڌ عرصي پڄاڻا ١٩٣١ ۾ اميريڪن سرڪار انهيءَ "تارن سهائي رات واري جهنڊي" کي راشٽريه گيت جي اوچ پدوي عطا ڪئي، ۽ ١٩٣٣ ۾ ڪي اسڪاٽ جو دستخط چوويهه هزار ڊالر يعني هڪ لک چوويهه هزار روپئين وڪاڻو. اِهو آهي اِتهاس اميريڪن راشٽريه گيت جو، جو فقط لوڪ پريه هئڻ سبب "ڪولمبيا، جئه هو" (Hail Columbia) ۽ "منهن جا ديش" (My Country, tis of thee) عيوض چونڊيو ويو.

فرانس جي نهايت مشهور راشٽريه گيت "مارسيل" (Les Marsailles) جي به لڳ ڀڳ ساڳي ڪٿا آهي. ١٧١٢ ۾ پرشيا (جرمني) فرانس خلاف جنگ جو اعلان

"تارن سهائي رات جو جهنڊو"
(The Star spengled banner)

جو شايد توهان ڏٺو هجي، مگر ان سان لاڳو گيت ٻڌڻ جو موقعو نہ مليو هجيو. چاهيو ٿہ رڪارڊ ٻڌي سگهو ٿا. اهو گيت ڪنهن شاعر يا سياست دان جو رچيل ناهي. ١٨١٤ ۾ جڏهن اميريڪن (U.S.A) ديس ڀڪت برٽش سلطنت خلاف ڪارروايون ۾ مشغول هئا، تڏهن برٽش بحري فوج جا سرڪردا، ڊاڪٽر وليم بيمس نالي اميريڪن ديس ڀڪت کي گرفتار ڪري ويا، ان وقت فرئنسز ڪي - اسڪاٽ نالي هڪ مشهور وڪيل هوندو هو، جنهن تي بيمس جي ٻانهن ڇڏائڻ جو ڪم رکيو ويو. سگهوئي اسڪاٽ کي پهنجي ڪم ۾ ڪاميابي نصيب ٿي. مگر پهنجي ڳوٺ موٽندي رات ويل مئڪ هينري فورٽ ۾ ساهي پٽيائين تہ برٽش فوج ان کي گهيرو ڪري ورتي. سڄي رات ٻہ ٻازي هلي. اوندهہ سبب اسڪاٽ کي ڪل ٿي ڪانہ پئي تہ ڪهنجي سوڀ ٿي، ڪهنجي هار. ليڪن پرڀات سمي جڏهن آڪاس ۾ چندا تارا ڏسبا آهن تڏهن ناگاهہ سندس اک وڃي اميريڪن جهنڊي ۾ اٽڪي، جو هير جي هلڪين لرزشن سبب ڦڙ ڦڙ ڪري رهيو هو. اهو روچڪ درشيہ ڏسي هنجي روح ريلو ڏنو ۽ سندس قلب مان ڪوتا نڪتي، جا ارگهت لوڪ پريہ طرز (Anacreon in Heaven) ۾ ڳائڻ شروع ڪئي. اڄهو ائين اهو جڳہ پرسڌ

رچنڪ ڪير آهي. چون ٿا ته ١٧٤٠ ۾ هينري ڪئري اهو گيت پاڻ ٺاهيو ۽ پاڻ ئي ڳايو. وڌيڪ ڄاڻي ڄاڻڻ هار.

مون مٿيون وستار انهيءَ لاءِ ڏنو آهي ته توهان کي ذهن نشين ڪريان ته ڪو به راڳ راشٽريه گيت جي اوچ پدوي پراپت ڪري، تنهن لاءِ فقط شعر جي خوبي، خيال جي بلندي، ڀاشا جي نزاڪت وغيره ڪافي ناهن. اهي وصفون هجن ته چڱو، مگر مهل ۽ موقعو ڏهر جي جو ماڻهو ازخود ڪنهن راڳ تي شيدا ٿي پون، ۽ اُتساهه وچان اُهو ڳائي ان جي اثر هيٺ آپو وساري سر تريءَ تي کڻي نڪرن. امڪان آهي ته ڪو ڪوي ديس جو نهايت شوڀنيڪ چٽر چٽي، سورمن ۽ مهاتمائن جو اثرائتو ورڻن ڪري ۽ مشهور اتهاسڪ گهٽنائون ياد ڏياري امنگ اُڀاري- بلڪ ٻولي ۽ محاورا به اهڙا عام فهم ڪم آڻي جو هرڪو ٻار ارچڻ سمجهي سگهي. گهٽيئي ڪوي اهڙي ڪوتا رچڻ ۾ ماهر آهن. ڪيترين عمدين ڪوتائون واقعي سگهٽي ڪاريگريءَ جو نتيجو آهن. ليڪن اهڙين ڪوتائن کي اڄ تائين ڪٿي به راشٽريه گيت جي پدوي نه ملي آهي. اهڙي سڀاڳ لاءِ موقعو ۽ مهل، ۽ لوڪن جي من ورتيءَ جي ڄاڻ بلڪ سوجهه ٻوجهه لازمي آهي. شايد مان ڀل ٿو ڪريان. امڪان آهي ته راشٽريه گيت جي پدوي انهن ڪوتائن کي پراپت ٿي ٿئي، جي ڪنهن خاص موقعي تي راشٽريه جيون جي جوالا پاڻ ۾ جذب ٿيون ڪن، ۽ پوءِ اها جوالا جڏهن لوڪن جي قلب ۾ به

ڪيو، جهڙڪري ملڪ جي بچاءَ لاءِ فرينچ اسيمبليءَ پنجاهه هزار والنٽيئر ڀرتي ڪيا ۽ لاچاريءَ سبب راجا تي ڪي پابنديون وڌيون. ماڻهن ۾ دربار خلاف لاءِ هو ۽ اسيمبليءَ جي ڪمزور پاليسي پڻ پسند نه هئين. نتيجو اهو نڪتو جو اهڙي نازڪ وقت "يعقوبن" نرماڻ (آئين = Constitution) خلاف جهاد ڪيو ۽ "انقلاب" جي ٻڏندڙ ٻيڙي غرق ٿيڻ کان بچائي ورتي. انهيءَ بلوي ۾ جن سرگرم بهرو ورتو، تن ۾ مارسيل شهر جي جوانن جو جٿو اڳرو هو. چون ٿا ته انهيءَ جٿي مارچ ڪندي "رؤجي" (Rougetde Lisle) جو هڪ گيت پئي ڳايو، جو وائان وات ڦهلجي ويو. سرڪار کي جنتا جي سرجوشي پاءَ نه پئي، سو ماڻهن تي مارڪٽ ٿيڻ لڳي. ماڻهو به شر تي پيا ۽ ڏيڍڙ دؤلس جي پرواهه نه ڪري گيت ڳائيندا رهيا ۽ مٿس نالو رکيائون "مارسيل" يعني اهو گيت جو مارسيل شهر جي پيش رؤ جٿي مارچ ڪندي پئي ڳايو. مدت پڄاڻا ازخود اهو گيت فرانس جو راشٽريه گيت بڻجي پيو، ۽ جنگ جي ميدان خواهه سياسي ڪشاڪش وقت فرينچ اهو گيت ڳائڻ لڳا. اهو گيت پڻ رڪارڊ يا ريڊيو فرانس مان ٻڌي سگهجي ٿو.

"اسانجي تون شهنشاهه کي سلامت رک، خدا وندا!"
(God Save the King)

جو انهاس به تقريبا "تارن سهائي رات واري جهنڊي" جهڙو آهي. خاطريءَ سان چئي نه ٿو سگهجي ته انجو

وندیا هماچل جمنا گنگا - پڻ سنڌوءَ جي لهرن ۾ هوُنگي
اسين اهو شبُ نام جپي، جس ڳائي، آسيس مڱي، اُلساهت ٿا ٿيون
تون ئي آهين سک داتا - ڀاڳيه وڌاتا - شل تهنجي سدائين جئه ٿي، جئه ٿي، جئه ٿي۔
(هتي سنڌو بنيادي معنيٰ ۾ ڪم آندل آهي۔ سنڌو- اِندوُ- ہندو = برسات جي بوُندن مان نهيل ﭘاڻي)
ٽئگور پهنجي گيت ۾ هند جي پراچين سنسڪرتي ۽ سڀيتا جو ورڻن ڪيو آهي ۽ ڀالت ڀانت جي وَرڻن اندر يڪرنگيءَ ڏي اِشارو ڏني ڀارت ماتا جي جئه منائي آهي۔ ازانسواءِ هن ديس ۾ جي نانا پرڪارن جا ڀيدار آهن، تن جو بيان ڪيو اٿس۔ انهيءَ گيت جو پويون پد (Stanza) خاص طور پڙهڻ لائق آهي، جاڪاڻ ته اُن ۾ لنبي رات پڄاڻا سونهري اُشا جا ڪرڻا آڪاش ۾ ڏسي ڪوي سرهو ٿئي ٿو، ۽ الينت شرڌا ۽ نمرتا سان ديس تي آسيس ٿو ڪري:

رالل ﭘريا ٿل روي ڇوي - پوُروَ اُديه گرﭘالي
گاهي وهنگم پڻيه سمبرڻ - نوجيون رس ﭘالي
تو ڪرڻا رڻ راڳي - ندرت ڀارت جاڳي
تو چرڻي نمت ماٿا
جيه جيه جيه هي - جيه راجيشوَر - ڀارت ڀاڳيه وڌاتا
جيه جيه جيه هي - جيه جيه جيه!

جرڪڻ تي لڳي نه هئُو ۽ جهرڻي جيان انهيءَ آلاپ کي وهائي ٿا ڇڏن.

اسان جو راشٽريه گيت روي بابوءَ جو رچيل آهي. انهيءَ ڪوتا لکڻ ويل هنکي اهڙي سمڪ نِي ڪانه هئي ته انجو ايڏو قدر ٿيندو. هن هنڌ انهيءَ گيت جو هڪ پد جو ڳائبو آهي، سو معنيٰ سميت هيٺ ڏجي ٿو.

جن گن من اَڌِي نايڪ جيه هي - ڀارت ڀاڳيه وڌاتا
١. پنجاب سنڌ گجرات مراٺا - دراوڙ اُتڪل بنگا
وندڌيا هماچل يمنا گنگا - اُڇل جل ڌِي ترنگا
تو شڀ نامي جاڳي - تو شڀ آشيش مانگي
گاوي تو جيه گاٿا
جن گن من منگل دايڪ جيه هي - ڀارت ڀاڳيه وڌاتا
جيه هي، جيه هي، جيه جيه جيه هي.

عجب نه سنڌيءَ ۾ هن گيت جو ڪنهن ترجمو ڪيو نِي ڪونهي. منجهس ڪل پنج پد آهن. هتي آءٌ فقط مٿئين پد جو ترجمو ٿو ڏيان، جو خاص موقعن تي ڳائبو آهي:
اي لوڪن جي دل جا مالڪ - ڀارتي ڀاڳ ڀالڪ -
تهنجي ٿئي جئه جئڪار
شل اِهو نانءُ پنجاب سنڌ، گجرات مهاراشٽر، دراوڙ
بنگ ۾ گونجي

سرڪنب ڇايا سان سينتل، اَن مير دالا!
نمسڪار! توکي وارون وار نمسڪار!!
تهنجون رمڻيڪ راليون سهايون،
گل گوليچ گلزار ۽ ولسپتي سينگار
گفتار تهنجي سٺي سٺي،
مرڪ تهنجي مٺي مٺي
سک دالا! ور دالا!! مالا نمسڪار!!!
توکي وارون وار نمسڪار!

اِهيءُ گيت جا ڪل چار پد آهن ۽ پهرين "آنندمٺ" ناليءَ پستڪ ۾ شايع ٿيو هو، جو سرڪار ضبط ڪري ڇڏيو هو. ليڪن خود رويءَ بابو اهوئي گيت ڳائيندو هو ۽ جهن سُر ۾ هينئر ڳائبو آهي، سو سندس سنگيت ڪلا جي ئي رچنا آهي. ڪانگريس اجلاس ۾ اهو گيت پهرين ١٨٩٦ ۾ ڳايو ويو ۽ پوءِ بنگال ٽڪواريءَ سبب جا سرجوش سوديشي آندولن جاري ٿي، تهن انکي چوٽ چاڙهي ڇڏيو. ديس جا فدائي جنيون ڦنيون، لٺيون گوليون سهي ب اهو آلاپ بلند آواز ڳائيندا رهيا. واقعي اميريڪا ۽ فرانس جي قومي گيتن جي اِتهاس جهڙي ئي "وندي ماترم" جي آتم ڪٿا آهي. اڄ ب اهو گيت ڪوگهت لوڪ پريہ ناهي. "جن گن" کي ترجيح اِنڪري ملي آهي، جو اهو راڳ ۽ هند ٿي موزون ٿو لڳي.

روي بابوءَ جو فلسفو "واسديو سروم" يا منش جاتيءَ
جي هيڪڙائيءَ ڏي مائل هو ۽ سندس ديس ڀڪتيءَ
ونجوڳ ۽ وروڌ رکيءَ ماتر نہ هو. تنهن هوندي بہ هوُ سڄو
ديس ڀڪت هو، جا ڳالهہ ڪي لعصبي شايد پوريءَ ريت
نہ سمجهن. هيءَ درشٽيءَ جو سوال آهي. ڪن جي درشٽي
وشال ۽ هردو ڪشادو آهي تہ ڪن جي نظر ڪوتاهہ ۽
دائرو محدود. ٽئگور ڀراٽي ماتر جو مترو، ماتو جاتيءَ جو
شيءِ چنتڪ، دويہ جوت جو اُپاسڪ هو؛ ۽ اهوئي آهي
سنديش اسان جي پراچين ديس جو سڄي جڳت لاءِ.

"جن گن" کان اڳ بنڪم چندر چٽرجيءَ جو "وندي
ماترم" لوڪ پريہ هو:

وندي ماترم

سُجلام، سُقلام، مليج، شيتلام
سُسيہ شياملام - ماترم... وندي ماترم
شير جيو لسنا، پُلڪِتَ يامنيمِ
ڦل ڪُسمت، درم دَل شوڀنيم
سک دام، ور دام، ماترم... وندي ماترم!

(لمان تو لو اڳيان آءٌ، اي ماترڀومي!
نمسڪار! لوکي وارون وار نمسڪار!!
اُوجل جل، شيرين ڦل،

هندوستان جا گھڻا ماڻھو آسانيءَ سان سمجھن ٿا.
شايد ”ماتر ڀومي گيت“......

اي ماتر ڀومي تيري چرنون ۾ سر نمائون
مٿن ڀڪتي ڀيٽ اپني، تيري شرنون ۾ لائون.
۱. ماٽي پڻ تُون ھو چندن، چانپي پڻ تُون ھو مالھا
جھوا ۾ گيت تُون ھو، مٿن تيرا نام گائون.
۲. جس سي سپوت اُپجي، سري رام ڪرشن جئسي
اُس تيري ڌول ڪو مٿن، نج شيش پڻ چڙھائون.
۳. مائي سمندر جس ڪي، ڌولي ڪا پان ڪرڪي
ڪرتا ھئہ مان تيرا، اُس پڻر ڪو منائون.
۴. وي ديش مان والي، چڙھ ڪر اُتر گئي سب
گوري رهي نہ ڪالي، تجھ ڪوئي ايڪ پائون.
۵. شيوا ۾ تيري ماتا، ڀيدون ڪو ڀول جائون
وھ پٺيہ نام تيرا، پرت دن سنون سنائون.
۶. تيري ھي ڪام آئون، تيرا ھي منتر گائون
من اور ديھ تجھ پر، بليدان مٿن چڙھائون.

بہ عام فهم ھئڻ سبب اڄ ڏائين ڳائڻ ۾ ايندو آهي.
ٻيو ھڪ نهايت عمدو قومي گيت، (Hymn to the Mother) جو انگريزيءَ ۾ ھئڻ سبب نظرانداز ٿي ويو آهي، سو مهرشي اَروندو گھوش سوديشيءَ آندولن وقت

ٽيون گيت جنهن کي ڀلي شهرت ملي آهي، سو آهي اقبال جو:

ساري جهان سي اڇا، هندوستان همارا
هم بلبلين هين اسڪي، وه گلستان همارا.

١. غربت ۾ هون اگر هم، رهتا هئہ دل وطن ۾
سمجهو وهين همين ڀي، دل هو جهان همارا.

٢. پربت وه سب سي اوڇا، همساية آسمان ڪا
وه سنتري همارا، وه پاسبان همارا.

٣. گودي ۾ کيلتي هين، جسڪي هزار نديان
گلشن هيءِ جس ڪي دم سي، رشڪِ جهان همارا.

٤. اي آب رُود گنگا، وه دن هئہ ياد تجهڪو
اُترا تيري ڪناري، جب ڪاروان همارا.

٥. مذهب نهين سکهاتا، آپس ۾ وير رکهنا
هندي هين هم وطن هين؛ هندوستان همارا.

٦. يونان مصر روما، سب مٽ گئي جهان سي
اب تک مگر هئہ باقي، نام و نشان همارا.

٧. ڪڇ بات هئہ ڪہ هستي، مٽتي نهين هماري
صديون رها هئہ دشمن، دَوْر زمان همارا.

٨. اقبال ڪوئي محرم، اپنا نهين جهان ۾
معلوم ڪيا ڪسي ڪو، درد نهان همارا.

الهيءَ گيت جي خوبي آهي عام فهم ٻولي، جا

دیس کي کوني کوني ۾ - گونج أٿي اُن کي للڪار
ڪتني شڪتي شالي لوگ - بل اور بدي سي ڀرپُور
کهتي هئن تجهکو ڀگوان - تيرا هئہ سب پر کليان
همين بچا اور دي سنمان
اي ماتا تجهہ کو پرنام!
ايک تجهہ سي هي فرياد
دشمن جس لي مار ڀڳائي - ميدان دور سمندر پار
اور کيا خود کو آزاد
تُو هي عقل تُو هي قانون - تُو هي من جيون اور سانس
اي ماتا تجهہ کو پرنام!
هم کو تيري پيار کي آس
تُو من ۾ وہ ڀاؤ جگائي - موت کو بي جو مار ڀڳائي
تيرا هي شکتي وردان - هات کو کرتا هئہ بلوان
سندر! موهن! سک وشرام
اي ماتا تجهہ کو پرنام!
تُو چشمون سي مالا مال - باغ تيري کرلون کي جال
اي رنگيني سي ڀرپور
تُو ساري قومون کا ميل - تيري من ۾ موتي بيل
جيت پري تيري مسکان - تُو سب ديشون کي پردان
تيري شکتي شالي هات - کرلي هين ڏن کي بوچار
اي ماتا تيرا وردان - کتنا سندر اور مهان
آزادي تيرا شب نام
اي ماتا تجهہ کو پرنام!

لکيو هو. انهيءَ گيت جو اَرشد صديقيءَ ترجمو ڪيو آهي:

اي ماتا تجھ ڪو پرنام!
تُو چشمون سي مالا مال - باغ تيري ڪرنون ڪي جال
مست هوا ٺنڊڪ ٻرسائي - هري ڀري کيت لهرائي
تيري شڪتي بڙي مهان! آزادي تيرا شڀ نام
اي ماتا تجھ ڪو پرنام!

چمڪيلي سپنون ڪي جيت
چشمون اور شاخون ڪي گيت
تيري پيڙون ڪي ڦل ڦول
جيون من ڪي سک سنگيت
هنستي ميٺي پيار ڪي ڇائون
چُوم لون اي مان تيري پائون
اي شيرين اور نرم ڪلام
اي ماتا تجھ ڪو پرنام!

ڪؤن يہ ڪهتا هہ اي مان
تيري ذرلي هہ ڪمزور
هاٿون ۾ لي ڪر تلوار
جاڳي جب پنتيس ڪروڙ
جب گرجي پنتيس ڪروڙ
لي ڪر تيري نام مهان
اي ماتا تجھ ڪو پرنام!

آج ٺهين هوگي يهه جنگ
آزادي ڪا نام.

٢

قومي ترنگي جهنڊي اوچا رهو جهان ۾
هو تيري سر بلندي، يون چاند آسمان ۾.

١. تو مانُ هئہ همارا، تو شان هئہ هماري
تو جيت ڪا نشان هئہ، تو جان هئہ هماري.

٢. هر ايڪ بشر ڪي لب پر، جاري هئن يهه دعائين
قومي ترنگا جهنڊا، هم شوق سي اڙائين.

٣. آڪاش اور زمين پر، هو تيرا بول بالا
جهڪ جائي تيري آگي، هر تاج تخت والا.

٤. هر قوم ڪي نظر ۾، تو امن ڪا نشان هو
هو اس طرح موثر، سايه تيرا جهان هو.

٥. مشتاق بي نيازي، خوش هوڪي گا رها هئہ
سر پر ترنگا جهنڊا، جلوه دکها رها هئہ.

انهن ٻن گيتن ۾ ساهتيڪ رس گهٽ آهي، مگر آزاد هند فوج جي هندو مومن جانبازن جي اُمنگ جو اظهار هئڻ سبب خاص اتهاسڪ اهميت جا حامل آهن. باقي هوئن نہ هندي ۾:

”وجئہ وشو ترنگا پيارا
جهنڊا اونچا رهي همارا.“

اهڙن خاص قومي گيتن کان سواءِ ڪي ”جهنڊي جا گيت“ به آهن، جنکي اتهاسڪ ۽ ساهتيڪ اهميت آهي. قومي گيتن جي باري ۾ وچور وار وستار نيڪا سميت مون پهنجي ”جوالان“ مقالي ۾ ڏنو آهي، جهنڪري هن هنڌ وڌيڪ اپٽار نٿي ڪجي. باقي جهنڊي جي گيتن مان سباش چندر بوس جي آزاد هند فوج جا به گيت ڏجن ٿا:

ترنگي جهنڊي ڪو پرنام
جس ڪي ليڪي لڙتي لڙتي مري بهت گمنام
ترنگي جهنڊي ڪو پرنام!

١. دي سباش لي جس ڪو سلامي
جس ڪي خاطر ديس ڪي حامي
موت ڪي پي جاتي رڻ ۾
هستي هستي جام.

٢. آزادي پر قربان جائين
گونج اٿي هند ڪي ڏائين
ره نه سڪيگا اُس ڪي هولي
اب پهر ديش غلام.

٣. هر شهيد ڪو خون پڪارا
يونڌتي هو ڪيون ڪوئي سهارا
مل ڪر سب محڪوم مٽادو
سامراج ڪا نام.

٤. تفنڪ چلين، توپين چلائين
عرش پهه طياري بُل ڪائين

جهنڊا اَجر اَمر تاجي
وَڏ وَڏ آڪاشي جاجي.
تهنجو صحن ڪئين دلاُن دل جي رت سان آبيارو ڪيو آهي.
ٻچن کان وٺي پوڙهن مائٽن ايڪين جا لڙڪ ان ۾ هاريا آهن.
جهنڊا! اَجر اَمر رهج!
وڏي وڏي آڪاش لي رسج!!
۲. تاري مستڪ منڊائي تو
گرو لٽي مگروُري
تاري پال نه تي آ ليکيان
شمشير کنجر چوُري
جهنڊا، دين ڪبوُتر شو
اُري ٿج رينٽيرو رمتو.
تهنجي سر لي تون مغرور شهبازن جي ڇايا آهي.
پر للاٽ تي خنجر تلوار جو تلڪ لڳل نه اٿئي.
جهنڊا، لبل ڪبوتر جهڙا! تهنجي اُره تي ڇرڪو پيو ڇري.
۳. جڳ آڪا پر آڻ ڳجهولي
ترشول وَلي جڙ راٽي
مهاراجپوتا مدير بوڏ لي
تئي ٿج ڳوُروَ تشالي
جهنڊا، ڳيرو سنتوشي
وسي ٿج هٿيا مان ڏوشي.

يا

شيش ڪٽي، گهر ڏئار ڇني
اڌر اُجڙي چاهي ٻارت سارا
لاٿي چلي، گوليان ٻرسي
ٻرليہ مچي، ٻر جاوي ڪارا
وڄريہ گري، تلوارين چمڪي
چاهي ٻهي رڪت ڪي ڌارا
جهڪي نهين يہ ڌوجا گگن ۾
چمڪي بن ڪر شڪتي سالوا۔ وغيره

يا

جيہ راشٽريہ نشان! جيہ راشٽريہ نشان!! جيہ راشٽريہ نشان!!!
لهر لهر تُو مليہ پون ۾ - ڦر ڦر تُو نيل گگن ۾
ڇر ڇر جنگ ڪي آنگن ۾ - سب سي اُچ مهان
سب سي اُچ مهان - جيہ راشٽريہ نشان۔

يا

جهنڊا اونچا رهي همارا - رهي هند ڪي شان۔
وغيره

جهڙا گيت اليڪ آهن، هتي هڪ اليمت سند ر گجراتي ڪوتا معنيٰ سميت ڏئي، هي مختصر مضمون ختم ٿو ڪجي:

۱. تاري ڪيساري ڪنٺيڪ
دلاري دل تان شروٽت پايان
پترو جوڳي ماتانو تانٿن، جهرڻ تلوايان

۽ ان ۾ اُشا جي کيسر جو ڪجل ۽ مخمور نگاهه آهي. جهنڊا، توکي چندرما امرت چکايو آهي ۽ شنکر جي ٽين اک جهڙو ڀيانڪ آهين.

٦. اي ترڻ آنک پري نين
دينا تي گھوڙو رکواڙان
سري ڦڙلان ڳوٺا سر ڦوٽيا
ڦٽ ڦٽ شيش رڙ ٻاڙيان
جهنڊا ساهد رهيجي هو
اُمارا مُونگا پوڳي ٽٺو

انهيءَ ٽين اک لهنجي گھوڙو جي رکيا ٽيندي ڏٺي آهي.

۽ متي تي ناريل ٽا ٽا ڪري پڇندا ڏٺا آهن (سيم شيوکن تي مارکٽ ڏي اِشارو آهي)

جهنڊا! تون شاهد آهين، اسان جي امولڪ بلدان جو!

٧. ڪمڙان باڙ ڪشور بزرگو
سهو تي ڪاجي ڏايا
نر ناري نرڏن ڏن ونتو
اي سب پيڊ پلايا
جهنڊا، ساهد رهيجي هو
رڏيرتا ٻڌوُ ٻڌوُ ٽٺو.

معصوم بالڪ، جوان، ٻڍا، تو لاءِ ڏوکيندا آيا.
نر ناري، امير فقير جو فرق وساري چڙهايون.
جهنڊا، تون شاهد آهين، رت جي ڦڙي ڦڙي جو.

سرو سنسار لي ترشؤل ڏاري جل راڻي جو راڄ آهي.
اهنڪاري سمران ڪي اُپديش ڏيندي به، تو ۾ ايمان رکيءَ ماتر ناهي.

جهنڊا! سنتوش ميه! تهنجي هنئين ۾ برن ماتا جي الجهن آهي.

٤. تهين ڪس ڪساب مڪمل
مشروُ ڪيري تاري پتا ڪا
نهين جهري بالي هير پرت
نا پيڪا تج پر تانڪيا
جهنڊا، پوڪرود توپي
ڪوٽي دلڙان تج پر موهي

تون ڪيمخاب مخمل يا ريشم مان ڪونه نهيو آهين.
نه ڪي توتي زر سهاءِ يا پٽ جي پرت جي سجاوٽ آهي.

جهنڊا، تون آهين رنگ پوُري جو.
پر ڪروڙين قلب توتي مفتون آهن.

٥. ليل ڳيڳن نيي ليلپ بيتي
اُننت تج پر آلڪڙ ني
اَروُڻ ٽٽي ڪيسري ٽي
اَلجن بيجي ميت مديلي
جهنڊا ششيديوي سينپي
ترلوچن ڏوُل اُلڪ تريجي.

تهنجي اڪ ليلي آسمان جي ليلم تي لڪي.

جهنڊا سوراج نا سنتري
رهو ٿيج جهالو رڻ جهٽتي ٠

جهنڊا، تون انٿي ڀهر اُتساهه سڀ سڄاڳ آهين ٠
هوشيار رهج، ڀهروڙج، جئن اسان کي گهيرمت نه اچي ٠
جهنڊا، سوراج جا منتري! رڻ ڀوم ۾ تهنجو نقارو شال
وڄندو ئي رهي ٠

هن ڪوتا جي انيڪ خوبين جي باريڪ بيان جي هتي گنجائش ناهي. ڪنهن به ملڪ جي قومي جهنڊي لئي اهڙي سندر ۽ رسيلي، دبيل امنگ ۽ اُلم ڀاونا سان ڀرپوُر ڪوتا اج ڏائين اک نه چڙهي اٿم. آءٌ گجراتي ڪونه ڄاڻان، يا اهڙي ڄاڻان جهڙي عام گجراتي هندي ڄاڻن. اها ٻولي به سنڌيءَ وانگر آرش جي ٻوٽي ڏوهتي آهي. ٻنهي ٻولين ۾ ڪيترا لفظ هوُبهوُ ساڳيا آهن. البت گجراتيءَ ۾ پارسي عربي لفظن جا اُچار گهٽو ڪريل آهن. مثلا گنبذ کي گهمٽ ڪرڻ سان ڪمال ڪيو اٿن. ٻيو ش ز خ غ ف وغيره عيوض ج ڪ گ ق ڪم آندل آهي. اهي اُچار ڦيرائي پڙهندا نه مٺي ڪوتا آسانيءَ سان سمجهي ويندا. واقعي اسين خوش بخت آهيون جو پشچمي خواهه پوُربي آواز ٻنا ارچڻ اُچاري سگهون ٿا. شايد اسان جي ڪن عاقلن کي ان جو پورو احساس ناهي. هر زبان لئي مرداڻي يا زناڻي ڇاپ لڳل هوندي آهي. گجراتي گهڻي قدر زناڻي ٻولي آهي. انهيءَ ڪارڻ ڪوملتا ۾ سنڌيءَ کان سرس

٨. کو مالا نہ کالي کوڙي
آڄ ھيو لوڻ پيٽو
جھنڊا ساھد رھيجي ھو
ھجارو چالان سوارپڻ نو.

مالا جي خالي گود ۾، اڄ لوڻ پٽ بڻئين.
سندس لڙڪ ڳاڙيندڙ اکين کي لو ونان آتت مليو.
جھنڊا، شاھد تيج، ھزارين لکل قربانين جو.

٩. راشٽر ديولا گھمت اوُپر
ڳھيري اساد قروُڪي
سب ڌرمولا اي رکشڪ
ني سنت نرپالو جھوڪي
جھنڊا آڄ نہ جي لمشي
ڪال تيج ڌولي شر ڌرشي

ديش ديو جي گنبد تي، لوڻ فلڪي آواز سان ڦڙڪين تو.
لون سرو ڌرمن جو رکپال آھين، لو اڳيان سنت مھاتما ۽ راجائون نمن تا.
جو اڄ نہ تو لمي، سو سياڻي تھنجي پيرن جي ڌڙي مستڪ تي لڳائيندو.

١٠. آٽ ڀھور ھنڪارا ڪرلو
جاگرت رھي اُمنگي
سنوڌ رھيجي، ڀھيرودي
اُمي نہ رھيئي اُلگھي

وگيان مارگ

پراچين لوڪن جو وشواس هو تہ ويد آهي ايشوري گيان جو ڀنڊار، جو جڳت جي ٻڌوان ۽ جوتيمان پرشن اَنتر شڌيءَ ۽ اُپيوَ ڏنارا گرهڻ ڪري سروَهتڪار لاءِ پرڪاشت ڪيو. اڳہ ڏيان گيان وسيلي ايشوري اڇا جو گيان پراپت ڪندا هئا ۽ منتر جنتر ذريعي گرهہ گوچر جي سهايتا وٺندا هئا. سندن عقيدي موجب هي جڳت شيءِ ۽ اَشيءِ ڪاري شڪتين جي ڪارنامن لاءِ وسيع ميدان هو، جهنڪري انهن جي راضپي هٿ ڪرڻ لاءِ پوڄائن ۽ ڪريائن جو پيچيدو سرشتو ايجاد ڪيو هوائون. ايامن ڪان پرڪرتيءَ جي اَٽل نيمن خواهہ گپت شڪتين جي گيان پراپت ڪرڻ لاءِ اهوئي بهترين طريقو سمجهو ويندو هو. آڳاٽا رشي آڪاس ۾ بادل آڻڻ لاءِ يگيہ ۽ هوَن ڪندا هئا ۽ ٻهجي ڪارڻ ۾ سڦلتا جي پراپتيءَ لاءِ پرارٿنائون ڪندا ۽ ٻل چاڙهيندا هئا. ليڪن اڄ اسين آڪاس مان نيل گنگا آڻڻ لاءِ شڌڪر يڳوان ڪي آراڌڻ عيوض ٻڪرا ۽ ننگل لي ٻند ٻڌي، ستلج کي ڏالوڙي بنائي سندس ٽٽن مان

آهي. ٽهن هوندي به مٿين ڪوتا ڪافي زوردار ۽ دٻيل امنگ سان ڀارور آهي. سگهٽي پڙهڻ سان ئي مزو پيو اچي. توهين به بلند آواز سان پڙهي ڏسو ته ڪيڏو نه لطف ٿو اچيوَ. ڪاش اسان جي ٻوليءَ ۾ به جهنڊي تي ڪا اهڙي ڪوتا هجي!

—8o8—

کان ٻري ھجي. شايد ھن وچتر سنسار جي ٻرتن اندر اِيترا
ٻروٽ آھن، جنجو ڇيھ نہ ٿي ناھي؛ ۽ ھي ماڻڊاڻ اڳ ٻہ
ھڪ سوال ھو ۽ آئندہ بہ سوال ئي رھجي وڃي. شايد ۽
شايد. ليڪن الھيءَ کان انڪاري ٿي نہ ٿو سگھجي تہ
ٻرڪر ليءَ جي گپت شڪتين لي قبضو ڄمائڻ جي اسان ۾
ڪافي شڪتي اُلپن ٿي چڪي آھي، ۽ انجي پدارٿن
کي اِڇا انوسار پھنجي ڪم آڻڻ جو ڪر پڻ پرايو اٿئون.

سياويڪ آھي تہ اسانجي طاقت ۾ عبرت خيز اضافو
اچڻ سبب ماحول ۾ جو انقلاب اچي ويو آھي، سو اسانکي
پھنجي جيون جا ماڻ، قاعدا قانون، رسم رواج، سماج سنا
بدلائڻ لاءِ مجبور ڪري. اٽو شڪتيءَ جي زماني ۾ آڳاٽن
گنوارن ۽ رِيدارن جو آچار ويچار ۽ ريت نيت، جي ھنن
پھنجي ماحول مطابق مرتب ڪيا، سي اسان لاءِ موزون
ٿي نہ ٿا سگھن. لاشڪ منومھراج ۽ حضرت موسيٰ نيڪ
اِنسان ھئا ۽ اسان جا ابا ھئڻ جي حيثيت ۾ احترام لائق
آھن؛ ليڪن اھا حقيقت آھي تہ سندن ليکي شاستر ۽
سماج سڌانت مدت کان بيڪار ٿي چڪا آھن. مثلا ھن
وقت جڏھن دنيا جو آدم پاڻيءَ ۾ ٻوڙن جيان وڌي ويو
آھي، لڏھن سندن مشوري تي عمل ڪري سنتان وڌائڻ
اھڙو قبيح ڪم آھي، جھڙو جاٽي واٽي ماڻھن کي ٻک
مارڻ يا مفلسيءَ سبب ھنن کي نيم بسمل حالت ۾ رکڻ.
اڄ اسين گوبر سان ليپو پائڻ عيوض فنائيل سان گھر ڌوئڻ
پسند ڪريون ٿا ۽ سواھا سواھا ڪري جوَ تر گھہ ساڙڻ

اچا الوسار امرت ڏهي ٿا ونون ۽ لڪشميءَ ڪان وردان
گهرڻ عيوض پرٿويءَ جي پيٽ مان پيٽرول ۽ پليٽينم،
هيرا ۽ سون ڪڍي ٿا اچون. اڄ انسان لتيءَ تڏيءَ ڪان
بچڻ لاءِ پريشان هو ۽ بک ۽ بيماريءَ جي آپدائن اڳيان
عاجز. اها عاجزي ۽ بيڪسي ئي آدي انسان جي جيون
جو مؤل انگ هئي. قدرت ئي هنکي بين جانورن جي
پيٽ ۾ اهڙو بل هيڻ ۽ پرا ڌين بڻائي ڇڏيو هو، جو سو ۾
رکيا خاطر هنکي هزارين مصيبتن جو مقابلو ڪرڻو ٿي پيو.
ليڪن اڄوڪو انسان نه ڪي اهڙو بي وس ۽ عاجز آهي
جو تارا تڪيندي جمار گنوائي، نه ڪي ديوي ديوتائن
جي داس بڻجڻ جو ڪانکي. وگيان ۾ يوگيتا ۽ هنري
ڪشلتا، علمي اضافي ۽ عقل منديءَ اسانکي اها جڳه جيتڻ
جي شڪتي عنايت ڪئي آهي، جا آڳاٽي انسان جي
بهترين دماغ جي اُپرا پيه اُپلاڪائي هئي.

واقعي ورتمان يگ جو آدمي اهڙو مها بلي آهي، جو
هن ڊ باڻڻ سان پرٿويءَ جي آنڊن ۾ وڃت، ساگر جي شڪم
۾ ولوڙ ۽ آسمان جي پولار ۾ آنڌي آڻي سگهيٿو. دنيا اندر
ڪو اهڙو سوکيم جنتو ناهي جهنتي هوءُ ضابطي رکڻ جي
ڪوشش نه ڪندو هجي، نه ڪي اڳاڌ آڪاس جي اوناهين
۾ ڪو اهڙو سورج ۽ ستارو آهي جهن تي پهچڻ لاءِ سرگردان
نه هجي. مان نه ٿو چوان نه منش سرو لوڪن جون سيمائون
لتاڙي اهڙو سرو شڪتيوان ٿي ويو آهي، جو وشو اندر
ڪا اهڙي سجيو يا نرجيو وٿ ئي ناهي جا سندس پهچ

ٻ ڪيل آهي، تهنڪري گهڻي ڪشالي پڄاڻا انسان رهڻ لائق آستان بنايو آهي. آدي منش اگهاڙو، وحشي ۽ عاجز هو. رفته رفته هن عقل ۽ محنت ذريعي وادين ۾ کيت ۽ گرام ۽ شهر ٺاهيا. تهن هوندي به هو هزارين آپدائن جي وڪڙ ۾ گهومائبو رهيو، ۽ ڪڏهن به خوشحال جيون جي منوڪامنا سد ڪري نه سگهيو. انهيءَ ڪارڻ سندس ڌرمي ويچار ۽ سماجي سڌانت اڻ ٿر دک جي دائمي موجودگي تي ٻڌل هئا. گهڻي تجربي پڄاڻا هن محسوس ڪيو هو ته احتياج ۽ عاجزي، انياءَ ۽ بدڪاري زندگيءَ جون اڻ ٽٽندڙ حقيقتون آهن. انهن خلاف ونس اهڙا واهڻ ئي ڪونه هئا، جي ماحول کي سازگار بڻائي سندس جيون سکي ڪن. انهي ڪارڻ هو پاڻکي اڻهوند ۽ انياءَ لئي هيرڻ لاءِ، ڏينتا ۽ نمرتا، اڌينتا ۽ شيلتا، صبر سان سُور پي وڃڻ ۽ آزي نيازي ڪري جان ڇڏائڻ جا ڌرم ۽ فلسفا ٺاهڻ لڳو. هن ڏٺو ته هن دنيا ۾ ڏاڍن سان پهچڻ جو ٻلو پيٽي ناهي، جهنڪري انهن خلاف انصاف ملڻ لاءِ پرلوڪ ۾ بهشت ۽ دوزخ، ڌرمراج جي ڪورٽ ۽ ڪرمن جي ليکي جا چوپڙا تصور ۾ آڻي، هالوچالو انياءَ ۽ اتياچار سهي وڃڻ ۾ سياڻپ جاتائين. اسان جي ابن جيون کي آنندميه بڻائڻ اسنڀوُ سمجهي، ماڳهين اڻهوند ۽ عاجزيءَ، غربت ۽ غلاميءَ جي بدين کي نعمتون بلڪ ڌڻي تعاليٰ جون خاص خليلن لاءِ عنايتون ڪري سمجهڻ جو مشورو ڏنو. هنن جو ارواح هن لوڪ تان آهو پلي، پرلوڪ ۾ سکي ٿيڻ

عيوض ذلت کم آڻيون ٿا. لاشڪ آڳاٽن جراحن جي ڪا
نيت بد نہ هئي، ليڪن بئڪٽيريا جي علم نہ هئڻ سبب
اهي شخص جراحت ڪندي مريض جي موت جو باعث
بڻبا هئا. ليڪن هينئر هرڪو ٿو ڄاڻي تہ مئڪروب ئي راڄ
جو دوُت آهي، جنهنجو مقابلو ڪرڻ لاءِ ارداس ۽ آرتيءَ
عيوض پينسيلن جو انجيڪشن وڌيڪ ڪارگر آهي. ٿهڙي
ريت سينلا جهڙي ڏائڻ اڳيان اوڙٿو اوڙڻ يا ٽانئت ذريعي
مرگهي ڇنائڻ يا جهاڙ وجهي ٽيڙ ٽارڻ حماقت آهي. تهن
هوندي بہ آڄاڻ سبب انيڪ پورڙن جو اهڙن ٽوٽن ڦيٽڻ
پاڻن پوڄائڻ ۾ اعتقاد هو. اسانکي آزمودي سيکاريو آهي
تہ شوُ شنپوُ يا الله اڪبر جي نعرن سان جنگ کٽي نہ سگهبي،
نڪي گهنڊن وڄائڻ ۽ بانگن ڏيڻ سان مهامري ۽ وبا
ٽاري سگهبي. جي ٻوُٽيون ۽ آيتون هر درد جو علاج
هجن ها تہ ماڻهن اپٽريون تہ سمرٽيون سوريون ۽ سجدا
ڪيا آهن، جو جڳت جي اڪيچار براين جي بيخ ٿي
نڪري وڃي ها. واقعي علم آهي نوُر جهن بنا آدمي
ڪوُڙ آهي، ۽ اهو علم جي سگهي ڏکي بازي يا خيالي
هوش فهمي ۽ وهم ناهي، تہ انڪي ساڌڻ لاءِ وگيانڪ طريقا
ٿي اختيار ڪرڻا پوندا. انهيءَ ڪارڻ جاڻڻ گهرجي تہ
ڪيميا دان جي ٽيسٽ ٽيوب ۽ پولڪ وگيانيءَ جي
اُشغم بين د ٽارا جو عملي ڏيان پراپت ٿئي ٿو، سو آچارين
جي اُپديشن ۽ پراڻن پوٿن مان ڪداچت ملي نہ ٿو سگهي.
هيءُ يُوءُم جهنجو گهڻو حصو سمنڊ صحرا ۽ جبلن سان

سگهون ٿا. اسان لاءِ اهو به ضروري ناهي ته ڄمار ڀر ٻيور جيان ڳهي وهي خشڪ نان ڳيو هٿ ڪري پيٽ ڀريون. هن وقت اسان وٽ ايترو علم هنر طاقت آهي، جو جيڪڏهن اهي خصلتون هڪ ٻئي سان وڙهڻ ۽ مدت خارج سماج کي قائم رکڻ ۾ ضايع نه ڪيون، ته نئين خوشحال جيون لاءِ نئين دنيا اڏي سگهون ٿا. البت اهڙي سروهتڪاري ڪاريه لاءِ روشن دماغ ۽ ڪشادي دل کپي، جا صدين جي ڪني تيل غلاظت ۽ غليظ ذهنيت کي ڪڍي، وگيان کي ڪلياڻڪاري ڪاريه ۾ لڳائي.

هاڻي اچو ته ڏسون وگيان ويد جا ڪهڙا مول سدانت آهن، جن تي عمل ڪرڻ سان نئين دنيا جي عاليشان عمارت جي پيڙهه ٻڌي سگهبي. البت اهو ياد رکڻ گهرجي ته وگيان فقط ڪنهن جاتي يا قوم جي اُڌار جو واهڻ ناهي ۽ ان جو ليتي شاستر ڪنهن خاص مذهب يا ملڪ جي ماڻهن سان تعلق نه ٿو رکي. گوتم ٻڌ جي اشٽانگ مارگ ۽ ڪرست جي ڏهن آگيائن (Ten Commandments in the sermon on the Mount) وانگر وگيان مارگ مانو جاتيءَ جي ڪلياڻ جو واهڻ آهي ۽ جيڪي شخص يا قومون ان تي عمل نه ڪندا، لنڪي پس پيش پشيمان ٿيڻو پوندو. وگيان جا اصول ۽ نيم سڀن لاءِ ساڳيا آهن ۽ نه فقط پرڪرتي جي پدارٿن بلڪ پراڻي ماتر تي هڪجهڙائي اثر انداز. ٻيو ته انهن جي ڄاڻ لاءِ ڪهن پيغمبر يا اوتار جي ضرورت ناهي، جو شخصي جهد يا تپسيا د ئاران انهن جو گيان پراپت

جو ڪانکي هو. ڪن نه حياتيءَ کي موت جي آخرين گهڙيءَ لاءِ سانباهو ٿي سمجهو، جهڙڪري تن کي تپسيا ڏيڻ، فاقا ڪڍڻ ۽ وئراڳ وٺي ڌارڻ ڪرڻ ڪي ئي ڌرم سمجهو ٿي ويو. ليڪن اسين هن لوڪ کي پرلوڪ ۽ حياتيءَ کي موت لاءِ تياري نه ٿا سمجهون. ويهين صديءَ جي ماڻهن جو عقيدو آهي ته جي اسين هن دنيا کي انسان جي رهڻ لائق آستان نه ٿا بڻائي سگهون ته پرلوڪ ۾ به ٿي داڻيون وجهي وهنداسين. لاشڪ اسين ڄاڻون ٿا ته جو ڄائو آهي سو مرندو ضرور ۽ اهو ڪال چڪر انت تائين پيو هلندو. مگر اهو ڪو دليل ناهي ته جيئڻ کان نابري وارجي يا جو ٿورو عرصو اسان کي عنايت ٿيو آهي، تنهنکي پتا شڪتيءَ سکدائي نه بنائجي. ازالسواءِ اسين جڏهن انگلنڊ جي پرڌان منتريءَ کي انهيءَ تي ارمان ڪائيندو ڏسون ٿا ته انگلنڊ جي ڏهه سيڪڙو رهواسين کي پهنجي موٽر ناهي ۽ پندرهن سيڪڙو ماڻهن جي گهر ۾ فلش سان غسل خانو ناهي، نه اهڙا ٿو پوي حياتي اڻهوند ناهي يا غريبي ۽ مسڪيني ڪا اڻٽر آفت ناهي. اسين انهن اهنجن کي سهنجن ۾ تبديل ڪري سگهون ٿا، تڏيءَ ڪوسيءَ ۾ بيماريءَ کان پاڻ بچائي سگهون ٿا، ۽ پورهيو گهٽائي ونڊر وروانهن وڌائي جيون ۾ آنند آڻي سگهون ٿا. واقعي هاڻوڪي ٽيڪنالاجيڪل مهارت اسان جي هٿ ۾ اهي اوزار ڏنا آهن، جن وسيلي اسين پرٿويءَ جي شڪل بدلائي بيابان کي بوستان ۽ جهنگل کي باغ ۾ تبديل ڪري

سگهجن ٿا. اڃو ته انهن ٻن بنيادي ڳالهين تي نظر ثاني ڪريون.

وڳيان جي ڀهرين سکيا آهي ته، پرٿويءَ جي پدارٿن جي اُلپتيءَ تي ڪي حدون ٻڌل آهن، ليڪن پراڻي مانو جي اُلپادڪ شڪتي لامحدود آهي. مطلب ته زمين جي ڏهن ايڪڙن مان سؤ مڻن عيوض ٿي چار سؤ مڻ اُپائي سگهبا، مگر انهيءَ بجاءِ انهن ايڪڙن تي ڪيتري به لاڳت لڳائبي ته ان مان گهٽ اپراسو ٿيندو. ٻيو ته جيڪڏهن ڏهه ايڪڙ ٻن ڪٽنبن کي آجيوڪا ڏئي سگهن ٿا ته انهن تي چار ڪٽنب رهائڻ سان هنن کي اڌ بکيو رکڻو پوندو. اها هڪ نهايت ڪارگر سکيا آهي، جنهن تي عمل ڪرڻ سان اسين بک ۽ بيروزگاريءَ کي طلاق ڏئي سگهون ٿا. انهيءَ تي عمل لاءِ ٻه ڳالهيون کپن (١) دنيا اندر جيڪي به زرعي خواهه معدني پدارٿ آهن تنکي بهترين طريقن سان اُپائڻ جو پربنڌ ڪريون، جئن ٿوري محنت ۽ خرچ سان گهڻو ۽ سٺو مال پيدا ڪري هاروڙ تي روڪ وجهون، ۽ (٢) ته جم تي روڪ وجهي ملڪ اندر ماڻهن جي سنکيا اهترو وڌڻ نه ڏيون، جو هنن جون گهرجون پوريون ڪري نه سگهون. از انسواءِ گهٽ محنت ۽ لاڳت مان گهڻي اپراسي لاءِ پورهئي جي ورڇ ٿيڻ گهرجي ۽ ڪوشش ڪري هرڪنهن کي ان جي سڀاءَ مطابق ڪم ڏجي ۽ ان جي لياقت وڌائڻ لاءِ تربيت ڏجي. ٻي صورت ۾ گانءِ کان گڏهه جي ڪم وٺڻ سان قوم کي ڇيهو رسندو؛

ڪري. يوگي پراڻايام ڪرڻ سان رڳو ٻاڻ کي لوڀو رکي سگهي ٿو. باقي ٻيا جيسين ٻاڻ ۾ يوگي نه هٽيا آهن ليسين صحت سڌاري نه ٿا سگهن. ليڪن ٻجليءَ جي هتي ٻارڻ يا ٻنڪو هلائڻ لاءِ ضروري ناهي ته هرڪو انجنير ٿئي. وگياني علم اسٿول پريڪيائن (Conrete tests) تي ٻڌل آهي، جن جي ڪرڻ سان ڪهڙو به نيڪ يا بد انسان ساڳي نتيجي تي پهچي سگهي ٿو. دنيا جا ڪي به فلسفا عين ٻين ساڳيا ناهن، نه ڪي ڪي به فيلسوف بلڪل ٻڪراءِ. وگيان ۾ اِئين ناهي. هڪوار ڪنهن کوجنا ڪري ڪو اسٽو شستر ناهيو ته ٻيا به ساڳي نموني ساڳيو هٿيار ناهي سگهن ٿا. البت انهن مڪئنيڪل اوزارن کي بهتر بنائڻ لاءِ کوجنا ڪري سگهجي ٿي. باقي جن اصولن ۽ ليمن دئارن جي نتيجا حاصل ڪيا ويا سي سيئي لاءِ ساڳيا آهن ۽ انهن ۾ بهتري اچڻ پڇاڻا به ساڳيا ٿي رهندا. وگياني کوجنائن ۽ علمي ڪاوشن جي مراد آهي هن دنيا کي اِنسان جي رهڻ لائق مڪان بنائڻ ۽ اِنسان جي جسماني ۽ ذهني طاقتن ۾ اضافو آڻي خود بشري جنس کي بهتر بنائڻ. انهيءَ ڪاريه ۾ سقلتا جي پراپتيءَ لاءِ ٻن ڳالهين جي ضرورت آهي (١) ماحول ۾ سڌارو (Improvement of environment) ۽ (٢) نسلي سڌارو (Improvement of heredity). ورهين جي لڳاتار جاکوڙ پڇاڻا وگياني ڪن قطعي نتيجن تي پهتا آهن، جن تي عمل ڪرڻ سان دنيا کي بهتر آستان بڻائي سگهجي ٿو ۽ پڻ بهتر جنس جا ماڻهو پيدا ڪري

پروريءَ جي سکيا ٿو ڏي، ۽ جهن صورت ۾ رواجي
ماڻهو گهڻي وقت لاءِ برهمچريه پالن ڪري نه ٿا سگهن،
تهن صورت ۾ هنن لاءِ ڄمر روڪ جا طريقا ۽ وسيلا ميسر
ڪري ٿو ڏي. ازانسواءِ وگيان بهتر بشري جنس پيدا
ڪرڻ جو حامي آهي. هن وقت دنيا ۾ ڪروڙين اهڙا
ماڻهو آهن جي ڄمڻ ئي نه گهربا هئا. سندن هستي پاڻ
لاءِ مصيبت ۽ ٻين لاءِ خطري جو باعث آهي. اسين هينئر
ڪاميابيءَ سان بهتر ڦل ڦول ۽ ڳايون گهوڙا اُپائي سگهون
ٿا. اهڙي ريت بهتر ماڻهو اُپائي سگهجن ٿا. جيڪڏهن
اسين گرڀ وديا (Engenies) جي اصولن تي عمل ڪريون،
بهتر ماحول بنائڻ لاءِ وگياني طريقا ڪم آڻيون، سماج اندر
نياڪاري ۽ سهڪاري سرشتو جاري ڪريون، ۽ بهتر
تعليم ۽ روزگار جو پربنڌ ڪريون، ته انسان ذات جا ڏک
ڏوجهرا گهٽائي سگهون ٿا، ۽ ڏوهن ۽ بيمارين ۾ ڪٽتر
آڻي سگهون ٿا. زميني زندگيءَ کي سکدايڪ ۽ ڦلدايڪ
بنائڻ لاءِ لازمي آهي ته ڄمر تي روڪ وجهجي، ۽ فقط
اهڙن جوڙن مان ٻار پيدا ڪرڻ گهرجن جي صحتمند ۽
طاقتور ۽ ذهين ٿيڻ جي لياقت رکندا هجن. زندگي
آهي سرخ خون، جو ڪنهن به صورت ۾ زرد ۽ ضعيف
ٿيڻ نه ڏجي. جا قوم ڪم عقلي ۽ ڪاهلي يا مذهبي ۽
مصنوعي اخلاق جي پيچ ۾ اچي، ڪمزور ۽ مريض اولاد
پيدا ڪرڻ جي اجازت تي ڏئي، سا پاڻ لاءِ دائمي ڏک
۽ اُپاءُ جي جنم پتري تي ٺاهي. ان جو آئندو ڪڏهن به

۽ ٽڪري ۽ کي ڏيا سوُر، جاڻي ڪوئي ۽ واري ڪارڻ ڏيندي- يعني گهٽي محنت مان بلڪل ٿورو لاڀ ملندو. اهو وگياني اصول آهي ته سخت ۽ گهڻت اڀراسي وارو پورهيو ماڻهن کان نه ڪرائجي، ڇاڪاڻ ته ائين ڪرڻ سان هوُ دائمي مفلسيءَ ۾ مبتلا رهندا ۽ سندن حياتي مانيءَ ڳڀي لاءِ وهڻ ڳهڻ ۾ ضايع ٿيڻ سبب دماغي قلبي روحاني ترقي ڪرڻ کان وانجهجي ويندي. گهڻت ۾ پورهيو ۽ گهٽي ۾ گهٽو اُبراسو آهي نعمت، جا ٽيڪنالاجيءَ اسان لاءِ ميسر ڪئي آهي.

وگيان ساڌارڻ منش کي سنت مهاتما بڻجڻ جو مشورو نه ٿو ڏي. وگيان کي اسان جي شاريرڪ گهرجن جو پورو قدر آهي، جهڙڪري اسان کان ملڪوُتي خصلتن يا ديوتاپڻي جي تقاضا نه ٿو ڪري. مثلاً وگياني جاڻن ٿا ته اکنڊ برهمچريه اُسڀاويڪ ۽ اُسٺيؤ آهي. وگياني ڪام چيشٽا کي نسل جي رکيا جو واهڻ سمجهن ٿا ۽ ان جي عدم موجودگي علالت جي علامت. سندن عقيدو آهي ته قومي قوت شخص جي صحت تي مدار ٿي رکي. انهيءَ ڪارڻ لازمي آهي ته جن شخص کي ضعيف ۽ مريض، موٽر ۽ مجو، الڏي منڌي اولاد ٿيڻ جو امڪان آهي، تنکي (Vascitomy) آپريشن ذريعي بار ڄڻڻ کان وانجهي ڇڏجي. از السواءِ ڪنهن به جوڙي کي ايترا ٻار ڄڻڻ نه ڏجن جو انهن جي ماءُ ضعيف ۽ مريض ٿي پوي، يا انهن جي پالنا لاءِ وٽن پورو پئسو نه هجي. وگيان جم روڪ ۽ رٿا انوسار ڪٽنب

(Mechanical or muscle power) جي ضرورت آهي.
انهيءَ ڪلاس جي آدمين ۾ اهي ٻه اچي وڃن ٿا، جن جي
ڪم ۾ عقل ۽ تميز جي خاص ضرورت ناهي پوءِ ڪٿي
ظاهري ريت هؤ لکڻ يا نقل ڪرڻ جي ڪرت ۾ مشغول
هجن. (٢) دماغي يا ذهين يا خيالي (Cerebral) آدمي-
اُهي شخص جن جو شغل سوچ ويچار ڪري ۽ عقل ۽ تميز،
علم ۽ تجربي جي آڌار تي نتيجي تي پهچڻ آهي. ڪي
ٻه شخص جي اهڙن ڪمن ۾ رڌل آهن، جن ۾ ربر چاپ
والگر نپوهٽڻو ناهي، مگر پنهنجو عقل هلائي ڪاٽ ڪوٽ
يا جوڙ ضرب ڪرڻي آهي، سي انهيءَ طبقي ۾ اچي
وڃن ٿا. (٣) سماجي (Social) اهي شخص جن جو سياو
رلڻو ملڻو آهي، ۽ بنا هڪڪ هر نوع جي ماڻهن سان لهه
وچڙ ۾ اچي، ماڻهن لاءِ ڪم ڪري خواهه ماڻهن مان ڪم
ڪڍي ڄاڻن (٤) جمالي (Aesthetic) اهي شخص جن جي
طبيعت نهايت نفيس ۽ حساس آهي، ۽ جي ڪلا ۽
ڪاريگريءَ، نزاڪت ۽ حسن جي تخليق لاءِ ڪارائتا آهن.
اهي خصلتون توري ڪي گهٽي مقدار ۾ سڀني ۾ موجود
آهن، مگر انهن مان خاص قسم جي وصفن جي غلبي مان
ئي ماڻهوءَ جي جنس پرکي سگهبي. اسان کي ڏسڻ گهرجي
ته ڪهڙو ماڻهو ڪهڙي جنس جو آهي. جيڪڏهن هؤ
پنهنجي همجنسين کان پنهنجي شغل ۾ افضل آهي ته هنکي
ٻين جي رهبريءَ جو ڪم سونپڻ گهرجي. جيڪڏهن لائق
ماڻهوءَ کي گهٽ لياقت رکندڙ جو زيردست بڻائبو، ته ان

روشن ۽ خوشحال ٿي نہ سگھندو، نہ کي اُھا ٻين قومن
اڳيان ڪنڌ ڪڍي سگھڻ جھڙي ٿيندي.

ٽين ڳالھ جا ياد رکڻ لائق آھي سا اِھا نہ ملڪ جي
بھترين دولت الي جا ماڻھو ئي آھن ۽ سنسار جا پدارٿ
اُھن ماڻھن جي ڪم آڻڻ لاءِ خلقيا ويا آھن. اڄ اسين شين
جو ملھ سڃاڻون ٿا، مگر ماڻھن جو قدر نہ ٿا ڪريون. مثلا
ڪپڙي ٺاھڻ لاءِ اميريڪن يا مصر جي ڪپھ جي ڪاشت
ڪرڻ ۽ ڪارخانن ۾ پورجي لڳائڻ واجب سمجھون ٿا، مگر
ڳوٺن ۽ شھرن ۾ ڪھڙي جنس جا ماڻھو ڪپن، تن لئي
ڌيان ئي نہ ٿا ڏيون. نتيجو اھو ٿو نڪري جو لکين ماڻھن
جي زندگي ضايع ٿي ٿئي، ۽ باقيمت مان جو لاڀ وٺي
سگھجي سو پوري پر ٻنڌ نہ ھئڻ سبب نہ ٿا وٺي سگھون.
قدرت سڀني ماڻھو ھڪ جيتري مٽيا جا پئدا نہ ٿي ڪري.
امڪان آھي تہ نرڪ ڪنبين ۽ ٻزارين ۾ ريل ڇيل اھڙا
ماڻھو ملن، جي ترپيت ملڻ سان آئنسٽائين يا ائڊيسن،
شيڪسپيئر يا ويدوياس بڻجي سگھن. مولي اڪثر سمنڊ
جي تري ۾ سپ جي پيٽ ۾ ٿيندا آھن. باقي ڪن ڪچر
ئي ڀڪندڙ متاڇري ٿي پيو چلڪندو آھي. لازمي آھي
تہ ٿئين دنيا جي اڏڻ ۾ اسين اھي لڪل مولي ڳولي
لھون. قدرت ھر ڪاري لاءِ خاص طبيعت جا ماڻھو پئدا
ٿئ ڪري. جي تلھي ليکي ڇڻن پاڳن ۾ وراھي سگھجن
ٿا. (۱) پورھيت - اھي شخص جي جسمالي پورھئي جي
ڏاتو جا آھن ۽ جن جي پورھئي ۾ فقط بازن جي سگھ

۾ اهڙن ليڊرن جو ڪارڻ ۽ الهيءَ ختم ٿيل سمجهڻ گهرجي.
ائين ناهي ته هر ڪو ڪامياب جرنيل ملڪ جي پرڌان ٿيڻ
جي لياقت رکندو يا هر ڪو پرڌان ڪامياب جرنيل بڻجڻ
جي. موجوده دنيا جي بدقسمتي آهي جو طاقت ۽ اختيار،
ڌن دولت ۽ مال ملڪيت، سنستائون ۽ سماجون اهڙن
ڪم چلائو ماڻهن جي هٿ ۾ آهن، جنکي اِنساني جيون
جي مقصدن ۽ انهن کي حاصل ڪرڻ جو نه ڪي پورو
گيان آهي، نه ڪي سندن طبعي رغبت ۽ ذهنيت اهڙي
آهي جو منش اُڌار ۽ سماج سڌار جو ڪم ڪري سگهن.
اڪثر ليڊر هڪ قسم جا گهورڙيا آهن، جي 'ڪوئي لٺ ڏي
هيڏ ڏيئي آءٌ ۽ پساريءَ' واري ڪار ڪري وڏا هوڪا
ڏئي ماڻهن کي گمراهه ٿا ڪن، ۽ خاصقيلين ۽ چاپلوسن جا
گروهه ناهي گهڻو وقت پنهنجي طاقت قائم رکڻ ۾ ضايع ٿا
ڪن. اهڙن ليڊرن ڏاران نئين دنيا جو بنياد بڌي نه
سگهبو. ارمان ته وومت شاهي ۽ لوڪشاهي هڪ اهڙو جڏو
سرشتو آهي، جو قوم جي ڪارڻ جي ذميواري ڪنهن جي
سر ئي ناهي، ۽ ڪهڙو به بي جوابدار ۽ خود غرض
شخص آسانيءَ سان لوڪن کي گمراهه ڪري يا پئسي ۽
جٿي بنديءَ جي زور تي ميدان ماري سگهي ٿو. انهن
حالتن ۾ تبديل اچڻ گهرجي ۽ ووٽ ۾ طبعي ليڊرن
جي چونڊ ڪري ڪين ته بيت ڏيڻ گهرجي، ۽ سندن لياقت
۽ اخلاقي همت انوسار ئي پدوي ڏيڻ گهرجي. اهڙي
ڪارڻ لاءِ چونڊ (Election) عيوض چانٽ (Selection)

مان اهو ڪم آ، وني سگهبو، جو هون ۾ هؤ خوشيءَ سان ڪري ڏيکاري.

قدرت هر گروهه ۽ قوم ۾ طبعي ليڊرن جي چٽ تي ڪري، جي عوام جي رهنمائي ڪن. اِها غلطي آهي ته ليڊر هڪ ئي قسم جا ٿيندا آهن. درحقيقت سياسي ليڊر ڪا اهڙي قيمتي وٿ ئي ناهن، جو انهن کي ايڏو چوٽ چاڙهيو وڃي. سماج کي گهڻن قسمن جي ليڊرن جي ضرورت آهي، جي ذهني ۽ فڪري، هنري ۽ زرعي، آرٽ ۽ سماجڪ وغيره کيترن ۾ رهبري ڪن. اهڙا ليڊر ڳوٺ ڳوٺ، ڳلي ڪوچي، پراڻت پراڻت ۾ ڳولي لهڻ گهرجن، ۽ ٻالڪ اوستا کان وٺي انهن جي خاص پرگهور لهڻ گهرجي. اهو تڏهن ٿيندو جڏهن هر هڪ ٻالڪ جو منڍ کان ئي رڪارڊ رکيو ويندو، ۽ هر هڪ ٻالڪ کي ان جي سڀاوَ ۽ لياقت آهر سکيا ڏني، ان جي لڪل مٽيا کي نروار ڪرڻ جي ڪوشش ڪبي. باقي جيڪي شخص رڳو پئسي جي ٻل يا آڪهه ۽ عهدي جي زور يا پارٽي بازي ۽ هو هو دنيادارن ليڊري ٿا هٿ ڪن، سي واقعي سماج لاءِ لاڀدائڪ ناهن. امڪان آهي ته جنگ يا آپدا وقت، ملڪ کي آزاد ڪرائڻ يا مهاماريءَ کان بچائڻ لاءِ ڪي شڪتي شالي پرش نڪري اچن، ليڪن اهو ڄاڻڻ گهرجي ته اهڙا شخص اهڙين خاص حالتن لاءِ ئي ڪارگر آهن، ۽ جهن صورت ۾ جنگ ۽ مهاماري ڪي انساني زندگيءَ جون جٽادار حالتون ناهن، تهن صورت

اخلاق ۽ ذهين شخص جو ٽرسٽ (Brain trust) ناهي، ملڪ جي بهبوديءَ جي يوجنا انهن جي حوالي ڪئي وڃي، ۽ پڻ يو- اين - او (U.N.O) معرفت سرود يسڪ گيان منڊل برپا ڪري سڀني ديسن لاءِ دنيا جي علم ۽ هنر، تجربي ۽ ڪاريگريءَ جو ذخيرو ميسر ڪيو وڃي. باقي سڪڻن ڪم چلائو يا ٽپتائي شخص کي قوم جي ڪنڌ تي سوار ڪرڻ ديس سان ويساهه گهاتي آهي. رواجي ڪاروبار هلائڻ لاءِ ڪٿي به ماڻهن جي ڪمي ناهي، نه ڪي چترائي ۽ حرفت کي اهڙيون خصلتون آهن جن دئاران ڪو دائمي ڪار يه سڌ ڪري سگهجي. اهڙن ڪم ٽپائو ٽڙ پياڪن ۽ دلالن، يور تي هنبوڇي هڻندڙن ۽ انڪلن شڪلن سان گمراهه ڪندڙن جي ڪُت خلق جي هٿ ۾ قوم جي قسمت جي واڳ سونپڻ نهايت خطرناڪ ڪم آهي. ليڊر پڪش پات کان آجو ۽ نيڪ اخلاق، ٻدوان ۽ وشال هردي جو سوامي هئڻ جڳائي. اهو ڪافي ناهي ته هُو خود چريتروان هجي، مگر اهو پڻ ضروري آهي ته هُو چريتر هيڻ شخص کي اوڏو اچڻ نه ڏي. ازانسواءِ ليڊر فولادي مادي جو نهيل هئڻ گهرجي، جئن طوفاني ساگر جا لوڏا ۽ بُحران (Crisis) جون پائنتيون ۽ ڪنتايون هن کي ڏوڏي نه سگهن. ليڊري لچڪڻ جو پيشو ناهي. ليڊر جي اکيان قومي آئنده جو چٽو درشيه هئڻ گهرجي، ۽ منزل مقصود تي پهچڻ لاءِ صحيح طريقن جو علم. پوئلگن

وڏيڪ ڪارگر آهي، جا جاڙو ۽ بيريا ماڻهن معرفت ڪرائڻ جو پربند ٿيڻ گهرجي. مثلا اهو غلط طريقو آهي ته خاص امتحان ڏيڻ يا مقالو لکڻ سان کهنڪي (PH.D) ڊاڪٽر جي ڊگري ڏجي يا پارٽيءَ ۾ رسوخ سبب کهنڪي وزير بڻائجي. ڊاڪٽر جي ڊگري انهن کي ملڻ گهرجي، جن ڏهه ويهه سال ڪنهن ڪيتر ۾ ڪم ڪرڻ سان پاڻ ملهايو هجي ۽ وزير به اهوئي بڻجڻ گهرجي جو ڪاتي سان لاڳاپو رکندڙ ڪرمان پورو واقف هجي. نه فقط ايترو، مگر مٿيان عهدا ۽ رتبا فقط انهن کي ملڻ گهرجن، جن کي گهڻن علمن خواهه انساني گهرجن جو گيان آهي، ۽ سڪٽي ماهر واري يڪطرفي ڄاڻ ۾ جي اوڻايون آهن تهن کان آجا آهن. اسان کي اهو چٽيءَ ريت سمجهڻ گهرجي ته لوڪشاهي ليڊريءَ جي پد کي منسوخ نه ٿي ڪري- بلڪ لوڪشاهيءَ ۾ گهڻن ليڊرن جي ضرورت آهي، جي جدا ڪيترن ۽ ڪارين ۾ قوم جي رهنمائي ڪن. وگيان ويد اهڙن ليڊرن جي اُپائڻ لاءِ گرپ وديا ۽ پال پالنا، خاص نموني جي سکيا ۽ چالت (Selection) جو مشورو تو ڏي، ۽ آگاهه تو ڪري ته پرچار ۽ پوسٽر، پٽسي ۽ جٿي بنديءَ جي آڌار تي ليڊر چونڊڻ نه فقط ملڪ بلڪ دنيا لاءِ خطرناڪ عمل آهي. ليڊر طبعي رغبت ۽ اخلاقي همت، ذهني لياقت ۽ عملي تجربي جي آڌار تي چونڊجڻ گهرجن، ۽ اهڙي چونڊ جو ڪم قوم جي روشن دماغ ۽ حق شناس ماڻهن معرفت ٿيڻ گهرجي. بهتر ٿيندو ته راجيه راجيه ۽ راشٽريه راشٽريه ۾ ليڪ

نيمن سمجهڻ لاءِ اهڙو پريوگ ڪبو ته اسين انهن جي چال
چلگت تي ڪنٽرول وجهي، ٻنهي گهرج مطابق انهن
کي ڪم آڻي سگهنداسون. جيڪڏهن هيءَ دنيا اخلاقي
مريضن ۽ روحاني روڳين، لڪرن ۽ پُوڪن جو بهشت بڻائڻي
ناهي ته منش سڀاءُ ۽ چال چلگت جو وگياني نموني ابياس
ٿيڻ گهرجي، ۽ اشراف ۽ نيڪ انسان کي هن دنيا ۾ ڏُنيءَ
ڏُنيءَ مٿي ڀچاٽا آرتيون ڪرڻ عيوض هنن لاءِ سهوليتون
ميسر ڪرڻ گهرجن، جنهن هو پاڻ لاءِ خواهه ٻين لاءِ سکدائڪ
جيوت جو واهڻ بڻجن. موجوده سرشتي هيٺ نيڪ اخلاق
نهايت مهانگي وٿ آهي ۽ بداخلاق دنيا جي هر نعمت
جو باعث. اهڙي سرشتي کي سميٽي اهڙي ذهنيت ۽
رسم رواج، قاعدو ۽ عمل جاري ڪرڻ گهرجي جو نيڪي
ڪندڙ يا سداچاري پرش کي پرلوڪ جي وهمي وٺڪت
ڏام تي لٽڪڻو نه پوي، ۽ نيڪيءَ يا نيڪ ڪارين جي
سر انجاميءَ سان اهڙو ئي لاڀ ملڻ گهرجي، جهڙو
ڪارخاني ۾ فولاد پيدا ڪرڻ يا معدنيءَ ۾ مال وڪڻڻ مان
ٿو ٿئي. هڪوار ائين ٿيو ته لوڪ بديءَ جي ٻوءِ به سهي
نه سگهندا ۽ ان مان سراسر نقصان ڏسي ڪنارو ڪري
ويهندا. پڪ ڄاڻو ته سداچار جي اوسر لاءِ سماج سهڪار ۽
حڪومت جي پٺڀي اهڙا ئي ضروري آهن، جهڙو ڏوهن
کي روڪڻ لاءِ پوليس ۽ قيدخانا. ٻيءَ صورت ۾ جي قوم
۽ قوم جا ڪاروباري خود دراچاري آهن ته سماج انيڪ
آپدائن ۾ مبتلا ٿي ويهندي، ڇاڪاڻ ته دراچار پليگ يا

جو پنڌ ۽ پارٽي پارٽين جو پنڌ، ڪم چلائو ۽ ٺپائو ٺپتائي
ليڊر ٿيڻ جي لائق ٿي نه آهي. جيسين لوڪشاهيءَ اهڙو
ڪو طريقو ڳولي نه لڌو آهي جو ملڪي مفاد کي سگهڻي
پارليامينٽري ذميواريءَ تي ترجيح ڏي، تيسين ڪو به
سياسي انتظام ڪامياب ٿي نه سگهندو. اهو غلط آهي ته
عوام جي حقن جي حفاظت سگهڻي ووٽ ڏيڻ وارن ڪري
سگهجي ٿي. جيئنا ابوجهه ۽ جاهل، روٽيءَ لنگوٽيءَ لاءِ
وهڻ ڳهڻ ۾ مشغول هئڻ سبب آسانيءَ سان گمراهه ٿي
سگهي ٿي. لازمي آهي ته انهن جي حقن جي حفاظت
جا رکپال تيار ڪيا وڃن، جي نه فقط لوڪن جي رواجي
گهرجن پورين ڪرڻ ۾ ماهر هجن، مگر سندن ذهني ۽
اخلاقي، آرٽڪ ۽ سماجڪ اُڌار ۾ پڻ واهر ڪن ۽ هن
نهايت غليظ ۽ بداخلاق دنيا کي بهتر بنائڻ جا واهڻ ٻنجن.

وگيان جي سکيا آهي ته گپت شڪتي جهنکي ايشور
يا الله جي نالي پڪاريو وڃيٿو، سا جڳت جي هر اَڻوءَ ۾
وياپڪ آهي، تهنڪري انهيءَ شڪتيءَ جي اُڻ ٽڻ جاڻڻ
لاءِ پريوگ شالائون هئڻ گهرجن، جن ۾ ابياس ڏيڻ وارن اسين
سچيوَ خواهه ترجيو جي چال چلگت جا ليمر ڳولي لهون ۽
انهن کي پهنجي ڪرتارت ۽ بهبوديءَ لاءِ ڪم آڻيون.
هن وقت اسين انهيءَ ابياس ڏيڻ وارن ڪيترن ٻوٽن جي
مرض تي ضابطو رکي زمين جي اُپت وڌائي سگهيا آهيون
۽ خود ماڻهن جي ڪيترين بيمارين تي قبضو ڪري چڪا
آهيون. خاطري آهي ته جيڪڏهن هر وستوءَ ۽ جيءَ جي

وگيان ويهين صديءَ جي دنيا کي طيارن ۽ ٽاڙُن، ريڊيو ۽ دوردرسني دٺاران هڪ گهر جهڙو بنائي ڇڏيو آهي. امڪان آهي ته ائٽامڪ شڪتيءَ ذريعي جبل ٽاڪي ريل رستي ٻاقي اڻ ڳنڍيل ملڪ ڳنڍي ڇڏجن ۽ بيابانن ۾ ساوندي پاڻي آڻي سگهجي. اهڙي زماني ۾ پراچين سڀيتا جي لباڙ ڏيڍر واري ٽان ٽان برابر آهي. سچ ته دنيا اندر ڪو اهڙو ملڪ ئي ڪونهي، جهن ڪنهن سمي ڪو اوج نه ماڻيو هجي. موجوده علم سيني جي ڳڏيل محنت جو نتيجو آهي. ازالسواء قوميت، جا نيپولين جي لڙاين پڇاڙيا جاگيرداريءَ عيوض پونجي واد جي پيداش آهي، تهنجي آپي شاهيءَ ۽ خود غرضيءَ ئي روڪ وجهڻ گهرجي. هيلتائين دنيا گهڻن ئي دؤرن مان لنگهي آهي ۽ قوميت پڻ هڪ اهڙو ئي دؤر هو.

هلندڙ حال ۾ قومن جي انتهائي تقاضائن ۽ خود غرضيءَ تي بندش وجهڻ ضروري ٿي پئي آهي. خاص ڪري گذريل ٻن عالمگير جنگين ۽ ويهين صديءَ جي پونجي واد ۽ امپيريلزم ثابت ڪري ڏيکاريو آهي ته انتها درجي جي قوميت انسان ذات لاءِ گهاتڪ آهي. موجوده دنيا ۾ نه فقط انتر راشٽريه سهڪار جي ضرورت آهي، مگر انترديسڪ جهڳڙن نبيرڻ لاءِ عدالت جي پڻ. ساڳي وقت وگيان کي سهڪاري نموني ڪم آڻڻ جي ضرورت آهي. ڏٺو ويو آهي ته ڪيتريون ئي ايجادون جن مان انسان ذات لاڀ وٺي سگهي ٿي سي قومي مفاد لاءِ مخفي رکيون وڃن

ڪالرا جهڙو ئي مرض آهي، جو پس پيش قومي زوال ۽ ذلت جو ئي باعث ٿيو.

ڪن جو چوڻ آهي ته لوڪشاهي "يٿا راجا تٿا پرجا" جي اُبتڙ "يٿا پرجا تٿا راجا" جو سرشتو آهي - يعني ته جهڙو عوام جو آچار ويچار ۽ چرتر هوندو، اهڙي ئي حڪومت ٿيندي ۽ ٿيڻ گهرجي. اهو عقيدو واقعي گراوٽ ۽ گمراهيءَ جو عقيدو آهي. دنيا جي ڪنهن به ديس جي پرجا اهڙي روشن دماغ ۽ خوش اخلاق، سگهڙ ۽ سمجهو آهي ئي ڪانه، جو ان جو نقل ڪرڻ سان سڌاري جي اميد رکي سگهجي. جي پائي مرچومل ۽ گهسيٽارام اهڙا عاقل هجن ته هوند حڪومت هلائڻ جي ضرورت ئي نه پوي. هر جا عوام نه فقط اقتصادي مگر اخلاقي ريت به گهڻو پوئتي پيل آهي. هنن کي بهتر جيون جي سکيا جي ضرورت آهي، ان لاءِ سرڪار کي ئي سهوليتون ميسر ڪرڻيون آهن. اهو تڏهن ٿيندو جڏهن ليڊر پرجا جي پوئلڳي ڪرڻ عيوض ان جي پيشوائي ڪندا.

ورلڊ مان يڳ جي سرڪار ملڪ جي پيش رو علمبردار ۽ قطب نما ٿيڻ جڳائي ۽ ڪيڏيءَ مان پٺتي لهارڻ عيوض سدائين اڳيرو نظر ڊوڙائي، "آڳي قدم بڙهائو" جي حامي هئڻ جڳائي. اهڙي قسم جي سرڪار ئي پٺتي پيل ملڪن جي گراوٽ کي اُوچتا ۾ تبديل ڪري سگهي ٿي. واقعي وگيان اهڙي اُلم ڪار، جو سهاڪ ۽ ساڃي ٻانهن آهي.

جو باعث آهي. انهيءَ ڪارڻ اها پڪ ڄاڻڻ گهرجي تہ
اينڊرٽيگ ۾ سرود يسڪ سهڪار ۽ انتظام اهڙو ٿي پختو
ٿي ويندو، جهڙو هن وقت قومي جوڙجڪ ۽ سنگهٽن
آهي.

ڪي اڄاڻ ٽيڪنالاجيءَ جي غلط استعمال جي ملامت
وگيانين تي وجهندا آهن. هو نہ ٿا ڄاڻن تہ ڪي بہ وٿون
بذاتِ خود نہ ڪي خراب آهن نہ ڪي چڱيون. شين جو
صحيح يا غلط استعمال ئي انهن مان چڱائي يا برائي پيدا
ڪري ٿو. مثلا سينيما ذريعي سکيادائڪ فلمون بہ ڏيکاري
سگهجن ٿيون تہ ماراماريءَ ۽ ڌاڪوپڻي جون بہ. اهو فلم
اسٽوڊيوز تي منحصر آهي تہ ڪهڙي قسم جون فلمون
ٿا ڪڍن. موجوده زماني جي وڏي خامي اِها آهي جو
ڌن دولت، طاقت حڪومت، هر شيءِ جي اُپائڻ جا وسيلا
۽ ڪم آڻڻ جا واهڻ اهڙن ماڻهن جي هٿ ۾ آهن، جي
نہ ڪي وگيان ۾ ماهر آهن نہ ڪي ڪنهن رٿا الوسار سماج
سڌار جا ڪانڪي. باقي گياني وگياني بي سرو سامان هئڻ
سبب اڪثر مجبور آهن تہ پورهيتن جيان پنهنجو علم ۽
هنر وڪڻي پيٽ پوڙائو ڪن. جيسين اها حالت آهي
تيسين دنيا جي بهترين دماغن خواهہ وگيان جي نعمتن مان
سماج کي پورو لاڀ ملي نہ سگهندو. هوئن بہ وگياني
ڪي فلاسافر نہ آهن. هو لوهار ڪنڀار يا ڪيميادان وانگر
ڪاريگر ۽ ماهر آهن. سماج جي ڀلائي انهيءَ ۾ آهي تہ
گيانين ۽ ويچاروانن خواهہ ماهرن جي سهڪار جو پورو

تيون، بلڪ خود ملڪ اندر مدت خارج ڪارخانن کي قائم
رکڻ لاءِ عمل ۾ آنديون نه ٿيون وڃن. روس جي ترقيءَ
جو مول ڪارڻ اهو به آهي، جو اُتي ڪي اهڙا شخصي
يا گروهي مفائد آهن ئي ڪو نه، جي ملڪ جي ترقيءَ
جي آڏو اچي سڌريل طريقن ۽ اوزارن جي مخالفت ڪن.
ازانسواءِ اهو گناهه آهي جو هڪڙا بک پيا مرن ته ٻيا نفعي
نه ملڻ سبب ڪڻڪ ساڙي ڇڏن. پونجي واد ماڻهن جي
ذهنيت اهڙي ڪري ڇڏي آهي جو نفعي خور سستي
مال وڪڻڻ عيوض ساڙي ڇڏڻ پسند ٿا ڪن. انهيءَ
ڪارڻ بنيادي ضرورتن جي شين سان گڏ خود سائنس
کي به سوشلائيز ڪرڻ گهرجي، جنهن بنا دير ۽ هرج جي
هرڪو ان مان فائدو وٺي سگهي. هتي ممڪن ناهي ته
سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ ۾ ترقيءَ سبب جن راجنيتڪ آرٿڪ
سماجڪ تبديلين جي ضرورت آهي، تن جي وچور ڏجي.
انهيءَ ڪارڻ ايترو اِشارو بس آهي ته جيڪڏهن هن
صديءَ جي ختم ٿيڻ کان اڳ سموري دنيا جو ڪاروباري
ڍانچو تبديل نه ڪيو ويو، ته وڏي ظلم مچڻ جو امڪان
آهي. ايندڙ زماني ۾ اهو هرگز برداشت نه ڪيو ويندو ته
هڪڙا آفريڪا، آسٽريليا، سائوٿ اميريڪا جهڙن وڏن
کنڊن تي دابو جمائي، ڪتي وانگر 'نه ڪي گاهه پاڻ کائي
نه ڪي ٻين کي کائڻ ڏئي' واري خود غرض پالسي قائم
رکي سگهندا. ائٽامڪ شڪتيءَ جي ايجاد ڪمزور جي
هٿ ۾ به اهوئي هٿيار ڏنو آهي، جو زوراور جي زور ۾

گهرجي.

پيو نہ چئني ريت سمجهڻ گهرجي تہ وگيان ڪال ۾ سداچار جي معنيٰ ساڳي ناهي جا اڳ هئي. اڳ ڪو بہ شخص جو پڌ شتر جيان پرمپرا جي ريت نيت انوسار ورتندو هو، سو ڌرماتما سمجهو ويندو هو. هيئنر بہ اهي شخص جي ڪتن کي پورپون، ڪولين کي کنڊ ۽ ڇرڻ کي پستن جو حلوو کارائيندڙ آهن سي دائي ليکجن ٿا، ۽ اهي شخص جي جيوَ رکيا تي اُپديش ڪندي سوچن ٿي تہ ٿا نہ ايترن جيون يا جانورن جو پالن پوشن ڪيئن ڪري سگهبو، سي ڀلا لوڪ سمجهيا وڃن ٿا. ليڪن وگيانڪ درشٽي اهڙي ظاهري ڀلائي ۾ انيڪ برايون ٿي ڏسي. وگياني وچار جو ماڻهو دان ڏيڻ عيوض ماڻهوءَ کي ڪم ۾ لڳائي ٿو جو آرٿڪ مسئلو حل ڪرڻ جو حامي آهي، ۽ بکايل رولو ڪتن کي مارائي ڇڏڻ جو حامي. وگياني سداچار سڪٽي ڀاوَ يا جذباتي لهري وهنٽو ناهي ۽ زندگيءَ جي گنڀير معاملن جو حل ٿورن شخصن جي ريڪ يا پورالي طبيعت يا شيءِ ڀاونا معرفت ڳولي نہ ٿو لهي. وگياني مت انوسار سمجهہ ئي سداچار آهي. جو شخص پنهنجو عقل هلائي نہ ٿا سگهنديءَ سماجڪ مسئلن جو جٽادار حل ڳولي لهي ٿو، ۽ عقل انوسار ئي سماج ۾ ورتي ٿو، سوئي سداچاري آهي. ورتمان سمي جو ڌرم ڀاوڪ نيتي (Morality touched with emotion) ناهي. ڏٺو ويو آهي تہ اهڙو ڌرم حياتيءَ جي مشڪل مسئلن کي حل ڪرڻ کان عاجز آهي. وگياني

پرہنڌ تيڻ گهرجي ۽ ملڪي ڪاروبار اهڙن شخصن جي هٿ ۾ سپرد ڪيو وڃي، جي دماغي خواه اخلاقي ريت اعليٰ ترين هستيون آهن. هينئر ڏنامت ومت ۽ اختيار آهي سياسي اڳوان جي هٿ ۾. باقي گرومهراج گرهه خاطر پٽي نپرڻ لاء آهي. منومهراج برهمڻن کي شرومڻي بڻايو، چاڪاڻ ته برهمڻ گيانـي ۽ ستپرش تصور ٿـي ڪيو ويـو. هينئر بـه اهڙي برهمڻ ڪلاس يـا سامـوُراء (Aristocracy of the ethically & intellctually advanced) جي ضرورت آهي. ٻوڌين جي سنگهه خواه اخوان ملت (Elder brothers) خواه رازدان مرڪز (esoteric circle) تاهڻ جي مراد ٻي اِها هئي ته ٻاهرئين اڊمبر جي پٺيان ڪي اهڙيون جبريون ۽ روشن دماغ هستيون هئڻ گهرجن، جي عارضي مطلبن ۽ ڪم چلائو ڪارين کي زندگيءَ جي اعليٰ مقصدن ۽ لوڪ اُڌار جي رٿائن تي ترجيح نه ڏين. البت اهڙا شخص ڪنهن خاص جاتيءَ يا ڏروهه، پارٽي يا پنٿ مان چونڊڻ حماقت ٿيندي. اسين چاڻون ٿا تـه چرتر ۽ يوگيتا، گيان ۽ ڪشلتا ڪنهن خاص جاتيءَ يا پارٽيءَ، مذهب يا فرقي جو ورثو ناهن. آڳاٽن آچارين اِها ڀل ڪئي جو جات پات يا اصل نسل جي آڌار تي سماج کي تقسيم ڪيائون. ورتمان يگ ۾ قابليت ۽ نيڪ اِخلاق، وشال درشٽي ۽ شپ ڀاونـا، ڪشلتا ۽ يوگيتا کي ٿي سرپشت شمارڻ گهرجي، ۽ انهن گڻن سان ڀرپور ويڪتين کي ٿي قوم جي ڪشتيءَ جو سڪاني بنائڻ

ڌرم ڀاوڪ گيان (Intelligence touched with emotion) جي حمايت ٿو ڪري، ۽ بنا سمجهہ ۽ سوچ ويچار جي رڳو ڪي عمل کي هاڃيڪار ٿو ڄاڻائي. لاشڪ آڳاٽن سنتن مهاتمائن جي ڀاونا شيءِ هئي ۽ سنسار جي دکہ گهٽائڻ ۽ ڪشت ڪليش جي نورت ڪرڻ لاءِ جي هنن يتن ڪيا، تن لاءِ اسين سندن ٿورائتا آهيون. گذريل زماني ۾ نيڪمالاجيءَ ايتري ترقي ني ڪانہ ڪئي هئي، جو جيون جا اهنج نورت ڪري سگهجن. انهيءَ لاءِ هنن کي ڏوهہ ڏئي نہ ٿو سگهجي. موجودہ زماني کي سنت جي ڀاوڪ هردي گيانيءَ جي مغز ۽ وگيانيءَ جي هنر جي ضرورت آهي. انهن جي ميلاپ سان ئي دنيا جا مسئلا حل ٿي سگهندا. اسين خوش نصيب آهيون جو موجودہ علم ۽ هنر اسان کي پلن لوڪن جي سونهري سپنن ۽ ڌرماتمائن جي جگري اڀلاکائن کي عملي جامو پهرائڻ جو موقعو ٿو ڏي. وگيان بهتر بشري جنس ۽ انسان جي رهڻ لائق دنيا جي سرشت جي سامگري ميسر ڪئي آهي، جا سرو هتڪار جي ڪارڻ ۾ لڳائڻ سان ئي مانو جاتيءَ جو ڪلياڻ ٿيندو.

بسنت

سماپت

Printed & Published by Mellaram M. Vaswani
at the Sunder Printing Press Kasiar Gunj Ajmer.